1998 में सिंधु युथ सर्कल दादा जे नाले में जिमखाना जो मुर्हुत कयो। उन वक़्त दादा जी शख़्सियत ते ऐं वक़्त बि वक़्त दादा जे बारे में सिंधी विद्वाननि ऐं आलमनि - सियासतदाननि कहिड़ा राया ड्रिना आहिनि, उन्हनि जी थोरे में विचोड़ थो ड्रियां।

1. लाल कृष्ण आड्डवाणी, डिप्टी प्राइम मिनिस्टर: अप्रेल 2011 में दिल्लीअ में दादा ख इनाम वक़्त चयो त दादा सिंधी क़ौम जो अमूल्ह हीरो आहे, जंहिंजे नसुनि में सिंधियत कोटां कोट भरियल आहे।

2. राम ज़ेठमलाणी: 2007 में ग्लोबल सिंधी अवार्ड ड्रियण वक़्त जड्डहिं दादा जो 80 जन्म दिन हो , 18-2-2007 ते अंधेरी क्लब में अवार्ड ड्रींदे चयो,मां पक्के सिंधी, पंहिंजे महिबूब, सिंधियुनि जे ब्रोलीअ जे रखवाले दोस्त खे अवार्ड ड्रींदे फ़ख़ुर थो महिसूस करियां।

3. नारी गुरसहाणी : मुंहिंजो दिलबर दोस्त, हू हिक महान दानवीर, बिरख वापारी, समाज सेवक ख़ुदा तरस इन्सान आहे। चवंदा आहिनि हिन जी रग़ु रग़ु में सिंधियत भरियल आहे। अहिड़नि शख़्सनि खे सिंधी जातीअ खे नाज़ु आहे।

4. राम पंजवाणी : दिलबर दोस्त, दिलदार, दानवीर, संदसि अर्ज़ ते, या चओ, हुकुम ते , सर्कल जे सिंधु भवन उद्घाटन में डुबई खां सीड़ी मोकिलयाईं ऐं चयाईं, तव्हां असां जा सरमोर ऐं सिंधियत सिंधु भवन तव्हां जे शुभ हथनि सां मुहुर्त थियण घुरिजे, न करे सघियुसि।

5. शेख़ अयाज़ : डुबई में बिनि मुलाक़ातुनि में हेठियों शइर चयो, उहो सेठ सिंधी मूरज- जेतिरो मेवो वधीक ओतिरो झुकियल-तहज़ीब सां- नवड़ित सां भरपूर- नालो अथिस मूरज।

6. हूंदराज दुखायल : भाउ मूरज जे नाले जिम जो नालो रखी रहिया आहियूं।। जंहिं लाइ मूं खे घणो प्रेम आहे, आदर आहे, जेको माठि ई माठि में सिंधी समाज जी तन, मन, धन सां सेवा करे रहियो आहे।

7. गोबिन्द माल्ही :सिंधियुनि जे लाइक़ शख़्सियत जी क़दुरदानी आहे ऐं बिए तरफ सिंधियुनि जे तन, मन खे सिंधियत में लग॒ण जो कार्य सरअंजाम आहे।

8. सतीश रोहिड़ा :सिंधियुनि में धनवान त घणा ई, शाहूकार तमाम थोरा। धनवान उहो आहे जंहिं वटि धन आहे, पर शाहूकार उहो आहे जंहिं वटि शाह जहिड़ी दिल बि हुजे। भाउ मूरज लाशिक शाह जहिड़ी दिल रखंदड़ शाहूकार आहे। धनवान खे शाहूकार थियण जी सलाह ड॒िनी आहे।

लाल पुष्प, जयराम रोपाणी, ब॒लदेव मटलाणी, हरी मोटवाणी, एम.कमल, कीरत ब॒ाब॒ाणी, ठाकुर चावला, नंद छुग॒ाणी, प्रेम तोलाणी, शंकर लालवाणी, राम जवहराणी, सिंधी अकाडमी मोतीलाला जोतवाणी, दिल्ली, विशनी ईसराणी गांधीधाम जो मेयर, गायक कलाकार पिण काफी कुझ मूरजमल जे संदेश में चयो।

पहिरियों लेख ''सिंधुअ'' में 1986 में दादा ते सुंदर डंगवाणीअ पारां आयो, उहा मैगज़ीन दादा खे अर्पण कई वई हुई। जंहिं में लिखियो वियो, अदब नवाज़ दोस्त मूरज मंघनाणीअ खे जंहिं जी सुझ बुझ सिंधी साहित्य , कला ऐं संस्कृतीअ में हिकु भेरो वरी नयी जान फुके रही आहे।

1987 ''सिंधु'' (Sindhu) जे कवर में दादा खे सिंधियत जे वण जो मज़बूत ड॒ेखारियो वियो आहे। 1995 जो ''सिंधु''(Sindhu) परचो शादीअ जो Golden Jubilee में अर्पण कयो वियो। 1998 जो परचो जिम वक़्त अर्पण ऐं 2005 जो परचो शादीअ जे डायमंड जुबलीअ ऐं 2006 सिंधियत कल्चर जो संदसि शुभ हथनि सां मुहुर्त। अजु ही सेमीनार संदसि 89 जन्म दिन जे मौक़े ते हिक सच्चे सिंधियत जे सिपह सालार खे सलामी आहे, असां पारां , सिंधु युथ सर्कल पारां।

**आख़िर में**

ब॒िनि शख़्सनि मुंहिंजी ज़िंदगीअ ते गहिरो असर छड़ियो आहे। हिकु प्रोफेसर R.V. Sitaram (T.I.F.R जा) जंहिं रोज़ी रोटी न छिनी वञे; उन लाइ मूं जहिड़े Millitant युनियुनि लीडर खे काफी भेरा डिसमस थियण खां बचायो। मां ऑफीस में घटि, पब्लिक फील्ड में वधीक वक़्त ड॒िनो। हुन मूंखे बर्दाशत कयो ऐं पंहिंजो पुट समझी ज़िंदगीअ में क़दम क़दम ते रहनुमाई कई। जंहिं लाई मां कुझु बि करे सघां थो।


ब॒ियो शख़्स दादा मूरज मंघनाणी, जंहिं पिण सिंधियत में मूंखे गाइड कयो। पग॒ पग॒ ते रहनुमाई कई। मूंखे हर कार्य में मदद ऐं कडहिं पैसे जी खोट जो अहिसास न थियण ड॒िनाईं। मूं ते खेनि विश्वास हो। मां संदसि पाछो आहियां, सिक्के जो बियो पासो।मूरज वटि जन्म त न वरितो, पर मां पिता समान समझयो आहे ऐं उन जो को बि फरमान मूं लाई आज्ञा जो पालन करण जे बराबर आहे। पर अजब इहो आहे जो दादा कड॒हिं कंहिं बि ग॒ाल्हि में मूं मथां ज़ोरबार न आंदो। कडहिं पेरे पवण न ड॒िनाईं। पंहिंजी भाकीअ में रखियो अथाईं। मूं खे दादा लाइ पाण खां वधीक इज़त आहे ऐं बस !!

**(''सिंधु'' (Sindhu)तां खंयल- 2016)**

◆◆

# ڀائي مورجمل - هڪ انوکي شخصيت

## ✍ موهن گيهاڻي



ڀائي مورجمل جي شخصيت جو هڪ ئي لفظ ۾ بيان ڪجي ته اُهو لفظ آهي ”شهاڻو“ . هو صاحب انوکي شخصيت جو مالڪ هو جنهن ۾ شنشاهن جي سخاوت جو گُڻ ته هو پر هو حليم ۽ ضرورت واري شخصيت جو مالڪ پڻ هو. ڪيس هڪ جوهري جي نظر هوندي هئي ۽ هو شخص کي پريان ئي سڃاڻي وٺندو هو. جنهن شخص ۾ هُن ڪو گُڻ ڏٺو ته ڪيس پنهنجي شخصيت جي دائري اندر آڻي ڇڏيندو هو ۽ پنهنجو ڪري ڇڏيندو هو.

ڳالهه ڪيائين ته جڏهن ڪاليج ۾ پڙهندو هو ۽ هو موڪل تي گهر ويو ته ڪيس ٻڌايو ويو ته سندس شادي طئه ٿي وئي آهي ۽ ائين ڪاليج جي شاگردي واري عرصي ۾ ئي هو شاديءَ جي ٻنڌن ۾ اچي چڪو هو. ورهاڱي کان اڳ هو زميندار نظام هو جنهن ۾ هو نپنيو ۽ وڏو ٿيو.

جنهن وقت هو دبئيءَ ۾ آيو. اُن وقت دبئيءَ ۾ رڻ پٽ هو ۽ رواجي طور دبئيءَ ۾ شخصي طور واپاري واپار ڪندا هئا، پر سندن ڪمپنيI.T.L (آءِ.ٽي.ايل) ڪنهن هڪ شخص جي ڪمپني نه هئي، پر هڪ لميٽيڊ ڪمپني طور هئي. جيڪا اُتان جي لحاظ کان نئين ڳالهه هئي ۽ ڪيس اُتان جي حاڪم کان ڪمپني هلائڻ لاءِ پروانو وٺڻو پيو. اُن وقت دبئي هڪ ننڍو شهر هوندو هو ۽ ۽ اهڙي طرح ڀائي مورجمل شهر جي بنيادي حالتن جا سور ۽ سختيون سڀ سنا ۽ اڳتي هلي ڪيئي هندستانين جي اهم ڪمپني ٺاهيو ۽ بلنديءَ تي رسايو جو هتي ذڪر ڪرڻ ضروري نه آهي.

هو سياستدان نه هو، پر سندس دل ديش ڀڳتي سان ڀريل هئي. هوندراج دکايل جو سنڌ ۾ ئي هڪ قومي شاعر طور ناموس ماڻي چڪو هو. جنهن جي سنگت جو مٿس گهرو اثر هو. جنهن ڏينهن راجيو گانڌيءَ کي بم سان اُڏايو ويو اُن رات سندس گهر ۾ دعوت هئي. سندس موت جو ٻڌي هن اُها دعوت رد ڪئي ۽ مهمانن کان معافي گهري. آديپور ۾ نه صرف گهر ٺهرايائين پر اُتان جي مڪاني سنستا کي پڻ مدد ڪندو رهيو ۽ اُتان جي معزز رشتن کي مانُ ڏيندو رهيو. جڏهن هو پاڻ ايندو هو ته ٻين معزز رشتن کي مانُ ڏيندو رهيو. جڏهن هو پاڻ ايندو هو ته ٻين مغز رشتن کي پاڻ وٽ گهرائي محفل سجائيندو هو. اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ سان ڪيس چاهه لڳاءُ هو، هن اُن سنستا کي اپنايو ۽ خاص مربي ٿيو. مالي لحاظ کان سنڌالاجيءَ کي پنهنجن پيرن تي بيهارڻ جي مڪمل ڪوشش ورتي هن جي اثر ۽ رسوخ ڪري دبئيءَ مان سنڌالاجيءَ تي ڳچ چندو مليو جنهن مان هو پنهنجي جاءِ جوڙائي سگهيا ۽ اڄ پڻ سنڌالاجي سنڌي ساهت ۽ ڪلچر ڪيتر ۾ فنلائتو ڪم ڪري رهي آهي.اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو هو مربي رهيو ۽ ليکڪن کي همٿائڻ لاءِ هر سال انعام ڏيندو رهيو. اُلهاسنگر جي سنڌو يوٿ سرڪل جو پڻ مربي رهيو ۽ اُتي پڻ هن دل کولي مدد ڪئي. هڪ ڳالهه جا خيال ۾ رکڻ جوڳي آهي ته هن جي مالي مدد ڪنهن به شرط کان سواءِ هوندي هئي. هن ڪڏهن به مالي مدد جي عيوض ڪنهن به سنستا تي ڪنهن به قسم جو زوربار نه آندو ۽ سنستا جي عهديدارن کي مڪمل ڇوٽ هوندي هئي.

مان پاڻ کي نصيبن وارو ٿو سمجهان ته اهڙي شخص جو مونکي وشواس ۽ پيار مليو ۽ سندس مانائتي يادگيري منهنجي من ۾ رهندي.

◆◆

شرڌانجلي

# سدا حيات ڀائي مورجمل منگھناڻي

✍ لکمي ڪلاڻي



مورج منگھناڻي



لکمي ڪلاڻي

اها سچ پچ مون لاءِ وڏي خوشنصيبي هئي جو مونکي ڀائي صاحب جھڙي اعليٰ درجي جي مٺيا واري لاثاني شخصيت جي گذريل اڌ صديءَ کان ويجھي صحبت نصيب ٿي هئي، مون ڪيس پنھنجي زندگيءَ جو آدرش مڃي، هن جي نقش قدمن تي هلڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي، پر گھڻو چاهيندي بہ سندس جُتي ۾ پير نہ پائي سگھيس.

منھنجو هيءُ مربي ڀاءُ نهايت ئي سُلجھيل دماغ وارو ديرينو ، سنجيدهہ سياءُ وارو، هڏ ڏوکي مهاپرش هو. پيشي طور هو دبئيءَ جي هڪ وڏي فرم I.T.L جو چيئرمن هو. پر شيواڌاري طور سندس نالو ڪيترين ئيسنڌي سنستائن سان جڙيل هو. کين پنھنجي سنڌي ٻولي ۽ سنسڪرتيءَ سان بيحد گھڻو لڳاءُ هو. هن دلي طور چاهيو پئي تہ اسان جي سنڌي سڃاڻپ برقرار رهي. پنھنجي سنڌيت کي بچائي رکڻ لاءِ اسان کي هر ممڪن اُدم ڪرڻ گھرجي. سنڌي ڀاشا، ساهت، ڪلا ۽ ڪلچر کي وڌائڻ ويجھائڻ لاءِ جوڳا اُپاو وٺڻ گھرجن.

اها حقيقت آهي تہ دبئي کان هانگ ڪانگ تائين جيڪي سنڌ ورڪي واپاري ۽ ڪارخانيدار آهن، ڀائيءَ جي معتبري جي ساک قُهليل آهي. هرڪو هن آبرودار هستيءَ کي وڏي عزت جي نگاهہ سان ڏسندو رهيو آهي. هو وقت جو پابند ۽ زبان جو پڪو هو. اسڪولن، ڪاليجن، ناري شالائون ۽ بين سنسڪرت جي ڪارين لاءِ مدد ڏيڻ کان ڪڏهن بہ ونءَ نہ ويندو هو. دبئيءَ جا دلدار سنڌي ڪڏهن بہ کنهن گھرجائو سنڌيءَ کي هو ستائيندا ناهن. سنڌيءَ جي برک شاعر ڪشنچند بيوس جا هي لفظ سندن دلين تي اُڪريل آهن:

”خلق خدمت کان ڀانيان نہ ٻي ڪا بندگي بھتر.“

وڪيومل شراف هجي، ديال هرجاڻي هجي يا ڊاڪٽر رام بخشاڻي هجي، سندس سڀ ساٿي سڏ ۾ سڏ ڏيندا رهيا آهن. پنھنجو اهو فرض پاليندي، پُڄ ڪمائيندا رهيا آهن.

ايشور سيني کي اهڙي سُمت ڏيندو ۽ من جي شانتي بخشيندو.

اوهانجو دعاگو

لکمي ڪلاڻي

◆◆

# آسانجو دادا مورج منگھناڻي

✍ آشا چاند



آشا چاند

ماڻهو مڙيئي نہ ماڻهو، پکي مڙيو ئي هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ، اچي بوءِ بهار جي

سدا حيات دادا مورج منگھناڻي اسان جي سنستا جو چيئرمن هو. سال 2000 ۾ دادا، ڊاڪٽر موتي پرڪاش ۽ مون گڏجي سنڌي ٻوليءَ کي انٽرنيٽ ۽ ميڊيا ذريعي وڌائڻ جي خيال کان هن (NGO) سنستا جو پايو وڌو. دادا کي 50 سال ٿي ويا هئا ۽ هو هر بزنس مئن کي سڃاڻيندو هو. اسان کي سنڌس اها ڳالهہ ڏاڍي وڻي جو جڏهن بہ سنڌي سنگت جا ڪلچرل پروگرام ڪندا هئاسين تہ پئسي ڏوڪڙ لاءِ سپانسرشپ لاءِ سدائين سنڌيت سان خاص دل رکڻ وارن جو ڏس پتو ڏيئي همٿائيندو هو.

سال 2007 ۾ جڏهن چيومانس تہ دادا اُردو ۽ سنسڪرت پروگرام دوردرشن تي اچن ٿا تہ پوءِ سنڌي ڇو نہ؟ ڪريون ڪوشش، لکون خط . تہ يڪدم چيائين، ها بلڪل سنڌي چئنل لاءِ رام جيٺملاڻيءَ کي چئون. هن جي دل ۾ سنڌي ٻولي، ڪلا ۽ ساهت لاءِ پيار ۽ عزت هئي. هن مندرن، ٽڪاڻن، سنتن ۽ بيمارن جي مدد کان وڌيڪ پنهنجي ٻولي ۽ سڃاڻپ قائم رکڻ لاءِ ، هر ڪلاڪار کي ساراهيو، پروگرام ڪرڻ لاءِ، ڪتاب ڇپائڻ لاءِ، ٻيا سهڻا ڪم ڪرڻ لاءِ چندو ڇيرو ڏنو. هن جي خيال ۾ مندرن، اسڪولن، سنتن ، ٽڪاڻن لاءِ تہ گهڻائي ماڻهو پيا مدد ڪن پر پنهنجي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ماڻهو مشڪل ئي ٿا ملن جي دل سان هٿ وڌائين.

دبئيءَ ۾ هن ڪيترائي سنڌي ڪلچرل پروگرام ڪرايا. پروگرام جي ٻئي ڏينهن تي سڀني ڪلاڪارن کي پنهنجي گهر مانيءَ تي گهرائيندو هو ۽ شهر جي ٻين معزز مهمانن کي بہ ڪوٺ ڏيندو هو. 1954 ۾ دادا مورج دبئيءَ ۾ هڪ اسٽنٽ جي روپ ۾ آيو. پنهنجي لگن ، محنت ۽ ڪوشش سان ڪمپنيءَ کي وڌايائين. Cosomos وچ بزار جي ڪنڊ تي شاندار آفيس ٿي پئي. جنهن جو دادا چيئرمن بڻيو. دبئيءَ ۾ انڊين هاءِ اسڪول ۽ انڊيا ڪلب جو بہ چيئرمن ٿيو. 1960 ۾ اهي ٻئي بلڊنگون نهيون. دبئيءَ ۾ چيٽي چنڊ جو پروگرام هر سال ٿيندو هو. جنهن ۾ بہ هن ڀرو ورتو ۽ سنستا 'آسين سنڌي' جي زير سعايي ٻوليءَ کي همٿائڻ جا سهڻا يتن ڪيا.

هند ۾ بہ هن ڪيترين ئي سنڌي سنستائن کي مدد ڪئي. اخبارن کي اشتهار ڏنا. انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي آديپور جو بہ هو چيئرمن ٿيو. ساڌو هيرانند نولراءِ اسڪول جي مدد ڪيائين. آديپور ۾ دادا پنهنجو بنگلو نهرايو. جتي هو هر سال ويندو هو. اسپتال بہ آديپور ۾ نهرايائين، جيڪا هاڻ سنڌس پٽ چندر وڌيڪ Update ڪرائي آهي. انجو نالو مورج منگھناڻي رکيو آهي. گانڌيڌام جي مئتري منڊل جو پريزيڊنٽ هو. 4 سال اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا سان بہ جڙيل رهيو. هر سال اُتي 25000 رپين جو انعام ڏيندو هو. جنهن ۾ ساهتڪار کي ساهت اڪادميءَ جو انعام ملندو هو.

سنڌو يوٿ سرڪل ، سنڌونگر کي مالي امداد ڏني اٿائين ۽ اها سنستا بہ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪم ڪري رهي آهي.

اسان کي دادا مورج منگھناڻيءَ تي وڏو فخر آهي. سڄي جاتيءَ کي اهڙي اعليٰ شخصيت تي ناز آهي. اسان کي دادا هميشهہ ياد رهندو.

◆◆

# نالو مورجمل ....

✍موتي پرڪاش

داد مورج سان منهنجي واقفيت اِجهو هيئن ٿي: 1976 جي ڊسمبر مهني ۾ ڊُبئيءَ مان نيند آئي. الله توهار ڪري هوائي جهاز ۾ چڙهي پيس. اُهو منهنجو پهريون هوائي سفر هو. ۽ پارٽ جي پوميءَ تان نڪري ٻيءَ پونءَ تي پهريون قدم هو. هوائي جهاز صبح جو اٽڪل اڍائي بجي ڊبئي ايئرپورٽ تي پهتو.

ساڳئي ڏينهن صبح جو آٺي هڪ هند ڪمري ۾ چڏيائون. ڏاڍو ٿڪل هوس. ڪمري مان ٻاهر نڪري ڏٺم ته سمجهيم ته يا ڪنهن هوٽل ۾ آهيان يا ڪنهن گيسٽ هائوس ۾.

شام ٿي هڪ ملازم تي نظر پيئي. هن ئي مون کي منجهند جي ماني پهچائي هئي. پناڻ هو. همت ڪري سڏيومانس. چيومانس، ’يار، مونکي ٿوري برانڊي کپي. ڏاڍو ٿڪل آهيان.‘ هُن حيرت مان مون ڏي نهاريو. جواب ڏنائين : ڏسان ٿو.

اَڌ ڪلاڪ ۾ هوُ ريڊ لبيل وسڪيءَ جي هڪ بوتل ۽ هڪ ٻه گلاس کڻي آيو. وسڪي گلاس ۾ وجهي هڪ ڍُڪ چاڙهيم، ٻيو چاڙهيم. ملي ته برانڊيءَ جي بدران وسڪي هئي، پوءِ به پيتم ته مزو آيو.ڪڏهن ڇُڪي چاڙهڻ جي عادت ڪانه هئم. ڪلاڪ ڏيڍ بعد اُهو ملازم وري آيو پڇيائين، ’صاحب ڪجهه ٻيو کپي.‘ چيم، ’نه، پر تو پيسا ته ورتا ڪين.‘ چيائين، ’حضور ، پيسا ڪيئن وٺندس. سيٺ جي گهران کڻي آيو آهيان.‘ پڇيومانس: ڇا هي گيسٽ هائوس يا هوٽل ڪانهي؟

چيائين، ’سائين، هي آهن آءِ.ٽي.ايل جا اسٽاف ڪوارٽرس. سيٺ جو گهر پرسان آهي.‘

منهنجا تاڪ لڳي ويا. پڇيم: ڪهڙو سيٺ؟ جواب مليو: سيٺ مورجمل.

مان ته شرم وچان سُسي ويس. سوچيم ته پائي مورجمل سان منهنجي پهرين واقفيت جو اِئين ٿئي ته مان اسڪول جو پرنسيپال ته آهيان پر پيئندڙ ڪائيندڙ به آهيان، سو چڱو ڪين ٿيو!

چوڏهن ڏينهن ڊُبئيءَ ۾ هوس. دادا مورجمل سان ٻه ٽي پيرا گڏيس پر لڄ وچان ويس سوڙهو ٿيندو. مڃاڻ پُڇي وٺي ته اوهين پيئڻ جا شوقين ٿا ڏسجو، ته مون کي ته ڌرتي به جاءِ نه ڏيندي.

پنجويهه سال ڊُبئيءَ ۾ رهيس پر هن ته ڪڏهن ڪين پُڇيو، ڪين پُڇيو.

پنجويهه سال مون دوريءَ تان ويجهائيءَ تان دادا مورج ي ڏٺو. ميڙن ۾، گڏجاڻين ۾، پارٽين ۾ ۽ ميٽنگن ۾ مون ڪڏهن ڪونه ٻڌو ته ڪنهن کيس مورجمل سڏيو . سڀ سڏيندا هئس مورج. دستوري خط لکي ته به صحي ڪري مورج - نه مورجمل.

ڊُبئيءَ ۾ گبر سينيون آهن. گهٽن جي ٽوپي ٽنڊ تي هوندي آهي- ڏيکاءُ به ڪندا. ڊبڊٻو به ڏيکاريندا ۽ ڳالهائيندا اِئين ڄڻ هوا ۾ پيا هلن. دادا مورج جا پيرمون زمين ۾ کُتل ڏٺا، اَڌ انچ به زمين کان مٿي نه. پوءِ به ڪنهن کي صلاح سولي ڪرڻي هجي ته ڊوڙ دادا مورج تائين. ٽيليفون تي يا روبرو. سوچيندو، وري سوچيندو. ٽڏي تي جواب نه ڏيئي سگهندو ته ترسي ڏيندو، پر اُها صلاح هوندي ديريني، اُبهري نه.

اسڪول جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ هئي. صدر هو دادا مورج. بحث مباحثي هلندي، مون اسڪول جي هيڊ ماسٽر مسٽر شاهه جي ڪنهن رايي تي ناراضپو ڏيکاريو، پر اوچي آواز ۾. دادا مون ڏانهن نهاري چيو، ’موتي پرڪاش، مسٽر شاهه جو مطلب اِهو تہ ڪونہ هو.‘

بلڪل ننڍو جملو، گنڀير ۽ اَثردار. مون تي جڻ جادو ٿي ويو. مون اُٿي مسٽر شاهه کان معافي ورتي. وري اَهڙي نوبت ڪڏهن ڪانہ آئي. پاءُ صديءَ جو عرصو وڏو آهي. مون کي اَهڙو ڪوبہ واقعو ياد ڪونهي جو هُن ڪنهن تي ڏمر ڪيو هجي. ڳالهہ نہ وڻندس تہ بہ چُپ رهندو. جواب ڏيندو تہ بہ اَهڙو، جو اَڳلو پاڻ کي پشيمان نہ سمجهي . اِهو وڏو گُڻ آهي.

ليکڪن، ڪلاڪارن، ايماندار سماج شيوڪن سان سندس اَزلي موهہ آهي. هڪ پيري ڪنهن ليکڪ دوست جو ذڪر نڪتو، جنهن کي هُن تمام گهڻي مدد ڪئي هئي پوءِ بہ هُن ڪنهن کي نہ ٻڌايو هو. چيومانس، ’دادا، اوهان اُن ماڻهوءَ کي ڪونہ سڃاتو آهي؟‘ جواب ڏنائين، ’سڃاتو ٿيمانس، پر مان سندس چاهڪ آهيان.‘ ۽ وقت آيو جو اُن يار پنهنجي مخزن ۾ ڪيس برو ڀلو چيو. پوءِ بہ دادا مورج جي واتان مون اُن احسان فراموش شخص لاءِ ڪو گُهٽو لفظ نہ ٻڌو آهي. هوُ گڻ گراهڪ آهي. عيب ڪنهن ۾ نہ آهن. ياٽي مورج جي نظر تہ اَڳلي جي لياقت ۽ سٺائيءَ تي پوندي. اهو سندس ٻيو گڻ آهي.

نارايڻ شيام ۽ تنوير عباسي دُبئيءَ ۾ آيا هئا. ڪلاڪين دادا جي آفيس ۾ وٺي ويئي. هوُ دبئيءَ کان ٻاهر ويل هو ۽ هنن سان گڏجي نہ سگهيو. اُن جو کيس وڏو افسوس هو.

2005 ۾ ممبئيءَ ۾ اِنٽرنئشنل سنڌي سميلن ٿيو، جنهن جو هرتا ڪرتا هو شري رام جوهراڻي. رام جوهراڻيءَ جو خط آيو تہ مان اُن موقعي تي پيپر پڙهان. مون محنت ڪري پيپر تيار ڪيو ۽ کيس ڪوريئر ۾ اي-ميل ذريعي موڪليو. ٽيليفون تي - تصديق ڪيائين ۽ وري چيائين تہ پيپر توهان کي روبرو اَچي پڙهڻو پوندو. سميلن ۾ ويس ڏسان تہ پروگرام ۾ موتي پرڪاش بدران ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ جو نالو! جوتواڻيءَ جو مان آدر ڪندو آهيان. هُن پيپر پڙهيو سو تہ سٺو ٿيو پر مهاشيہ رام جوهراڻيءَ کي اهو لحاظ ڪونہ پيو تہ ٻڌائيم تہ منهنجي بدران هن ڊاڪٽر جوتواڻيءَ کان ڪيئن پيپر پڙهايو. ڳالهہ ننڍي آهي، پر شناخت جي ڪوتاهيءَ جي آهي. دادا مورج جيڪر اِئين ڪڏهن نہ ڪري!

ٻئي طرف دادا مورج سميلن کي مالي مدد تہ ضرور ڪئي هئي، پر سندس شرط اِهو تہ سڀني ليکڪن ۽ ڪلاڪارن کي نيئڊ ڏني وڃي ۽هنن کان ادائي هزار ڊيليگيٽ في نہ ورتي وڃي. اِها آهي شناخت، اهو آهي قدر، اها آهي اديبن لاءِ عزت، جيڪا هُن جي من ۾ آهي.

اسٽيج تي وچين ڪرسي واري، هارن جا انبار پهرائي، فوٽا ڪڍائڻ وارا مون گهڻا ڏٺا آهن. مکيہ مهمان هوندا تہ تقرير اُها ڪندا ، جنهن جو اُنڊ نہ مُنڊ. اوهين مورج کي ڪرسيءَ تي ويهاريندا تہ ڏاڍو بيچئن نظر ايندو، سندس ساراهہ جا ٻہ لفظ ڳالهائيندا تہ سُسي سوڙهو ٿيندو. فوٽوگرافر فوٽا پيو ڪڍندو تہ دادا ڪنڌون پاسا پيو وٺندو. نہ مشهوريءَ جو موهہ ۽ نہ نالي جو شوق. اِهو سندس ٽيون گُڻ آهي.

مون سنڌي ڏنوانن ۾ اِهو ئي هڪ شخص ئي ڏٺو آهي جيڪو سمجهندو آهي تہ مندرن،

تڪاڻن، ڌرمشالائن ڪي مدد يلي ڪجي پر اُن ڪان وڌو فرض تہ اسان تي آهي اُنهن سنستائن جو جيڪي جاتيءَ، ٻولي، ساهت ۽ ڪلا ڪي اوچ ڏيڻ جو ڪم نشڪام نموني ڪن ٿا.هن جو ويساهہ آهي؛ تہ ليکڪ ۽ ڪلاڪار جاتيءَ جو سرمايو آهن ۽ اُنهن جوقدر ڪرڻ آهي سماج جو قدر ڪرڻ. اِنڊين انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي (آديپور) ۽ سنڌو يوٿ سرڪل (اُلهاسنگر) ان جا مثال آهن.

سدا حيات شيخ اَياز پنهنجي پٽني زرينا سان ڊُبئي آيو هو. هوُ اُتي اَسانجو مهمان هو. هوُ صرف بہ پيرا دادا مورج سان گڏيو. هڪ پيرو نندي ميڙ ۾ ۽ ٻيو پيرو دادا جي گهر، منجهند جي مانيءَ جي دعوت تي. بس... هُنن کي ڊُبئي ايئرپورٽ تي روانو ڪري آياسين تہ ٻئي ڏينهن دادا مورج مون کي گهرايو. پڇيائين، ’موتي پرڪاش ، اَياز جا ڪيترا ڏينهن هتي رهيو. تنهن جو هوٽل ۾ رهائش جو خرچ ڪنهن ڀريو؟‘

مون جواب ڏنو. ’دادا اَسان.‘

هن چيو تہ ’اِهو تہ ٺيڪ نہ ٿيو. آئينده ڪوبہ ليکڪ ،شاعر، ڪلاڪار ڊُبئيءَ ۾ اَچي تہ اُهو اسانجو مهمان ٿيندو. هن جو آدر ستڪار ڪرڻ اَسانجو فرض آهي. آئينده اِئين نہ ڪجو.‘

اِهو دستور دادا جو پٽ چندر بہ پارٽ ۾ نباهيندو ٿو اچي. سندس هوٽل روز ووڊ سنڌ مان چاهي هند مان آيل سنڌي ليکڪن جي ڀليڪار ڪندي آهي.

اَياز ڏاڍو خوددار شخص هو. هُن ڪنهن جي ساراهہ ۾ قصيدا ڪونہ لکيا آهن. هُن پنهنجين لکڻين ۾ فقط ٻن شخصتين جو ذڪر ڪيو آهي. بابا ئي سنڌ جي جي.ايم. سيد ۽ سوڀي گيانچنداڻيءَ جو. پر هُن دادا مورج جي شخصيت کان متاثر ٿي هڪ بيت لکيو جيڪو سندس شعرن جي مجموعي ۾ ڇپيل آهي.

هي جو سنڌي سيٺ آ، نالو آهي مورجمل
تنهن ۾ جيڏو ڦل
تيڏو نوڙي ٿو ملي

نياز، نئڙت، حليمائي، شناخت، ساڃاهہ، سيني جو آدر، ٻين جي ڪمزورين کي نظرانداز ڪري فقط سندس گڻن جو قدر ڪرڻ، ڪوڙي آڊمبر ۽ ڏيکاءَ کان دور رهڻ. اِهي هڪ سنيءَ شخصيت جا گڻ آهن. مون کي اِهي گڻ دادا مورج ۾ نظر آيا آهن.

◆◆

## غزل - رُئل

✍ دولت راهي

1. يار موڪلائڻ جو، پي ڪيو جڏهن سعيو
مان تڏهن مِلڻ پهتس، شرم کي مون پرچايو
2. ايترو تہ ياد آيو، ڪجهہ تہ وسري ويو آهي
پر ڇا وسري ويو آهي، سو ٻنهہ نہ ياد آيو
3. ڪمري ۾ اچي ٻينس، هاڻ سوچ ۾ آهيان
چاجي لاءِ آيس هت، ڊُنڊ سوچ تي ڇايو
4. نيٺ اچ ڪرڻ وارا ڪم لکي، پنو سانديم
شهر ۾ ڏنم ڪيسا ۽ مٿو ٿي چڪرايو
5. عمر هاءِ ! مونسان تو، آهہ جهڙي ويدن ڪئي
ڇا پلا تو سيني جو من ائين ئي ڀرمايو
6. ڪُلِ ملائي خوش آهيان، جو بہ ٿيو سنو ئي ٿيو
دير ٿائين ڪنهن دک جو پڻ نہ ٿو رهي سايو
7. چڏ ڪٽي اِهي ماڻا، پرچ او رئل راڻا
ٿو لڳيم راهي، ڪنهن توکي آهہ پڙڪايو.

◆◆

# دادا مورجمل منگهناڻي

✍ هري چوئٿاڻي



مورج منگهناڻي

قدرت جي اُپايل ھِن ڌرتيءَ تي پانت پانت جا اديت
۽ بيشقيمتي گڻن سان پرپور پدارٿ ملن ٿا.

ساگر جي گهرائيءَ ۾ موتي ماڻڪ
ڌرتيءَ جي گرڀ ۾ قسمين قسمين هيرا جواهر ۽ قيمتي ڌاتو
زمين تي امرت روپي جَلُ توڙي زنده رهڻ لاءِ هوا جا پندار.

اِهي سڀ امولھ هوندي بہ اِنهن جي گڻن جي ڪٿ ٿئي ٿي.
پر سڀ کان الوڪڪ رچنا جا ڌرتيءَ تي بڻائي وئي آهي
اُهو آهي انسان، جنهن جي گڻن جي ڪٿ ئي نہ ٿي ڪري سگهجي

ائين تہ هر اِنسان ۾ پل ئي ڪي نہ ڪي گڻ رهن ٿا، پر اهڙا بہ اِنسان
ٿين ٿا جا پنهنجي گڻن جي آڌار تي آڪاش جي اونچاين کي
ڇُهن ٿا ۽ پنهنجي يوگدان سان ديش توڙي قوم جو ڳاٽ اونچو ڪن ٿا.

دادا مورجمل منگهناڻي جن بہ اهڙيءَ ئي شخصيت جا مالڪ هئا
جن لاءِ بي جهجهڪ ڪوئي بہ چوندو تہ اسان کي
اسان جي قوم کي، اسان جي ديش کي اهڙيءَ شخيت تي ناز آهي.

سنڌ ۾ سنڌي هندو پنهنجي زمين سان جڙيل هئڻ ڪري هڪ ئي مالا
۾ پويل هئا. ورهاڱي کان پوءِ پارت ۾ اچي ڏاڙو ڏاڙو ٿي ويا
نہ اُهي پنهنجون جائدادون رهيون نہ پنهنجي زمين ۽ نہ ئي پنهنجي
سرڪار. ٻولي جا قوم جو روح ٿئي ٿي. ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ جا
قوم جي سُڃاڻپ ٿئي ٿي سي آهستا آهستا پنهنجو وجوُد وڃائڻ لڳيون

اهڙي وقت دادا مورجمل منگهناڻي، شري گوبند مالهي ۽ دادا
هوندراج دکايل جن مان پريرڻا پائي سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت
جي واڌاري لاءِ جيڪي قدم کنيا سي بيشڪ ئي لاثاني ۽ اڻ وسرندڙ آهن.

سنڌين ۾ هوئڻ تي گهڻيئي دانوير آهن، جن اسڪول، ڪاليج، اسپتالن
توڙي مندر نهرائي سنڌي سماج جو ڳاٽ اونچو ڪيو آهي،
پر تن پاران سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت جا سموري سنڌي سماج جي وجود
لاءِ بي حد ضروري آهي اُن تي سندن ايترو ڌيان نہ رهيو آهي

دادا جن انهن ڳالهين کي پرکي ورتو ۽ اُن ڏس ۾ ساهتيڪارن،
ڪلاڪارن ۽ فنڪارن جن ۾ هُن کي سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت جو آئينده
نظر آيو توڙي سنڌي سنستائن جن جو موُل مقصد سنڌي ٻولي
۽ سنڌيت کي وڌائڻ جو ۽ نئين ٽهيءَ کي اُن ڏانهن مائل
ڪرڻ جو هو، اهڙين سنستائن ۽ شخصيتن کي دل کولي مدد ڪئي ۽ همٿايو.

ايتري قدر جو انهن لاءِ سِڪ، سِنيهه ۽ سَمرپڻ سندس سڃاڻپ بڻجي پيئي.

انسان ۾ مٺيا جون جهلڪيون تہ پيئي ڏينديون
پل وقت ٿورو لڳندو ظاهر نيٺ تہ ٿينديون
ڍڪ ۾ ڍڪي نہ رهنديون، رهنديون تہ ڪيستائين؟
ٻلبُل جي گل ڪان دوري رهندي تہ ڪيتسائين؟

جئين گلاب جي گل جي خوشبو کي قدرت جي هوا پنهنجو پاڻ ئي
ڦهلائي سڄي چمن کي سرهاڻ سان ڀري ٿي ڇڏي. تئين دادا
جن جي سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت لاءِ سمرپڻ جي سڳنڌ
ڏيري ڏيري سڄي ڀارت توڙي پرڏيهہ ۾ جتي بہ سنڌي رهن ٿا ڦهلجي ويئي.

سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت جي واڌاري ۽ ڦهلاءَ لاءِ
هن شخص نہ فقط پنهنجو يوگدان ڏنو پر پنهنجي هلنديءَ
انوسار گهڻن ئي ٻين دانوير دوستن ۽ پريوار وارن جو پڻ مارگ درشن ڪيو.

جي هن مان پريرڻا پائي اِن ڪم ۾ هن کي ساٿ ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهيا
سندس سُلجهيل خيالن، مانيٺو ۽ مِلنسار سڀاءَ ۽ محڪم ارادو
۽ يوگدان سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت جي واڌاري لاءِ هڪ وردان ثابت ٿيا.

سندس سُپاتر شري چندر منگهاڻي سندس نقش-اي-قدمن تي
هلي رهيا آهن ۽ پنهنجي پتا صاحبن جيان ئي سنڌي
ٻولي ۽ سنڌيت سان نياڻيندي سنڌي سنستائن ۽ ڪلاڪارن کي ٻئي
هٿ ڊگهيري مدد ڪري رهيا آهن. جن جو جيئرو جاڳندو مثال آهن
سنڌو يوٿ سرڪل - اُلهاسنگر
سنڌالاجي ۽ ملير - آديپور
گانڌيڌام متر منڊل . وغيرهہ

ٿوري ۾ هر سنڌي سنستا توڙي سنڌي ڊرامن ۽ ڪلاڪارن جي ترقيءَ ۾
هن شخيت جو سڌو يا اڻ سڌو يوگدان رهيو آهي.

◆◆

# دادا مورجمل منگھناڻي

✍ هري چوئٿاڻي



مورج منگھناڻي

شانتي ۽ شرڌا، رهي گُل ڪنول ۾
آ سرهاڻ نياري گلابن جي گُلَ ۾

رنگت پل گُلن جي آ وَڌِ هڪ ٻئي کان
مِلن گُڻ نہ ايڏا تا پر هڪڙي گُلَ ۾.

مگر ڳالهہ اِنسان سان لاڳو ناهي
ڪيئي گُڻ هو بيشڪ سگھي ٿو سمائي

لکن ۾ ملي لعل پر ڪوئي ورلو،
پنهنجي سد گڻن سان ٿو عزت جو پائي.

اَهڙي دادا جَنِ لئہ، شُڀ ڪامنائون
دادا مورجمل لاءِ گھڻيرون تا دُعائون

’هري‘ سُکُ، سڦلتا، صحت شل هوُ ماڻي،
جنم دن جي موقعي تي ڏيون ٿا واڌايون

’’سنڌو يوٿ سرڪل‘‘ اوهان سيني پاران
’هري‘ اَعليٰ شخصيت کي لکہ لکہ واڌايون.

**(دادا مورجمل منگھناڻي جي**
**86 جنم دن جي موقعي تي**
**هوٽل روزووڊ ۾**

◆◆

# سمتڪ- ڳالهہ

✍چندر تلريجا ’سچڻ‘

- ڳالهہ جيڪا دکي ڪري من کي
ڳالهہ ور ور اها ڪرين ٿو ٿو.
- ڪو تہ آهي مونکان پڇڻ وارو
يار ايڏي همت هلين ٿو ٿو
- ڳالهہ جيڪا صحيح هجي پل
ڪ
لاڀُ پنهنجو ڏِسي مڃين ٿو ٿو
- ڳالهہ تو آ پڇي ٻُڌائي مون
تون ٻُڌين جي نٿو پڇين ٿو ٿو
- ڳالهہ ڪائي رکين نٿو من ۾
راز ٻين جا گُجها سَلين ٿو ٿو
- ڳالهہ ساڳي بحثُ بِنا مطلب
حلُ جي ناهي دُکا هٽين ٿو ٿو
- تنگہ ڏاڍو مونکي ڪيو تي تون
پوءِ بہ منڙا ’سچڻ‘ وٽين ٿو ٿو.

◆◆

زندگيءَ جا خوبصورت
لمحا واپس ناهن ايندا
پر محسن ۽ مهربان
ماڻهن سان تعلقات ۽
انهن سان لاڳاپيل
سهڻيون يادون
سدائين دلين ۾ آباد
رهنديون آهن.
سدا آباد رهو.
آمين

◆◆

# موورج مل منگهناڻي I

## ✍ ٽي.وي. انٽرويو- رام جوهراڻي

ڌرتيءَ تي پراچين انساني تهذيب جي سڃاڻپ آهي سنڌ. سنڌ جنهن لاءِ جواهر لعل نهرو پنهنجي ڪتاب Discovery of India ۾ لکيو آهي ته مونکي فخر آهي ته مون اُن ڌرتيءَ تي جنم ورتو، جنهن سموري دنيا کي سڀيتا ۽ سنسڪرتي ڏني. هزارين سال اڳ جڏهن ٻين ملڪن جي ماڻهن کي پنهنجو جسم ڍڪڻ جي به خبر ڪونه هئي، غارن ۽ غفائن ۾ رهندا هئا. تڏهن سنڌ ۾ نهايت ئي عمدي قسم جو ڪپڙو اُڻيو ويندو هئو ۽ Export ڪيو ويندو هو.جڏهن ماڻهو چند ميلن جي فاصلي کي پرديس ڪري چوندا هئا، تڏهن اسان جا سنڌي هندو مال جا غوراب پرائي طوفاني سمنڊن جو سفر ڪندي پرڏيهه ۾ وڻج واپار ڪندا هئا.

اڄ ڌرتيءَ تي اهڙو ڪوبه ملڪ ناهي، جتي سنڌي ڪونه پهتا هجن. اڄ اسين سنڌي سرويچ پروگرام ۾ ملاقات ڪريون ٿا دبئيءَ کان آيل ناماياري شخصيت دادا موورج مل منگهناڻي صاحب سان دادا توهان جو سواگت آهي.

جوهراڻي : اوهين سنڌ جي ڪهڙي حصي سان وابسطہ رهيا آهيو؟

موورجمل : سنڌ ۾ ٽنڊو آدم ضلعو نواب شاهه ۾ 16 فيبروري 1927ع ۾ منهنجو جنم ٿيو.

جوهراڻي : دادا ٽنڊو آدم کي سنڌ جي ڪاشي ڪري سڏيو ويندو هو. اُتي توهان جو ڪهڙو ڪاروبار هئو؟

موورجمل : اسان جو ڪاروبار Cotton Ginning Factories ۽ Perssing Factories اسان جي وڏن کي هونديون هيون. هوم سيل ڪپڙي جو به ڪم هئو.

جوهراڻي : توهان جي تعليم!

موورجمل : ٽنڊو آدم ۾ اُن زماني ۾ پنجين درجي تائين اسڪول هوندو هئو. اُتي پنج درجا پڙهيو هوس. اسان کي جيئن ته Cotton Ginning Factories هيون، ته اُن جي sale ڪراچيءَ ۾ ئي ٿيندي هئي. تڏهن اسان کي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي Office هئي. پوءِ اسين ڪراچيءَ ۾ وڃي رهندا هئاسون. وڌيڪ تعليم اُتي ئي ورتي.

جوهراڻي : تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ اوهين ڪهڙو ڪاروبار ڪيو؟

موورجمل : مون تعليم پوري ڪئي ۽ شادي ٿي ته يڪدم ورهاڱو ٿي ويو.

جواهراڻي : اُن وقت واري آزاديءَ جي تحريڪ ۾ اوهان جي وڏن ڪجهه ڀاڱ ورتو؟

موورجمل : اسان جي فيملي مان هڪ شخص گهنشامداس منگهناڻيءَ حصو ورتو هئو. پوءِ

جيل ۾ بہ ويو هئو. آءٌ پاڻ بہ Studets Union ۾ Active هوس. جڏهن1942ع ۾ Quit India Movement پئي هلي تہ گانڌيجيءَ چرخا سنگهہ پيدا ڪيو هئو. چيو هئائين تہ توهان بلڪل Non-Political رهو. تڏهن چرخا سگهہ وارن اسان اسٽوڊنٽس جي ميٽنگ ڪوٺائي هئي. اُتي چيائون تہ Quit India تحرڪ ۾ اسان جا سڀ ماڻهو پڪڙجي ويا آهن. اخبارن تي Censarship آهي جنهن ڪري ماڻهن کي پوري خبر ئي ڪانہ پيئي پوي. تڏهن هنن چيو تہ اسين بليٽن ڇپي سگهون ٿا پر اُن جي سرڪيوليشن ۾ توهان شاگرد اسان جي مدد ڪريو. اسان پنجن- ستن دوستن گڏجي اها جوابداري کنئي. اسان کي هو صبح جو سوير اُهي بلٽين پهچائيندا هئا ، جيڪي اسين گهرن ۾ وجي ڏيئي ايندا هئاسين.

جواهراڻي : توهان ڪهڙي عمر ۾ شادي ڪئي هئي؟

مورجمل : مان سچ پچ تہ ٻال وواهہ جو هڪ Victim آهيان. ارڙهن سالن جو هوس ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هوس. ڏياريءَ تي ٽنڊو آدم ۾ مائٽن سان گڏ ڏياري ڪرڻ لاءِ ويجبو هو. ڏسان تہ منهنجو پيءُ منهنجي متي مائٽي جي پيو ڳالهہ هلائي. همت ٻڌي پيءُ سان گڏيس. چيومانس بابا! مونکي پڙهڻوآهي. مهرباني ڪري منهنجي مائٽيءَ جي ڳالهہ نہ ڪريو! منهنجي پيءُ کي ڏاڍو غصو اچي ويو. چيائين توکي وڏن سان ڳالهائڻ ۾ شرم نہ ٿو اچي. مون چيو مون بي ڪا بدفضليت جي ڳالهہ تہ ڪئي ڪانہ. پر منهنجي پيءُ کي ڳالهہ ڪونہ وڻي. هوُ اُٿي هليو ويو. مون بہ وري ڪراچيءَ لاءِ پيڪنگ شروع ڪئي. منهنجي ماءُ چيو تہ ڪراچيءَ ۾ تہ اسڪول ئي بند آهن. هتي ئي ڏياريءَ ڪر. بابا آيو، تہ اُن سان ڳالهہ ڪيائين. بابا مونکي گهرائي چيو تہ ٻڌو اٿم! تون ڪراچيءَ جون تياريون پيو ڪرين! چيائين ڏياري تي مائٽن سان ڪبي آهي. مون چيو، جيڪڏهن مائٽن کي اولاد لاءِ پيار ئي نہ هجي. تہ پوءِ رهي ڇا ڪبو! مان ڪراچي هليو ويس.

ڪراچيءَ ۾ اسان کي هڪ فلور تي آفيس هئي ۽ ٻئي فلور تي اسين رهندا هئاسون. هڪ ڏينهن اسڪول مان موٽيس تہ اسانجي منيب متي اچي چيو تہ سيٺ اوهان کي مٺائي کارائڻي پوندي! مون چيو، مان مڱيو آهيان ڇا؟ چيائين ها! ڪٿي؟ چيائين راءِ صاحب جمن مل وارا ٽنڊو جام جا، انهن مان سيٺ پيرومل جي نياڻيءَ سان توهان مڱيا آهيو، بس! اٿين مڱڻو ٿي ويو. شادي ڪيم، عمر ارڙهن سال منهنجي زال جي عمر چوڏهن سال، چيم تہ وري بہ انگريزن جو شڪرگذار آهيان، جن اهو قاعدو قانون آندو. چو تہ ياد پيو تہ منهنجي پيءُ جڏهن شادي ڪئي هئي تہ هوُ ٻارهين سالين جو هئو، ۽

منهنجي ماءُ ڏهہ سالن جي هئي. منهنجو پيءُ 16 سال ۽ ماءُ 14 سال جي هئي تہ منهنجو جنم ٿيو هو.

جواهراڻي : اُن وقت جي فيملي پلاننگ جو دؤر بہ نہ هو، تڏهن اها پيروي توهان ڪيئن ڪئي؟

مورجمل : اها بہ ڳالهہ صحيح آهي. چاڪاڻ تہ ننڍي عمر ۾ شادي ڪيم. 1945 ۾ تڏهن 1947 ۾ پهريون ڀار ٿيو. 1949 ۾ ٻيو ٻار ٿيو. مون چيو تہ هن حساب سان تہ ڪرڪيٽ ٽيم تيار ٿي ويندي. سو مان چوندو هوس تہ چاچو نهروءَ فيملي پلاننگ پوءِ سوچي، مون ان کان اڳہ سوچي هئي.

جواهراڻي : آزاديءَ جي تحريڪ دوران ڪڏهن اوهان کي اهو ويچار آيو تہ اها آزاديءَ اسان سنڌين لاءِ بدقسمتي آڻي سگهي ٿي! ورهاڱو ٿي سگهي ٿو.

مورجمل : خواب خيال بہ ڪونہ هوا!

جواهراڻي : جڏهن ورهاڱي جي خبرون آيون تہ اوهان جي دل تي ڇا گذريو؟

مورجمل : سمجهوسون، تہ جڏهن گانڌيجيءَ جهڙو ماڻهو بہ چوندو هو تہ ورهاڱو منهنجي جسم مٿان ٿيندو ۽ ڪونہ ٿيڻ ڏينداسون. تڏهن اسان کي ان ۾ بيحد يقين هئو تہ ائين بلڪل ڪين ٿيندو.

جواهراڻي : ڪن جو چوڻ آهي تہ اسان جي رهبرن ٿي راهون منجهايون. اسان کي طوفانن جي حوالي ڪري پاڻ وڃي ڪنارن تي وينا.

مورجمل : برابر آهي تہ اُن مهل اسان جا جيڪي معتبر هئا. تن سڄ پڇ ٻيو ڪٿي نہ، پر ايترو تہ ڪري پئي سگهيا تہ پنجاب ۽ بنگال جيان ڪجهہ حصو تہ سنڌ جو بہ وٺن ها! ٿرپارڪر ضلعو ۽ ان سان الڳ ٻہ ٽي ضلعا وٺي سگهن ها. ان ٽائيم ۾ جناح جي مسلم ليگ ڏاڍي Anxuious هئي. هو ان لاءِ ڪجهہ بہ مڃڻ لاءِ تيار ٿين ها. اُهي Compromise ڪري سگهن ها. پر اسان جي مدبرن ڪڏهن ڪوشش بہ ڪونہ ڪئي.

جواهراڻي : ورهاڱي کان پوءِ اوهان هندوستان ۾ پهرين ڪٿي آيا؟

مورجمل : پهرين اجمير جي پاسي پُشڪر ۾ اسين آياسين. اُتان پوءِ Shift ڪري اُلهاسنگر ۾ آياسين، جنهن کي اُن مهل Kalyan Camp سڏيو ويندو هو.

جواهراڻي : اُن وقت شرڻارٿين جي حالت جو سوچي دل ڌڪجي وڃي ٿي. توهان جا اهڙا ڪي انيو؟

مورجمل : شروعات ۾ جڏهن راج گوپال آچاريہ اها ڪلياڻ ڪيمپ اچي کولي تڏهن اسين پشڪر ۾ هئاسين. اسين جڏهن اُتي Shift ڪيوسين، تڏهن 1952-53 ع ڌاري چڱو سڌارو اچي ويو هيو. C-Block ٺهيا هئا. تنهن بئرڪن ۾ ڪونہ رهياسين. پنهنجو گهر ٿي هئو. هر هڪ C-Block ۾ One Bed Room + Hall

ٿاهيل هئا.

جواهراڻي : اُتي اوهان ڪهڙو ڪاروبار ڪيو؟

مورجمل : آءٌ بامبي ۾ نوڪري ڪندو هوس.

جواهراڻي : توهان ٻاهر ڪيئن ويا؟

مورجمل : جنهن ڪمپنيءَ ۾ مان ڪم ڪندو هوس. اها دبئيءَ جي واپارين کي Finance ڪندي هئي. تڏهن هڪ News آئي تہ هڪڙو واپاري Bankrupt ٿي ويو آهي. ٻين ۾ بہ اهڙو ڪجهہ شڪ هو. انهن پارٽين وٽ اسان جي ڪمپنيءَ جا پيسا رکيل هئا. هنن مونکي چاڙهي موڪليو تہ تون وڃي اُتي Settle ڪر. جيڪي اُڳاڙي سگهين اُڳاڙ! ائين پهرين اُن ڪمپنيءَ لاءِ آيس. پنج ڇهہ مهينا لڳي ويا، اُن ڪم لاهڻ ۾. اُن وچ ۾ KJ Chotirmal بامبي وارن دبئيءَ ۾ اچي ئي آفيس کولي هئي. اُنهن جي منيب کي هڪ ٻيو بہ اسسٽنٽ کپندو هئو. مونکي Offer ڪيائون. مون پنهنجن سيٺن سان بمبئيءَ ۾Contact ڪيو.هنن چيو تہ اها ڀاڱ سني ڳالهہ آهي. جو اسين بمبئيءَ، سينگاپور، هانگ ڪانگ، جاپان، جڪارتا ۾ آفيسون هيون. هنن چيو تہ بمبئيءَ آفيس بند ڪرڻ مهل اسان کي تنهنجو ئي خيال هئو. هاڻ جڏهن توکي اُها چانس ملي ٿي، تہ Good Luck to you ائين پوءِ مان KJ Chotirmal جوائن ڪيو. وري اسان جو مئنيجر اُتي چار پنج مهينا رهيو. تيسين اُهي چار پنج مهينا مون ئي پئي ڪم هلايو. تڏهن هيڊ آفيس ڏٺو تہ ڪم سٺو پيو هلي. تڏهن هنن اُن جو انچارج ئي مونکي ڪري ڇڏيو ۽ ان منيب کي اُنهن آڪرا گهانا ۾ آفيس کولڻ لاءِ موڪليو. ائين 1954ع کان وٺي دبئيءَ ۾ ئي رهيس.

جواهراڻي : اُن مهل دبئي هڪ بيابان هو.

مورجمل : اُن مهل دبئيءَ ۾ 20-25 هزار آدمشماري هئي. ڪابہ هوٽل نہ هئي. ريسٽارنٽ ۾ رڳو چانهہ بسڪيٽ وغيرهہ ملندو هو. ڪاڏو بہ هٽ سان ٺاهيو يا بڪ مروا ٻاهر ڪاVC بہ ڪونہ هئي جتي وڃي ڪاڳجي اليڪٽرسٽي ڪونہ هئي. پاڻي ڪونہ هئو. روڊ ڪونہ هئا. ٽيلي فون ڪونہ هئا.

جواهراڻي : توهان جي وڃڻ کان پوءِ اليڪٽرڪ تي وغيرهہ لاءِ ڪجهہ ڪوشش ڪئي ويئي؟

مورجمل : اُهو پوءِ گهڻو دير سان ٿيو. 1960ع جي آخر ۾ اُتي بجلي آئي.

جواهراڻي : هاڻ تہ دبئي هڪ ترقي يافتہ ملڪ آهي. هينئر ڪڏهن اوهين اُتي پنهنجي ملڪ کان پري پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪريو ٿا؟

مورجمل : نہ ! ديش سمان تہ اسين جڙيل ئي آهيون. اسين پنهنجي ديش سان ويجهو

بہ آهيون. صرف اڪانومي ڪلاس جي فلائيٽ آهي. جهوني زماني ۾ تہ Ships هوندا هئا. دبئي ۾ ايئرپورٽ بہ ڪونہ هئو.

جواهراڻي : اُتي بہ سنڌ ۽ هندستان ڪچهريون ٿيندون آهن؟

مورجمل : جام! سوشل لائيف تمام گهڻي آهي.

جواهراڻي : توهان اُتي سنڌيت جي ڦهلاءَ لاءِ ڪي ادارا کوليا آهن؟

مورجمل : اُتي اُن زماني ۾ سرڪار طور سنستائن کولڻ جي اجازت ڪونہ هوندي هئي. پر اڄ سڄي طرح سنستائون هيون. جنهن ۾ چيٽي چنڊ ۽ ڏياري وغيرهہ گڏجي ملهائيندا هئاسين. پوءِ سنڌ جي مسلمانن سان گڏجي هڪ سنستا ٺاهيسين. جنهن طرفان شاهہ لطيف ايوارڊ ڏيڻ شروع ڪياسين. هڪڙو پاڪستان مان ۽ هڪڙو هندوستان مان. هڪ هڪ لاءِ گولڊ ميڊل ۽ ڏهہ هزار روپيہ ڏبا هئا. انڊيا واررن کي مونکي ڏيڻا هئا انجو سمورو خرچ پاڙو رهڻ ڪرڻ منهنجي مٿان هو. جنهن ۾ ڏڪايل، گوبند مالهي، پوپٽي هيراننداڻي ۽ ڪجهہ بيا گهرايا هئاسين.

جواهراڻي : اوهان اُتي ڪجهہ اسڪول بہ برپا ڪيا آهن؟

مورجمل : ها، انڊين هاءِ اسڪول دبئيءَ ۾ اسان وٽ سادا اٺ هزار ٻار آهن. زمين اسان کي اُتي شيخ مفت ۾ ڏني هئي. پوءِ وري جيئن وڌيو، تہ زمين وڌيڪ گهري اها بہ ملي هينئر اسان کي ٻہ اسڪول آهن. ٽوٽل سادا اٺ هزار شاگرد آهن. آءُ انهن مان هڪڙو Founder آهيان.

جواهراڻي : هينئر توهان بمبئيءَ ۾ پنهنجي پوٽيءَ جي شادي ڪئي، اُتي ٻين وڏن ماڻهن سان گڏ ساهتيڪار ۽ ڪلاڪار بہ هئا.

مورجمل : منهنجي پوٽي جي شادي هئي. اسان لسٽ پئي ٺاهي. تڏهن مون چندر کي چيو تہ ڪوبہ ڪلاڪار، ليکڪ، ساهتيڪار ، سنگيتڪار اسان کي نہ وسارڻ گهرجي. سينيون وسري ويا تہ هلندو، واندو ناهي. انهن سان Apologize ڪري وري جڙي سگهبو. پر هنن سان وري ڪو Contact ئي ڪونہ ٿيندو.

جواهراڻي : ڳالهيون ڪندي دل ڍاپي ڪونہ ٿي. پر وقت جي تقاضا آهي. ان واعدي سان تہ ٻئي هفتي وري اسين اوهان سان ڳالهيون جاري رکنداسين. تيسين اجازت ڏيندا. مهرباني!

مورجمل : مورجمل مهرباني

(شري مورجمل سان رام جوهراڻي جو ٽي.وي. انٽرويو)

ڪونج جنوري-فيبروري 2007 واري انڪ تان ورتل

◆◆

# آسانجو مورج دادا

✍ **آشا چاند**



آشا چاند

دادا مورج اُنهن شخصن مان آهي جي سنڌي هجڻ ۾ فخر وٺن ٿا ۽ ان ماڻهو ۽ سنسٿا جي مدد ڪن ٿا جي سنڌيءَ ٻوليءَ لاءِ ڪم ڪن ٿا. دادا مورج منگهناڻيءَ ڪي جڏهن آسان جئہ سنڌي پبليڪيشن پاران 'مرڪ تي منع' سندري اُتمچنداڻيءَ جي ڪهاڻين جي ڪتاب جو مهورت ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو تہ هن بنا دير اسانجي ڳالهہ مڃي. روز ووڊ هوٽل ۾ دادا جي ڪري مهورت جي رسم ڪي چار چنڊ لڳي ويا. سيني سنسٿائن سان جڙيل دادا مورج سچي سنڌيءَ جيان سنڌي ڪلچر ۽ ٻوليءَ کي اڳتي وڌائڻ ۾ جيڪو ساٿ ڏيئي همت افزائي ڪري رهيو آهي اهڙو ٻيو ڪو شخص هن وقت سنڌي سماج ۾ ڪانہ ٿو سجهي.

سنتن لاءِ عزت اُٿس پر انڌ شرڌا نہ. ڊبئيءَ ۾ اڪثر سنت پيا ايندا آهن.ماڻهن کي دڳ ڏيکارڻ لاءِ زندگيءَ ۾ راهہ ٻڌائڻ لاءِ. پر دادا ڪڏهن بہ اجايو انهن لاءِ انڌ شرڌا نہ رکي آهي. مزي جي ڳالهہ آهي تہ انهن ست پرشن مان ڪيترا سنڌي هوندي بہ سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ هڪ لفظ بہ پنهنجي ڀاشڻ ۾ نہ چوندا آهن . جڏهن تہ حقيقت آهي تہ سنتن جو چوڻ ماڻهو ٻڌن تہ ٿا، مڃن تہ ٿا! دادا هميشهہ سنڌي ستپرشن کي وري وري پئي ياد ڏياريو آهي تہ ماڻهن کي پنهنجي ليڪچر ۾ تنبيهہ بہ ڪريو تہ زور بہ ڀريو تہ سنڌي ڳالهائين ۽ ٻوليءَ کي زنده رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪن. گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي گهرن ۾ سنڌي تہ ڳالهائين.

سنڌي سنگت (ڊبئي) سنسٿا جو دادا فائونڊر ميمبر آهي. هن هر ممڪن نموني ۾ اسانجي رهنمائي پئي ڪئي آهي ۽ هر پروگرام کي ڪامياب ڪرڻ ۾ ساٿ ڏنو اهي. انهن پروگرامن مان جيڪي بہ پئسا بچندا آهن سي سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪتب آڻيندا آهيون.

جڏهن ٽي.وي. تان سنڌي پروگرام ڪرڻ جو نشچو ڪيوسين تہ دادا گهڻو اتساهہ ڏياريو. پهريون پروگرام 4 مارچ تي دادا طرفان اسپانسر ٿيل آهي.

دادا پنهنجي اولاد کي بہ ٻين جي مدد ڪرڻ جي سُٺي پياري آهي. انڪري چندر توڙي پدو هميشهہ اسان سان گڏ پئي رهيا آهن.

دادا نہ فقط پاڻ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ مدد ڪندو آهي پر ٻين سنڌين کي بہ چوندو آهي. ۽ اُهي بہ پنهنجي ڳنڍ کوليندا آهن. هونئن ڏسجي تہ مندر، ٽڪاڻن، ڌرمشالائن لاءِ سنڌي وري بہ دان ڌرم ڪري سمجهندا آهن. پر پنهنجي ٻوليءَ ڪلچر لاءِ پئسو خرچيندي دل ئي سسي ويندي اٿن. خبر ناهي ڇو ٿيو آهي اهڙو حال سنڌين جي سوچ جو؟ ڪاش دل کولي پئسي جي مدد ڪن تہ ٻولي اڳيان پيئي وڌندي ۽ ان جي زنده رهڻ جي وڏيڪ پڪي اُميد ٿيندي.

**(ڪونج واري انڪ تان ورتل)**

◆◆

## غزل

✍ ساڌو مٽائي ’آزاد‘

1. هِت وَڻ وَڻ جي آلي ڪاٿي آ،
هرِ کَهنِ پنهنجي ٻولي جاتي آ.
2. هرِ ڪو چاهي ڇَڙو ڇُڙواڳي ٿو،
هرِ کَنهنِ گُهرِي حِصيداري آ.
3. پنهنجي ڀاشا وَڌائڻ لاءِ آ آڳرو،
راشٽرَ ڀاشا نَہ کَنهنِ چاهي آ
4. سِنڌيُن آرَڪشڻُ کَڏهن نہ گُهريو،
نَہ ئي ڪا پرانت ٽُڪِري پاتي آ.
5. پنهنجي ئي ٻَلَ تي آسوُدا آهيون،
’آزاد‘ آسانِ ٻين جي ڀلائي چاهي آ.

◆◆

## ترائيل

✍ ڪرشن راهي


زندگي مونسان نباهي نہ سگهي
زندگيءَ سان مان نباهي نہ سگهيس
وڪہ حياتيءَ کان گهڻي اڳتي رهي
زندگي مونسان نباهي نہ سگهي

اڪہ ملي، دل سان نہ پر دل ڪا ملي،
پيڙ ۾ ڀي اڪيلو ئي رهيس،
زندگي مونسان نباهي نہ سگهي
زندگيءَ سان مان نباهي نہ سگهيس

◆◆

# شري مورجمل منگھناڻي

✍ نند ڇڳاڻي



نند ڇڳاڻي



مورج منگھناڻي

ڪجھ سال اڳ جي ڳالھ آهي. سرڪل جي ڪن بانيڪارن سان ممبئي- شانتاڪروز ۾ شاديءَ جي نينڊ هئي. ايس.اين.ڊي.ٽي يونيورسٽي ڪئمپس جي شاهي اڱڻ ۾ شاندار منڊپ لڳل هو. مکيہ رستي کان منڊپ ڏانهن پورو رستو گلن سان سجايل هو. شهنائيءَ جي هلڪي سُر ۾ ’آءُ منهنجا دلبر دوست‘ واري ڌُن پئي هلي. موڙ وٽ گاڏي پارڪنگہ لاءِ خاص ڏانوَ وارو بندوبست هو.گاڏي اُتان جي بانيڪارن جي حوالي ڪري بي فڪريءَ سان اَندر وڃڻو هو. مکيہ پليڪار واري دروازي وٽ آجياڻي لاءِ مهمانواز سيٺ پاڻ مٿن مائٽن سان بيٺل نظر آيو. روبرو هر ڪنهن آيل جو شان وارو آجياڻو ڪري اندر ٽي موڪليو ويو. اندر شاهي ميدان ۾ جدا جدا طبقن ۾ ويهڻ / بيهڻ جو جوڳو بندوبست هو. چوڌاري ڪئيمرائن جي ٽڪ ٽڪ چالو هئي. سنڌي ميڪڪن، ڪلاڪارن - ساهتڪارن لاءِ خاص مهمانواري جڳھ رزرو هئي. اُتم- سندري- آشا-گوبند مالهي... مطلب وڏي کان مون جهڙي نول لاءِ بہ جاءِ هئي. جڻ سنڌي ليکڪن لاءِ ڳوٺ ٻڌايل هو. جتي ساهتي-حيدرآباد-لاڙڪاڻو، شڪارپور مطلب تہ سنڌ جي هر طبقي جا ماڻهو حاضر هئا. اُتي نہ لپيءَ جو لڦڙو هو ۽ نہ ترقي پسنديءَ جي ٺونڪار هئي. رومانيت توڙي جديديت مڙئي ليکڪ- ڪلاڪار- سرهي منهن سان سرور ۾ هئا. کاڌي جا اسٽال بہ اڻڳڻيا. دنيا جي مڙنئي ملڪن جي نالن سان، ڇو جو سنڌورڪيءَ جي گهر ۾ وهانءُ هو. اُنهن جو وڏو هجوم پئي ڏٺو.ان سان گڏ اڄ ڪالھ جي خاص بيماري ڊئبٽيز- دل جي مريضن لاءِ الڳہ اسٽال هو. جنهن مان بانيڪارن جي سجاڳيءَ جي جاڻ پئي پيئي. دنيا جي مشهور ملڪن جو شراب- نالو وٺڻ سان هڪيو حاضر- ان لاءِ خاص الڳہ بندوبست.گهوٽ ڪنوار سان اسٽيج تي گڏجڻ لاءِ لنبي قطار- پر اُن کان وڌيڪ بيٺلن جي سکہ سهنج لاءِ ساڌن موجود. وچ وچ ۾ ميزبان پاڻ اچيو پيا گڏجن.

ها-اها شادي سنڌي سماج جي ڀوڳڻي شخصيت شري مورجمل منگھناڻيءَ جي پوٽيءَ جي هئي. نياڻيءَ جو پتا چندر مورجمل منگھناڻي ٻہ مهمانن جي آجيان ۾ مشغول هو. ڦل ٻڌائي پيو تہ وڻ ڪهڙي قسم جو آهي. اها اٽوسرندڙ شادي جيڪا ماڇي طور ڏسڻ جو موقعو مليو. سنڌي سماج ڏاها ۽ ڏات ڌڻي جوڙي کي آسيس ڪرڻ آيا هئا.

شري مورجمل هوندي بہ جتي گڏجندو ياڪر ۾ پري ڇڏيندو، عمر جا اَٺ ڏهاڪا پار ڪيا اٿس - اها لڪا ڪونہ ڏيندو. هر حالت ۾ نفاق ۽ نفرت کان پاڪ. يادگار شخصيت جو مالڪ. هٺ وڏائيءَ کان ڪوه دور. سنڌي ساهتيہ، ٻولي ۽ ڪلچر سان پاڻ کي جوڙي رکيو اٿائين.انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي - گانڌيڌام، انڊين اسڪول-دبئي، سنڌو يوٿ سرڪل - اُلهاسنگر ان جا ڪجھہ مثال آهن. سنڌي اخبارن، مگزنس، اسڪول، ڪاليج هر هنڌ سندس ڇاپ نظر ايندي. سندن هوٽل روز ووڊ پاران نگري بيماري ٿلسيميا ڏانهن سجاڳ ڪرڻ وارو اشتهار هوندو. آديپور ۾ اسپتال، پنهنجي برادري منگھناڻين پاران هاڻ وڏڙن لاءِ خاص آرام گاهہ- لوناوالا ۾ پيو ٺهي. ان جو ڪم ڪار سچو چندر ڏسي. ممبئيءَ جي واپاري لتي ۾ شاهي هوٽل جت جيڪر شاهوڪار بہ وڃڻ کان ڇرڪي پر هر ڪو سنڌي اديب شان شوڪت سان پيو اچ وڃ ڪري. ساهتڪارن جي هر سڏ جو جواب ملندو.

پئسو تہ گھڻن وٽ. لکہ ڇا پر ڪروڙ بہ پر عام ماڻهن جي ڀلائي- سماجڪ ڪارج- غريبن لاءِ اَجھو ميسر ڪرڻ لاءِ دردمند دل گھرجي. ايشور جا ڪارج بہ اهڙن چند نيڪ بندن هٿان ٿيندا پيا ڏسون. صاف هٿن سان پريل ٻُڪ پري پئي ورهايا اٿس. ٻين هوند وارن کي پاڻ صحيح رستي ڏيڻ لاءِ همٿائيندو پئي رهيو آهي. ان لاءِ تجربو ۽ تربيت ڪونہ گھرجي پر هڪ دردمند دل جي ضرورت هوندي آهي. اهڙي سخي ۽ سڀاجهي شخص جي نالي پنيان سنڌو يوٿ سرڪل اُلهاسنگر وارن پنهنجي جمخانا جو نالو مورج منگھناڻي جمخانا رکيو آهي. جنهن جي هاڻ فقط ليڊيز لاءِ جدا ونگ بہ کولي وئي آهي. زندگي بامقصد جيئڻ شايد ان کي ئي چئبو آهي.

ڪونج پاران اسين سندن وڏي- صحتمند آورجا لاءِ دعاگو آهيون.

- نند ڇڳاڻي

**(ڪونج واري انڪ تان ورتل)**

◆◆

# هڪ جذوي عالم : پرم ابيچنداڻي

✍ شيام جئسنگهاڻي

منهنجي ڪهاڻي ’ننگو آسمان‘ ڪونج 1965 ۾ ڇپي، جنهن تي ڪافي رد عمل آيا. پرم اُن وقت جمشيدپور ۾ هو. مونکي خط لکيائين: ”تون ٿرڊ ڪلاس ليکڪ آهين ۽ اَدب ڇا ٿيندو آهي، اُهو توکي ڇاڻڻو آهي، پر تون ذهين ضرور آهين.....“

ڪجهه مهينن بعد مان دهلي ويس. پرم جي اُن تلخ خط بعد هماچل ۾ ”سنو فال“ شروع ٿي ويو هو. مون پنهنجي ”ونٽر ڪٽ“ ۽ ٻيو سڀ سمر موسم جي حساب سان سنڀالي ڪنيو. پرم اُن وقت آل اِنڊيا ريڊيو ۾ وڏو شاهي آفيسر هو. مان چاڻڪيه پوريءَ جي يوٿ هاسٽل ۾ بئگ رکي، دهليءَ جي بڪڙاو ۾ پرم کي ڳولهڻ لاءِ نڪري پيس.

مون اُن وقت تائين کيس نہ ڏٺو هو، نہ ئي آنند کيماڻيءَ کي جن سان گڏجڻ جا مان سپنا ڏسندو هوس. جنوريءَ جي ڏنڌ گڏيل ڪمزور اُس هئي. پرم جو چيمبر ۽ مان. پولو ٽي-شرٽ، اسپورٽس جئڪيٽ، جاڪي ڪئپ ۽ تراري مڇن ۾ ڪنهن ڪسينو جو ڪارگذار لڳندڙ - ۽ پرم : فل سوٽ ٽاءِ ۽ ٺاٺ باٺ، چمڪيدار بوٽ ۽ رعبدار، هڪ سي.بي.آءِ جي پرولي آفيسر جيان ٽيبل تي سامهون ويٺو هو- سندس ٽيبل پريل هئي ڪاغذات سان پر سندس هٿ ۾ جهليل سگريٽ هڪ گهرو سُڪون ماڻي رهيو هو.

- ييس... !؟

- پرم، مان شيام ...

- يو رئسڪل... نيپالي شيرپا .... سنڌيءَ جو ٿرڊ ڪلاس ڪهاڻي نويس، ’ننگو آسمان!‘

پرم ڪرسي ڇڏي، سگريٽ ائش ٽري ۾ وسائي، مونکي ڀاڪر ۾ ڀري ورتو ۽ مون کيس چيو: ”آءِ ائم نات اي رائيٽر، پرم.“

”تو وٽ ڇا آهي؟“

”مون وٽ صرف ڪئميرائون آهن، پرم صاحب.....“

اُن بعد اسين هڪ آرٽسٽ سينٽر ۾ وياسين، بيئر پيتوسين. لنچ کائي بينگالي مارڪيٽ ۾ رس ملائيءَ سان ملياسين.اُن شام، اَسين هڪ محبوب دوست آنند کيماڻيءَ گڏ، ڪئنات پنيس جي ڪافي هائوس ۾ ڪافي دير تائين ديسي ۽ ولائتي ادب ۽ ڪلا سان وابسطہ موضوعن ۾ ٻڌل رهياسين.

ٻينءَ رات جو مونکي پنهنجي اڪيلي سفر کي جاري رکڻو هو: پراڻي دهليءَ کان ڪالڪا، پرياتي ريل ڪار، تارا ديوي ۽ سمر هل هڪ هڪ رات ۽ بعد ۾ سملا، ڪفري، نارڪنڊا وغيرهہ. مان يوٿ هاسٽل ائسوسيئيشن جو لائيف ميمبر آهيان. پرم رات جو اسٽيشن تي آيو، چيائين، ”تارا ديويءَ تي شايد يوٿ هاسٽل جي ڊارميٽري آهي پر سمر هل ۾ ڪانهي. هماچل ۾ خوب برف ڪري رهي آهي، توکي تڪليف ٿيندي.“ مون کيس چيو تہ هڪ هڪ رات لاءِ اڇهو، بيڊ ۽ بريڪ فاسٽ، ڪمبل ۽ ڪمبلن اندر تارا ڳولهي لهندس. پڇيائين، ”مال اَٽيئي؟“ کيسي مان فورن مليٽري ڇپو ڪيڍي ڏيکاري چيومانس، ”هڪ ڪنيو بئگ ۾ بہ آهي...“ چيائين:سملا ۾ اپر مال، لوئر مال ۽ لڪر بازارايراضين مان مال صرف اپر مال تان وٺج. گاڏي ڇٽي، ان کان اڳہ پرم گرم جوشيءَ جو هٿ اڳيان ڪندي چيو، ”آءِ ائم هئپي شيام، يو آر الموسٽ ري لونگ

ماءِ لائيف....''

ڪالڪا ميل جي راتوڪي سفر ۾ مون ننڊ نہ ڪئي. پرم مونتي ڇائنجي ويو هو ۽ آنند لاءِ نهايت گهرائپ جو احساس پيدا ٿي چڪو هو. ڪالڪا ۾ صبوح جي برفاني ڏڪٽيءَ ۾ توست بٽر ۽ چانهہ تہ پاتي هئم. پهرين منزل تي لٽس تہ لڳم زبردست سرديءَ ۽ نفي ٽيمپريچر سبب ٽنگون بہ برف ٿي ويئون آهن. سوچي ورتم تہ اهو بہ برداشت ڪندس، ذهني لڙائيءَ جو چڪر بہ، اُلوءَ جي اولاد، اُبتو لٽڪندي بہ شُبتو ڏسڻو آهي. شدت سان سوچڻو ۽ اَپياس ڪرڻو آهي.... وڻ ۾ اگر هڪ نوريئڙو جاڳندو آهي تہ اُنجي سر- ر-ر-ر-ر تال سان سموري آرڪيسترا سڄاڳ ٿي اُٿي ڪڙي ٿيندي آهي، هي للڪاري سفر آهي، مضبوط لباس پاءِ يا برف ۾ ''ننگو آسمان'' ٿيءُ... ... !؟

پرم جي ان پهرين ملاقات جو تت هو تہ مان فڪشن جي روايتي ۽ مقرر گهيري کان بلڪل ٻاهر نڪري تجرباتي قوتون اُجاگر ڪري ڪجهہ ڪلاتمڪ ۽ نئون ڪري ڏيکاريان.

منهنجي ڪهاڻي ''ڪوئي جو موت'' جڏهن ڇپي، پڙهندڙ هوندي بہ اُنهن تائين نہ پهتي. ڪهاڻي ٻيلي جي ڏينهن واري انڌياري ۾ بنسري وڄائڻ جهڙو تجربو هو. سوچي ورتم تہ ڪهاڻي نہ لکندس. اُن دوران پرم جو خط آيو تہ هن ان ڪهاڻيءَ جو انگريزي ترجمو ڪيو آهي ۽ اُها ساهتيہ اڪاديميءَ جي ''اِنڊين لٽريچر'' جي سلور جبلي هاٿي ماپ اَنڪ ۾ ڇپجي رهي آهي ۽ بامقرر منهنجي ڪهاڻي بہ هاٿي انڪ جي آخر ۾ پڇ جيان چنبڙيل هئي.

پرم منهنجو پريہ دوست ئي نہ هو، رهبر هو ۽ آهي. اَڪثر منهنجين خامين(نفي عناصرن) کي بلوري آڪار ڏيندو هو ۽ ان طرح ساهت جي 'پوت بنگلا' ۾ نوان موڙ ڳولهڻ لاءِ للڪاريندو هو.

هوُ منهنجي لاءِ پيپل جي وڻ جيان پناهہ هو- هڪ وشال ڇتر- ڇايا .

گذريل اَڌ صديءَ کان وڌيڪ پرم. سنڌي اَدب جي نالي ۾ پاڻکي گهوري ڇڏيو. ريڊيو ۽ دوردرشن تان رٽاير ڪرڻ بعد هن مرڪزي ساهتيہ اڪاديميءَ جي اَهم پراجيڪٽ-ساهتيہ وشو ڪوش(Encyclopedia of Indian Literature) وياڳہ ۾ ايڊيٽر طور ڪم ڪيو. هو نهايت دورانديش، ڳنڀير، گهرو، روشن دماغ، گيان - وڳيان جي پرک رکندڙ هڪ بي آرام شخص هو. اُن کان سواءِ هوُ اَدب ۽ غير اَدب جي پرک رکندڙ ، اظهار ۾ بي باڪ بياني هو. ساهتيہ وشو ڪوش ۾ ڪم ڪرڻ کان سواءِ هي مڏين ڪالين ساهتيہ (Indian Mediaveil Literature ) مجموعي جو بہ ايڊيٽر ٿي رهيو. سنڌيءَ ۾ 'رابيل' ۽ 'ملاح' جي سمپادڪي ڪرڻ سان گڏوگڏ هن جا سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ بي حساب عالماڻا ليک شايع ٿيل آهن. جي سڀ ڪتابي صورت ۾ نہ اچي سگهيا آهن.

فرينچ ساهتيڪار جيان پال سارتر، مراٺي ساهتڪار ڊي.جي. ڪلڪرڻي، گجراتي اَديب سريش جوشي ۽ جڳ پرسڌ ائڪٽر مارلن برئنڊو جيان پرم ابيچنداڻي ڪڏهن بہ انعام، اڪرامن، عهدن جي پرواهہ نہ ڪئي. رات جو گهور اَنڌڪار ۾ بہ پورا ستارا ٽم ٽم ڪندا نظر اچن تہ اوس اهي پرم جون سدا جاڳندڙ اکيون هونديون. جيڪي مون ڏينهن جي ثابت روشنيءَ ۾ ڏٺيون آهن!

پرم کي سڀ کان پهرين هڪ ناول نويس طور سڃاڻان:

سندس پهريون ناول 'جهرڻا' (1952) ۽ اُن بعد 'هڪ جر بہ ڇپيون' (1964) منهنجي ڄاڻ جي دائري کان دور جي دنيا جا ڇِتَ آهن. مثلن جاڙيون ۽ بي آرام آتمائون جيڪي جنم

جنماترن کان هڪ ٻئي کي ڳولهينديون رهن ٿيون : اَهڙا موضوع ۽ ڪلپنا اُن دور جي پاٺڪن کي متاثر ڪري ويا. پرم جي چنتن، سوچ ۽ فڪر ۾ تبديليءَ جو هڪ وڏو سئلاب آيو، جديد زندگيءَ سان منهان منهن ٿي نيون روشنيون ڦهلائڻ جو. هن پنهنجو پهريون ناول ’جهرنا‘ ارپڻ ڪيو: اُنهن پکيئڙن کي جن کي زندگيءَ جي چمن جو سُکون حاصل ٿيو آهي. ’هڪ چر ٻہ چپيون‘: اُنهن طائرن جي نالي جن جو چمن سڪي سڙي ويو. پرم جي سوچ جو پروازُاجاڙ ويرانيءَ کي ڇڏي بلنديون ڇهڻ جي ڪرتب تي پهتو. 1969 ۾ آنند ڪيماڻيءَ جي ايڊٽ ڪيل ’ساهت جا سڏانت‘ ۾ ناول جي ٽيڪنڪ تي لکندي هوُ ’انيوتي ميہ ناول‘ (Novel of Sensibility) تي لکي ٿو تہ: ’تہ ان قسم جو ناول نہ ئي نہ سچيتي تائين محدود آهي ۽ نہ ئي سماج امورتن ويچارن تائين محدود آهي. انيوتي ۽ احساس جذباتي امڪانن جي پئدائش آهي ۽ ناول نويسن پنهنجي پاتر شڪتي پيدا ڪرڻ جي شڪتيءَ سان اُنهن کي ڪافي حد تائين رچنائن ۾ آندو آهي...‘ (صفحو-138)

پرم ورهين جي لاڳيتي اَپياس، عالماڻيءَ جفاڪشيءَ بعد ’پنهنجي انيوتيءَ کي آسماني اونچاين تائين هوابازيءَ ۾ چڪي ويو. هي هو هڪ ساهتڪ هوابار، لٽرري ائسترونات.... هن هڪوار زمين ڇڏي ۽ وري زمين تي نہ لٿو ! .... هن پنهنجي الڳہ دنيا رچي ۽ ان ۾ آخر تائين رهيو، رميو، جهوميو ۽ راضي رهيو.

سندس 24 سالن بعد آيل ناول ’اِئين بہ‘ جي شروعات هيئن آهي: ’اُن سال جي ٽڪائيندڙ، ڳالهائيندڙ ۽ پُرڪندڙ پچاڙي هئي. عجيب اتفاق هو جو موسم ۾ ڦيرو ئي نٿي آيو. اُن رُت ۾ سُڪل ۽ سڪندڙ پيلا پن ٽارين مان پاڻ ڇڏائي ڪرندا رهندا آهن ۽ هوا جي جهوٽن سان ڪسڪندا وڻن جي پاڙن جي پاسن ۾ ڍڳن جي صورت وٺندا آهن....‘

پرم پکيئڙن جي Metophor کان تہ جان ڇڏائي ٿو وٺي پر پرڪرتيءَ جي ڪايا-مايا کان پلاند آجو نٿو ڪري سگهي. سندس زباني : (ساهتڪار سان ملاقات-1997 دهلي اڪاديمي): ’پرڪرتي منهنجي سامهون سرو وياپي واتاورڻ پرگهٽ ٿي ڪري ۽ اهو واتاورڻ يڪ وجودگي شڪتيءَ جو روپ وٺندي سيني جاگرافيائي ۽ سنسڪرتڪ رڪاوٽن کي پٺي ڌاهي ٿو ڇڏي ...‘

پرم جو ناول ’اِئين بہ‘ وڏيڪ اثرائتو آهي، اُن بعد هن ’ڪايا پلٽ‘ بہ لکيو آهي، پر ’اِئين بہ‘ پرم جي مراد ’هو انساني جذبن ۽ احساسن جو ساکي بڻجي مشاهدو ڪرائي ٿو جيڪي حقيقي زندگيءَ جي ترجماني ڪن ٿا....‘ ناول جي منڍ ۾ هو لکي ٿو تہ هن ان ناول ۾ ’جديد زندگيءَ جي اُداسينتا کان بدظن ٿي اَچيتن جي ڏارن ۾ لکي ويل پيڙا کي ٻاهر آڻڻ جو يتن ڪيو آهي....‘

’اِئين بہ‘ ناول ۾ هڪ جديد، ذهين شخص جي پائماليءَ جو دردناڪداستان آهي، ماڊرن سينسيبلٽيءَ جڙيل زوال جي گاٿا آهي. ستيش روهڙا آخري جلد تي لکيو آهي تہ : ’پرم چاهي ٿو تہ سندس بابت ٻيو ڪير نہ چوي جو پرم کي ڪنهن سرٽيفڪيٽ جي ضرورت ڪانهي. پرم کي چوڻو هوندو پاڻ چوندو يا ناول ’اِئين بہ‘ چوندو.

’سِت سال‘ پرم جي لکيل مضمونن جو ٽن ڀاڱن ۾ ڪتاب آهي. ڀن ڀن فلسفن سان جڙيل موضوعن جي درسني آهي: هستيواد ، اتهاس جو فلسفو، اَدبي تنقيد، پرگتيواد، نقاد جي باريڪبيني، وقت جي نهر، زندگيءَ جو فريم

وغيرهہ. سنڌي مضمون نگاري ان لحاظ کان نهايت غريب آهي، درڪار آهي. موزون ذهنيت، ڄاڻ ۽ اَڀياس جي . مرحوم تيرت بسنت جو سوچ-ويچارپل الڳ هو پر هن ۾ پڻ پرم جيان اعليٰ حوصلو هو ۽ سنڌي ادب کي مالامال ڪيائين.

’اِست ساز‘ بابت مون لکيو هو تہ : ’پرم اهم تنقيدڪار آهي، سنڌي اَدب ۾ هن يگانو مقام حاصل ڪري ورتو آهي، هو جديد ڀاو ٻوڌ وارو آهي، جنهن کي مغربي توڙي ڀارتي ڌارائن، اتهاس ۽ فلسفي جي اُڀتار تي مضبوط ضبط آهي.‘ ڪيس وهنوارڪ آلوچنا جي مجموعي ’تڪ تور‘ تي ساهتيہ انعام ڏنو ويو، جنهن ۾ هن خاص طور لال پشپ، واسديو موهي، هريش واسواڻي ۽ پريم پرڪاش جي رچنا سنسار تي تڪ تور ڪئي آهي. سندس جاچنا ڪنڊ الڳہ آهي، ڪلوز ريڊنگہ واري آهي، پاٺڪن کي رچنا جي اندر پيهي وڃڻ لاءِ آمادهہ ڪندڙ آهي. ان ڪتاب کي آنند کيماڻيءَ پنهنجي تنقيدي مضمونن جي مجموعي ’بدلجندڙ دور ۽ تنقيد‘ (جون 2000 ) ۾ تيز ڌاري چاقون سان چليو آهي. آنند لکي ٿو تہ : ’پرم جينٽلمئن آلوچڪ آهي. انڪري هو اڪثر ذهني ڪروڌ کي شائستہ ڍنگہ سان وهي وڃڻ جي اجازت ٿو ڏئي. مون جهڙن سخت ڪلامي وارو نوع کان هو پرهيزو آهي... سنڌيءَ ۾ ٿوري گهڻي تنقيد ٿي رهي آهي. هن وقت بہ اها مرده استٿي آهي. دنيا ۾ نئين تنقيد ۽ ان کان پوءِ تازهہ ترين آلوچنا جي گرو ژاڪ دريدا Jacques Derrida جي رد تشڪيل deconstruction جي روايت آهي ... هر حال، هر سنڌي تنقيد نگار پنهنجي لاءِ ڪو نہ ڪو ڦاهو سويڪار ڪري ورتو آهي. (صفحہ-20 )

سنڌي ناول نويسيءَ جي ٻاڻ ٻڻن نالن جي صف ۾ اهم جڳهہ والارڻ ڪانسواءِ پرم ڪهاڻي نويسيءَ ۾ بہ الڳہ ڀوميڪا نباهي آهي. خاص طور ماڊرن ڀسم ٿيندڙ زندگيءَ کي چٽڻ ۾. هو ولاسنا، ڪام منو وڪار، شخصي آزاديءَ ڀرشٽاچار جهڙن مُدن کي ڪهاڻين ۾ اُڀاري ٿو. سندس ڪهاڻي مجموعي ’ڀاوَ-اَڀاوَ‘ تي هريش واسواڻي: ’پرم جا ڪردار ئي ڪهاڻيون آهن، اُهي يا تہ پاڻ سان دوبدو آهن يا تہ هڪ ٻئي سان. ۽ وچ۾ آهن هنن جون ضرورتون ۽ ذميداريون، اُميدون-نااُميدون، مهتو-ڪانڪائون. بنڌن لاءِ تڙڦ، بنڌن خلاف تڙڦ، وڦلتا جي وينڪ ويدنا، روماني نہ، روماني در جي تائين پهچندڙ آزاديءَ جو شديد احساس ۽ اُنجي پراپتي ۽ اپراپتيءَ جو سنگهرش ..... انڪري سنڌي ڪهاڻيءَ جو هاڻوڪو ڪردار پنهنجي سماجي ويس ۽ استتين ۾ اجنبي آهي.....‘

اجنبي پڻي جو هڪ بي حساب مرڪبي چڪرويوه هوندو آهي، هڪ غرق ڪندڙ ڪُنُ هوندو آهي، جنهن ۾ انساني من جا تهہ تڙڦندا رهندا آهن.

’ڀاوَ-اَڀاو‘ ۾ ڪافي ذڪر لائق ڪهاڻيون آهن. جاڳندڙ نگاهن جا سوال، استل چائيلڊ، ڪاٺ جي ميز جو پرم، ’ڀاوَ-اَڀاو‘ ڪهاڻين جا ڪجهہ ٽڪرا- بي ترتيب وار آهن (فلئشز):

**جاڳندڙ نگاهن جا سوال مان:**

مُن ٻرندڙ ميڻ بتي ڪٺي فرش تي اُڇلائي ڇڏي. انڌيري ۾ هوءَ بوڪ شيلف وٽ پهتي ۽ صپ ڪتاب هيٺ ڪيرائي ڇڏيائين. ’هي سڀ مٽيا آهي... هڪ وڏي مٽيا...هنن ڪتابن ۾ سچ جو فقط اولڙو آهي... هنن ۾ سچ نہ آهي... اُن وقت بہ سندس جاڳندڙ نگاهون پنهنجي سوالن جا جواب ڳولهي رهيون هيون- ’مونکي ڇا کپي؟ مونکي ڇا جي تلاش آهي؟‘ (ملاح - 1972 )

**اسٽل چائيلڊ مان:**

رسيپشنسٽ هن جو چهرو ڏسي ڊجي ويئي- هو اندر هليو ويو. ڪاريڊار. ڪاريڊار مٿان ڪاريڊار. ڪاريڊار جي هيٺان ڪاريڊار. هيءَ جيون هڪ ڪاريڊار آهي. هيءُ سرير هڪ ڪاريڊار- اونداهو ڊيڄارينڊڙ ڪاريڊار. پنهنجي فيصلي موجب هوُ اُن ڪاريڊار مان لنگهيو هو. اُن لنگهڻ جي پرڪريا ڪان پوءِ هن پوڳيو هو... نتيجي ۾ مونجهارا...'

اها ڪهاڻي هڪ اسٽل چائيلڊ جي مڙه جي چٽڪاري جي هڪ ڪميٽي ڳاٿا آهي. (ٻار کي دفن ڪرڻ بجاءِ جلائين ٿا. مساڻي بچيل رک جمنا ۾ پروان ڪرڻ لاءِ پئسا ٿو ڪائي).

**ڀاوَ-اَڀاوَ مان:**

مُونکي لڳو ته هيءَ سڄي دنيا هڪ ڊيڄارينڊڙ خاموشيءَ ۾ وڪوڙجي ويئي آهي. هر چيز خالي ۽ شانت آهي. جڻ هي مئلن جو شهر آهي. ٿي سگهي ٿو ته ان شانت واتاورڻ جي ڳرڀ ۾ غلغلو متل هجي. ساري زندگي تنهائيءَ ۾ گذري آهي. هن ماحول ۾ ڪنهن نه ڪنهن انسان جي ساٿ لاءِ من تڙقي اُٿيو آهي. ڪٿان نه ڪٿان انسان جي بوِ اَچي. جي انسان نه ته مٽيءَ جي بوءِ ساٿ ڏئي، ڪنهن ڏپ جوئي ساٿ ملي.... (صفحو-71)

.... .... .... ....

پرم ابيچنداڻيءَ جو هڪ اِسيڪچ:

مان پنهنجي لڙائي اڪيلو لڙندس
ڪروڪيتر پل ڪٿي به هجي
ڪورَوَ پل هزار هجن
مون وٽ گانڊيو ڌنش ۾
اکٽ تير آهن
هڪ تير محفوظ آهي
پاڻ لاءِ آخري...

◆◆

## وائي

✍ ڀولڻ راهي

عجيب دنيا جو دستور
سڀ ڪي پنهنجو پنهنجو پور

1. اَڄ ماڻهو نه ٻڌڻ ٿا چاهن
ٻ اَڄ ڳالهائڻ ڪان دور
سڀ ڪي پنهنجو پنهنجو پور

2. همدرديءَ لئه جيڪو آيو
ويو سليندو پنهنجو سور
سڀ ڪي پنهنجو پنهنجو پور

3. اَڄ دنيا سوشل ميڊيا تي
ٻ اَڄ ڪي پئسي جو فطور
سڀ ڪي پنهنجو پنهنجو پور

4. ڀانت ڀانت جا ماڻهو جڳ ۾
ڪو مجبور ته ڪو مغرور
سڀ ڪي پنهنجو پنهنجو پور

5. ڪن کي پريان به ويجها ڀاسن
ڪي ويجهن کي ڀائين ڏور
سڀ ڪي پنهنجو پنهنجو پور

6. پاڳلخاني ۾ ڪو پڳلو
خود کي ڀانئي نه پاڳل مورُ
سڀ ڪي پنهنجو پنهنجو پور

7. دنيا جي ميلي ۾ هرڪو
شخص اڪيلو جڻ معذور
سڀ ڪي پنهنجو پنهنجو پور

8. هر ڪم لئه روبوٽ رچيندي
ماڻهو ٿيو روبوٽ ضرور
سڀ ڪي پنهنجو پنهنجو پور

◆◆

# سون جا ڪنگڻ

✍ شريمتي پريا سِتپال

اڄ راڌيڪا جي پٽ منوج جي نئين گهر ۾ ستينارائڻ جي پوڄا ۽ گرهہ پرويش آهي. گهر ۾ ڪافي رونق لڳي پيئي آهي. هوَن هلي رهيو آهي. راڌيڪا جو پٽ منوج ۽ نونهن ڪويتا ٻئي هوَن تي ويٺا آهن. راڌيڪا پاڻ براهمڻ ۽ ٻين مهمانن جي روٽي جو بندوبست ڏسي رهي آهي. تڏهن غصي ۾ ريکا اچي پهتي ۽ ماءُ کي چوڻ لڳي ، ”ممي هڪ دفعو ڪمري ۾ تہ هل. مونکي توسان ضروري ڳالهہ ڪرڻي آهي.“

”هاڻي ڪافي ڪم پيو ريکا، ٿوري دير کان پوءِ اچان ٿي.“ راڌيڪا رنڌڻي جي طرف مڙندي چيو.

پر ماءُ جي ڳالهہ کي اڻٻڌو ڪندي ريکا ماءُ جو هٿ پڪڙي چيو، ”مون چيو نہ ضروري ڪم آهي.“

راڌيڪا جڏهن ڪمري ۾ ويئي ۽ اُتي ڏٺائين تہ ريکا جي بئگہ ۾ ٻيو سامان پئڪ ٿيل پيو آهي.

ڪمري جي اندر گهڙندي ئي ريکا چيو، ”ممي مان واپس پنهنجي گهر وڃي رهي آهيان. پاءُ ۽ ڀاڀي کي ٻڌاءُ ڇڏجانءِ.“

”مگر ڳالهہ ڇا آهي؟ اهو بہ تہ ٻڌاءِ.“ راڌيڪا پڇيو

ريکا ناراض ٿيندي ماءُ کي چيو، ”ڇڻ توکي ڪجهہ خبر ئي ڪونہ آهي.“

ريکا پنهنجي ڳالهہ کي جاري رکندي چيو، ” مون، پاءُ منوج کان نئين گهر جي پوڄا ۽ گرهہ پرويش جي لاءِ سون جا ڪنگڻ گهريا هئا ۽ هن اُهو چئي ڪري ٽاري ڇڏيو تہ سڄو پئسو گهر ٺهرائڻ ۾ خرچ ٿي ويو آهي. هاڻي پئسا ڪونهن ۽ ڪويتا ڀاڀي جا پُراڻا جهومڪا ڏيئي ڪري پنهنجو پيڇو ڇڏائڻ ٿو چاهي؟ مان چئي ٿي

ڇڏيانءِ مونکي سون جا ڪنگڻ کپن . نہ تہ مان هاڻي ئي پنهنجي گهر هواپس ٿي وڃان.

ريکا روئيندي چوڻ لڳي، ”پاپا اڄ زنده هجي ها تہ ڇا هوُ منهنجي اِڇا نہ پوري ڪري هان. تون تہ پاءُ ۽ ڀاڀي کي ڪجهہ نہ چوندي آهين.“

راڌيڪا ريکا جو هٿ پڪڙي پلنگہ تي پنهنجي پاسي ۾ ويهاريندي چيو، ”ڪهڙيون ٻاراڻيون ڳالهيون ڪري رهي آهين. توکي تہ خبر آهي تنهنجي پاپا جو سپنو هيو هي گهر وٺڻ. پر هوُ تہ پنهنجو سپنو پورو ڪرڻ کان پهرين راهہ رباني وٺي ويو. اُن جي بيماري تي پئسو پاڻي وانگر وهائڻ کان پوءِ بہ ڪوئي بہ فائدو ٿيو. پوءِ بہ منوج پنهنجي سموري جمع پونجي لڳائي ڪري هڪ هڪ چيز پاپا جي پسند جي ٺهرائي آهي. ۽ پٽ! آشيرواد ۽ خرچي جيڪو خوشيءَ سان ڏنو وڃي اُهوئي وٺڻ کپي. ٺيڪ ئي چئي رهيو آهي منوج ايترو پئسو لڳائڻ کان پوءِ، ڪيئن تنهنجي لاءِ سون جا ڪنگڻ ٺهندا؟“

ريکا غصو ظاهر ڪندي چيو،”توهان کي تہ هميشهہ منوج پاءُ جون ڳالهيون ئي صحيح لڳنديون آهن.“

راڌيڪا سمجهائيندي چيو، ”ريکا....هي صرف تنهنجو ضد آهي. ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ آهي. توکي تہ هونئن بہ هوُ جهومڪا ڪافي پسند هئا. شادي کان پهريون ڪيترن فنڪشن تي پاتا آهن تہ هاڻي ڇا ٿيو؟ “

راڌيڪا پنهنجي ڳالهہ کي جاري رکندي چيو، ”منهنجو حال بہ توکان لڪل ڪونهي. جيڪو ڪجهہ بہ هيو توهان ٻنهي جي پڙهائي ۽

شاديءَ ۾ خرچ ٿي ويو.``

ريڪا اڄان بہ غصي ۾ هئي ۽ چوڻ لڳي... ”ٺيڪ آهي تہ پوءِ مان وڃان ٿي... جتي منهنجو مانُ سنمان ڪونهي... اتي مونکي بہ رهڻو ڪونهي... ``

راڌيڪا اکين ۾ آنسون آڻيندي چيو، ”ريڪا پٽ! هڪ دفعو وري سوچ... ڪڏهن ڪڏهن هڪ پل جو ڪروڌ ۽ غصو ڳهري ڪان ڳهري رشتي کي بہ تباهہ ڪري ڇڏيندو آهي. اڄ جيڪڏهن تون ائين اُنهن کي بنا ٻڌائڻ جي هلي وئين تہ هميشهہ جي لاءِ پنهنجي پاءُ ۽ پاپي جي دلين ۾ تنهنجي لاءِ عزت ۽ سنمان بہ وڃائي ڇڏيندينءَ.``

راڌيڪا پنهنجا ڳوڙها اُگهندي چيو، ”ريڪا پٽ! تون پنهنجي پاءُ منوج ۽ ڪوينا پاپي جي نيت تي شڪ ڪري رهي آهين. هوُ ڪالهہ شام جو ٿي چئي رهيا هئا تہ.. ممي اسان هاڻي ريڪا جي اَڃا نڌا پوري ڪري سگهون ٿا مهنن ڪان پوءِ اسان ماما مامي ٿينداسين يعنيِ ريڪا جي جڏهن ڊليوري ٿي ويندي تہ ضرور ريڪا جي لاءِ سون جا ڪنگڻ ٺهرائينداسين. تيستائين پئسن جو بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ اِنتظام ٿي ويندو. اگر اهو سڀ ٻڌڻ ڪان پوءِ بہ وڃڻ چاهين ٿي تہ مان توکي ڪونہ روڪينديس.``

ريڪا کي پنهنجو پاڻ تي شرم اچي رهي هئي. صرف پنهنجي هڪ ضد جي ڪارڻ هوءَ غلط قدم کڻڻ تي ڪٽي سگهي.

پنهنجي ماءُ کي ڀاڪر پائيندي چيائين، ”مونکي معاف ڪري ممي. هميشهہ پاپا ۽ پاءُ منوج ئي منهنجي چاهي صحيح هجي يا غلط هر ضد پوري ڪئي آهي.... ۽ اُنهي ضد جي ڪارڻ مان رشتن جي اهميت کي وساري ڇڏيو. توهان ئي مونکي صحيح رستو ڏيکاريو نہ تہ هڪ پل جي ڪروڌ ۾ کنيل فيصلي جي لاءِ مونکي سڄي عمر پڇتائڻو پوي ها. سون جي ڪنگڻن جي لاءِ مونکي سون جهڙن رشتن کي نٿي وڃائي سگهان.``

◆◆

## غزل

✍ کيمن يو. مولاڻي

ڪٿي ماڻهو آهڙا ڏٺي مون نري<br>هتي چال شطرنج جي هرڪو هلي.

1. اَڇن باغ ۾ ٿا گلن کي ڏسڻ،<br>وڃن ٿا ڇبر جي گلن کي ڇَتي.
2. سچي ڳُوڻ کي آهي سرڻو لڳل،<br>ٿو مشڪل سان ثابت ڪو ڌاڻو ملي.
3. هلي هلڪڙن رولوُ ڪارن جي ٿي،<br>وڃن تاءُ سچ جو ڪڪر ٿا کسي.
4. ڏيو پيار هيڏو ٿا ڪنهن ڪاڻ اَڄ،<br>اَوهان ئي ڪڍيو هو آسانکي تڙي.
5. سفر ۾ کي آيا ها آهڙا پڙاوَ<br>ڪندي ڳاله جن جي ڌرن ٿي ڏکي.
6. اَچي اُن جڳهہ تي رسيو ڪافلو،<br>نصيحت ڪاهرڪو وڃي ٿو ٿئي
7. جڳت ڪاڻ جڻ ڪوئلن جي لڳو،<br>بچي ڪونہ ڪارنهن ڪان ٿو ڪو سگهي.

◆◆

## पथर जा देवता

✍माया वसन्दाणी 'इंडलठि'– जयपुर

ओ पथर जा देवता<br>हज़ारनि लखनि जूं<br>दांहूं ऐं वेदिनाऊँ<br>खणी पियो मुशिकीं<br>सचपचु ! तूं पथर जो आहीं<br>या बुधी–बुधी<br>पथरु थी वियो आहीं।

◆◆

# ڪتاب پڙهڻ جا سائنسي فائدا

**واٽس آپ**

1. **دماغ جي ڪم ڪي وڌائن ٿا:** ڪتاب پڙهڻ دماغ ڪي ترتيب ڏيڻ سان گڏ نيورل فنڪشن ڪي پڻ مسل ميمري جهڙي عمل ذريعي وڌائي ٿو.
2. **دماغي بوجهہ ڪي گهٽائن ٿا:** اَڌ ڪلاڪ ڪتاب پڙهڻ بلڊ پريشر ۽ هرٽ ريٽ ڪي گهٽ رکي سگهي ٿو. جنهن سان ذهني دٻاءُ %68 گهٽجي وڃي ٿو.
3. **علمي زوال کان روڪين ٿا:** ڪتاب پڙهڻ سان توهانجو دماغ ٻڍاپي ڏانهن وڃڻ کان بعد بہ تيز ٿي رهي ٿو ۽ ڊمينشيا جهڙن دماغي حالتن کان بچائي ٿو.
4. **ننڊ ڏيارن ٿا:** سمهڻ کان اڳ ڪتاب پڙهڻ جي عادت توهانجي جسم ڪي آرام ڏانهن وٺي وڃي ٿي ۽ توهانڪي ننڊ ڦٽائڻ وارين شين جهڙوڪ موبائيل وغيرهہ کان بہ پري رکي ٿي.
5. **عام ڄاڻ ۾ اضافو ڪن ٿا:** وسيع موضوعن جي باري ۾ ڄاڻ هجڻ توهان ڪي هر مشڪل سان منهن ڏيڻ سيکاري ٿو.
6. **لغت ۾ اضافو ڪن ٿا:** اهي ماڻهون جيڪي روز ڪتاب پڙهن ٿا. لفظن جو خزانو رکن ٿا. اهو عمل توهانڪي زندگي ۾ گهڻن موقعن تي مثبت طريقي ۾ اثر انداز ٿي سگهي ٿو.

◆◆

---

فرانز ڪافڪا

منهنجي خيال ۾ اسان ڪي اهي ڪتاب پڙهڻ کپن جيڪي
خنجر جيان زخمي ڪريو ڇڏن، اگر هڪ ڪتاب اسان ڪي
ڌوڏي نٿو ڇڏي، تہ پوءِ پڙهڻ جو ڪهڙو فائدو؟مطلب تہ پوءِ
اسين خوش ٿيڻ لاءِ ڪتاب پڙهون ٿا جيئن اهو اسان لکيو
هجي قسم سان اسان ڪتابن کان بغير خوش ٿي رهنداسين
۽ اگر ڪي ڪتاب اسان ڪي خوش ڪري بہ سگهندا تہ اهي
اهڙا ئي هوندا جيڪي اسان پاڻ بہ لکي سگهون پر اسان
ڪي اهڙا ڪتاب پڙهڻ کپن جيڪي اسان تي گهرو اثر
وجهن، جيڪي اسان ڪي ائين ڌڪوئن جيئن
اسان ڪنهن پاڻ کان وڌيڪ پيار ڪرڻ
واري ماڻهون ڪي وڃايو هجي، جيئن
اسان ڪي وطن کان ڌار ڪيو ويو هجي،
جيئن خودڪشي هجي، هڪ ڪتاب
ضرورو هڪ ڪهاڙي ئي هوندو
آهي جيڪو اسان جي اندر
جي منجمد سمنڊ ڪي ٽوڙي
ٿو. اهو منهنجو اعتقاد آهي.

(روشني)

◆◆

# ڪڏهن بهار تہ ڪڏهن خزان

تارا ميرچنداڻي

ٽرين پوري رفتار سان ڊوڙي رهي آهي. مان دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳس. ٽرين سان گڏ وڻ ٽڻ، جهوپڙيون، گهر، گاڏيون، موٽرون، رستا واديون سڀ ڄڻ ڊوڙي رهيا آهن. منهنجو نظرون آڪاش ڏانهن کڃي ويئون. آسمان ۾ ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ بادل نظر اچي رهيا آهن. اهي بہ ڄڻ ٽرين سان ڊوڙڻ ۾ شرط پچائي رهيا آهن.

ڪٿي ٿوري اُس تہ ڪٿي ڇُهڙ. ڪٿي سوڪڙ تہ ڪٿي هريالي. پريان هجن! يا ڪي رانديڪا هجن. ڪٿي ايڪڙ ٻيڪڙ ڪي ماڻهن نظر اچي رهيا هئا. ڪا اسٽيشن لنگهي ٿي ويئي تہ ٿوري هلچل ڏسڻ ۾ ٿي آئي. ماڻهن سامان، اسٽال وغيره....دوريءَ کان نظر ايندڙ جبل ٽڪر... جبل تي ڪو اڏيل مندر... هر نظارو ڪن ڪن بدلجندو پئي رهيو. ڪجهہ بہ ساڳيو ڪونہ هو. ڌرتيءَ جي هر حصي تي الڳ الڳ رچنا. قادر جي قدرت بہ عجيب آهي. ڪيتري نہ اديت سندر آهي سندس پرڪرتي. مينهوڳيءَ ۾ پوني کان ٻامبي تائين مسافريءَ ۾ عجيب لطيف آهي.

مان ڪڙڪيءَ کان ٻاهر نهاريندي رهيس. ڪڏهن ڌرتيءَ ڏانهن تہ ڪڏهن آسمان ڏانهن. اڇهو هينئر جو هينئر پکين جي ٽولي اُڏامندي نظر آئي. نہ ڄاڻ جُهنڊ جو جُهنڊ ڪيڏانهن ڪاهي رهيو آهي. شايد ڪنهن مجلس ۾ وڃي رهيا هئا يا شايد ڪنهن جي مرتيوءَ تي پکين ۾ بہ ڪيڏي ٻڌي آهي. هڪبئي کي آواز ڏيئي يڪشمت ٿي اچي مڙهہ تي پهچندا !!!...

مان بہ تہ هينئر پوني مان ممبئيءَ پنهنجي وڏي ڀاءُ جي مرتيوءَ تي رڪايل پاٺ صاحب جي ڀوڳ تي وڃي رهي آهيان. ڀائو وڏي عمر جو هو. آسٽريليا ۾ پنهنجي پٽ وٽ سال ڏيڍ ٽيو هوس تہ دهلي مان پنهنجو بنگلو وغيرهہ وڪڻي ڀاڀي سميت هميشهہ لاءِ اُتي رهڻ لاءِ هليو ويو هو.

سچ تہ وڏي عمر ۾ اولاد جي ويجهو هجڻ جي ڪيتري ضرورت ٿي محسوس ٿئي ! پر اڄ جو واءُ ااهڙو آهي جو گهڻو ڪري ٻار پڙهڻ لاءِ ٻاهر وڃن ٿو اُتي ئي ٽائينڪا ٿي ويهن ۽ اڪثر مائٽن جا هيڏا ڪشالا ڪڍي ٻار پاليا ۽ پاڙهيا سي وڏي عمر ۾ اڪيلا رهجيو وڃن.

اکين اڳيان ڦري آيم پنهنجي ٻي سالي جي ننڍڙي ڀائٽي جي صورت. هڪ ڏينهن حيدرآباد سنڌ ۾ ڪار ويندي وٽن تي ننڍڙيون ٻتيون چمڪندي ڏسندي پڇيائين، ”ديدي، اڄ ڪنهن جهرڪيءَ جو ٻرٿ ڏي آهي.“

ڀلا سندس ٻرٿ ڏي تي جو اسان سڄو ڪمرو گُلن، جهالرن، ڦوڪڻن ۽ ننڍڙين رنگبرنگي ٻتين سان سينگاريو هو. ڪيترو نہ معصوم هو سندس چهرو ۽ ان کان بہ معصوم هئي سندس پڇڻ جي ادا.

اُن وقت سندس چهرو ياد ايندي ئي هلڪي مُرڪ نمودار ٿي ويم.

ڀائو ۽ ڀاڀيءَ جي شاديءَ جي پوري ائين سالي کان پوءِ ڄائو هو اسانجو ديپڪ. چا تہ سندس نڪ نقشو هو. سندس پرڪاش سان ڄڻ سڄو گهر ئي روشن ٿي پيو هو. منهنجي عمر اُن وقت تيرهن چوڏهن ورهين ئي. منهنجي تہ جيءَ جو جياپو ٿي پيو هو.

ڀائو وڏي ۾ وڏو ڀاءُ هو ۽ مان ننڍي ۾ ننڍي ڀيڻ. وچ ۾ بہ پرٽيل ڀينر ۽ مون کان هڪ وڏو ڀاءُ. ديپڪ پنجين مهيني تائين ڏاڍو بيمار گذاريندو هو. سڄو وقت پيو روئندو هو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ گود ۾

ڪٽي پيئي لولي ڏيئي ڪيس سمهارڻ جي ڪوشش ڪندي هيس ۽ سندس ڪن ۾ ستنام واهگرو جو جاپ جپيندي هيس. هر وقت پيئي پرارٿنا ڪندي هيس ته بار کي ڪنهن طرح آرام اچي.

مان ڇڻ سپنن ۾ ڪوهجي ويس. ٽيونجاهه چوونجاهه سال اڳ... حيدرآباد سنڌ ... اسان جو پنهنجو گهر ... گهر ۾ اڱڻ... مٽي ڪُنڊ... امان دادا جو ڪمرو، اسان ٻارن جو ڪمرو، پائو ۽ پاپي ۽ جو ڪمرو. ڪمري ۾ پينگهو ۽ پينگهي ۾ ديپڪ... اسان جي ڪل جو ديپڪ.

اچانڪ گاڏي لوناوال پهتي. گوڙ شور ٿي منهنجي سماڌيءَ ۾ ڀنگ پيو. ماٺهو ئي ماٺهو. چانهه...ڪافي...چڪي وارا...سئنڊوچ... ويفرس ...گرم وڙا...سنبوساوغيرهه وغيرهه هوڪن سان ماحول ڀرجي ويو. ڪي ماٺهو لٿا پئي ته ڪي چڙهيا پئي. هلچل... هلچل... ڪيڏي هلچل آهي پرڪرتيءَ ۾... سڀ پيا ڊوڙون پائين.

زندگي به ائين ڊوڙندي ٿي رهي. ڏسندي ڏسندي ڏينهن مهينن ۾...مهينا سالن ۾ بدلجندا ٿا رهن ۽ رهجي ٿيون وڃن صرف يادگيريون

اسين ماضيءَ ۾ جيئڻ ڇو ٿا چاهيون؟ ڇا رکيو آهي ماضيءَ ۾؟ سُک جون ڪي گهڙيون... باقي ڏُک. پوءِ به نه ڄاڻ ماضيءَ ۾ ڪوهجي وڃڻ تي دل تيئي ٿئي. ڇو ٿي ٿئي دل؟ ڪنڊنڇي ڇُپ ڇُپ سهڻ لاءِ؟ ... دل به عجيب چيز آهي!

سنڌ جو ورهاڱو ٿيو. ڪتري درد سان اسين پنهنجو وطن ڇڏي آياسين. اسان جو دادا زميندار هو. زمينون ڇڏيندي سندس هنيانءُ تي ڏريو، پوءِ به اُميد هيس ته هڪ ڏينهن ضرور واپس موٽي ايندا سين. جاءِ نه وڪٽي ڪنهن مسلمان دوست کي مسواڙ تي ڏيئي آيو، ڇهن مهينن جي سوٽي اڳوات وٺي!... ڪيترا نه انڌوشواسي ۽ وسوڙا هئاسين اسين!

پهرين نرياد ۾ ۽ پوءِ بمبئيءَ ۾ ڪيترن سالن جي سنگهرش ڪان پوءِ مس وڃي ٿا ٿينڪا ٿيا هئاسين. پائو ۽ پاپي ٻئي پڙهيل ڳڙهيل هئا. جلد دهليءَ ۾ وڃي نوڪريءَ تي چڙهيا.

ديپڪ وڏو ٿيندو رهيو. ماءُ پيءُ جو سڪيلڌو. جيڪي طلبي سو تيار. بگڙيل شهزادو. پر هوُ ذهين به هيڪاندو هو. انگريزي اهڙي ڳالهائيندو جڻ سندس ماتر ڀاشا هئي.

گاڏي کنڊالا پهچي وئي. ٿڌي ٿڌي هير پئي لڳي. چوطرف هريالي ڇانئي پيئي هئي. اچانڪ بادل مڙي آيا. رِمجهم رِمجهم برسڻ لڳا. بادلن جو وسڻ سنو لڳو. سيني پنهنجون ڪڙڪيون بند ڪيون. پر مون نه ڪئي. مون کي برسات جي بوندن ۾ پُسڻ سنو لڳو. ڄڻ آندر ٺار پئي پيو.

ٽرين اَڳتي وڌندي رهي... رفتار تيز ٿيندي ويئي. ماضي وري اچي منهنجي سنمک بيٺي.

سچ ته مون ياد ڪرڻ به نٿي چاهيو. جو گذري ويو اُن کي خراب سپنو سمجهي وسارڻ ٿي چاهيم. اڪثر اُن ۾ ڪامياب به رهي آهيان. پر نه ڄاڻ ڇو اڄ ٽرين جو سفر ڪندي زندگيءَ جو سفر حاوي پئجي ويو آهي. شايد پائوءَ جي مرتيو جي ڀوڳ تي وجي رهي آهيان. ڪيترو نه پيار ڪندو هو. پائو مونکي هوُ هينئر هن جهان ۾ ڪونهي. وڃڻو ته هر ڪنهن کي آهي. عمر پوري گذاري چڪو هو. ڏک ڪرڻ به نه کپي. پر پوءِ به هردو پاري آهي. ڏک ۾ ٽمٽار آهي. ڪيس ياد ڪري اکيون ڀرجي ڀرجي ٿيون اچن.

شايد سندس اَنت سُک مٽي پرڪرتيءَ ۾ ٿئي ها ايترو ڏُک نه ٿئي ها. پر ..... هي سال ڏيڍ جي اندر ڇا ٿي ويو !!!!

ڪيترو نه خوشيءَ سان پائو ۽ پاپي پنهنجو سالن جو ٺاهيل آشيانو ڇڏي پنهنجي پٽ وٽ رهڻ لاءِ آسٽريليا ويا هئا. آسٽريليا ۾ ديپڪ کي تمام سُٺي نوڪري هئي. هوُ آسٽريلين ڇوڪريءَ سان پرڻيل هو. کين هڪ پٽ به هو. ٻه ڀيرا دهليءَ مان گهمي ويا هئا. پائو ۽ پاپي مٿائن

ٻُلهار پئي ويا. پاپيءَ تہ پنهنجا گهٽي قدر مٽيا لاهي نُنهن کي پارايا. پائو تہ اڳيان پنيان پيو ڦرندو هُئن. ڪک پيچي بہ ٻيٽو ڪرڻ نہ ڏيندو هُئن.

ديپڪ ۽ سندس پتنيءَ جي گهٽي زور ڀرڻ تي هوُ سڀ ڪجهہ وڪٽي اصل لاءِ هندستان ڇڏي پرديس وڃڻ لاءِ تيار ٿيا.

متن مائٽن کين روڪيو تہ تکڙ ڪري سڀ ڪجهہ وڪٽي نہ وڃو. پهرين سال اڌ رهي اچو. ڏسو تہ اُتي کيئن ٿا محسوس ڪريو. هڪ اجنبي شهر ۾. اجنبي ماحول ۾ هن عمر ۾ توهين پاڻ کي نهڪائي سگهو ٿا يا نہ.

پر هنن ڪنهن جي نہ ٻُڌي. پٽ ۽ پوٽي جي موهہ کين ڪجهہ سوچڻ سمجهڻ ئي نہ ڏنو. هڪ ئي رَت تہ ڏاڍا اڪيلا آهيون. ڏُک سُک ۾ پُٽ ئي تہ ڪم ايندو.

وڃڻ وقت ڪيترو نہ خوش هئا. کين ائين لڳي رهيو هو تہ هيترا سال هنن رت ست ڏيئي جيڪا کيتي ڪئي هئي سا لُٽڻ وڃي رهيا آهن.

سندن خط ايندا رهندا هئا تہ هوُ ڏاڍا خوش آهن. پُٽ ۽ نُنهن سندس ڏاڍي سنڀال لهندا آهن. ڪاڏو پيتو سڀ هٿ ۾ ملندو اٿن.

ڪجهہ وقت کان پوءِ لکيائون تہ جنهن جاءِ ۾ رهيا پيا آهيون سا سندن جي اچڻ ڪري ننڍي ٿي محسوس ٿئي. وڏي جاءِ وٺڻ جي ويچار ۾ آهن. وڏي جاءِ وٺڻ لاءِ پئسي جي ضرورت اٿن. اسان خوشيءَ خوشيءَ کين پنهنجي آندل امداد جي آڇ ڪئي.

اُن بعد .... نئين گهر ۾ سڀ سُک سهوليتون موجود آهن. وڏو وڏو ڪمپائونڊ آهي. ڪمپائونڊ ۾ نوڪر جي رهڻ جو ڪوارٽر بہ آهي. ڪوارٽر اهڙو جهڙو One bed room. جيتوڻيڪ نوڪر وٽن ڪونهي. هتي نوڪر رکڻ ڏاڍا مهانگا آهن. مدد لاءِ هڪ maid (نوڪرياڻي) ايندي آهي. باقي سڀ ڪم هوُ پاڻ ڪندا آهن.

اسين بہ نسچنت ٿي وياسين تہ هوُ پاڻ ۾ خوش آهن. اِئين ڪجهہ مهينا گذري ويا.

اچانڪ سندن خط پٽ اچڻ بند ٿي ويو. ڪيتري وقت کان سندس فون بہ ڪونہ آيو هو. هونئن اڪثر فون بہ هوُئي ڪندا هئا. سپاويڪ من ۾ عجيب و غريب ڦرنا اُٿڻ لڳا تہ شل سڀ سُک هجي.

مون کان رهيو نہ ٿيو. مون کين فون ڪيو. فون ديپڪ جي زال کنيو. روايتي هيلو.. هاءِ ڪرڻ کان پوءِ پائو جو پڇيم تہ چيائين، ”هاڻي هوُ هتي ڪونہ رهندا آهن.“ ۽ فون رکي ڇڏيائين.

منهنجي هٿن مان جڻ ڪي ڪري پيو. هتي نہ رهندا آهن جو مطلب؟ تہ پائو پاپي ڪٿي رهندا آهن؟؟؟؟......

مون وري کيس فون ڪري منٿائتي نوع ۾ سندس فون نمبر گهريو.

هن اَن منيو فون نمبر ڏنو. مون اُن فون نمبر تي فون ملايو. پاجائيءَ فون کنيو. اصل ڳالهائڻ ئي نہ اُڪليس جڻ اندر ٿي وڃهليس. ڏڇهندي چيائين، ”مت مارجي ويئي هئي اسان جي اسين تہ فقير ٿي پياسن. هينئر تہ ڪجهہ ڪونہ اٿئون جو انڊيا ۾ موٽي اچون نہ گهر-نہ گهاٽ-نہ پئسو نہ پنجر. هينئر تہ بس باقي زندگي اڏينتا ۾ گذارڻي آهي. جي توهين اسان جا سچا همدرد مائٽ آهيو تہ اسان لاءِ پرارٿنا ڪريو تہ ڀڳوان اسان کي جلد پاڻ وٽ گهرائي وٺي.“ ۽ پوءِ اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي.

فون پائوءِ کنيو. پائوءَ جي آواز ۾ ٿهر هئي. سپاويڪ لهجي ۾ چيائين، ”اهڙو ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيو آهي. اسين ٺيڪ آهيون. سَسُ نُنهن جي پاڻ ۾ ڪونہ ٻڻي. ڪيتري وقت کان پاڻ ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ بند هُئن. نُنهن بہ هر وقت خفي خفي رهڻ لڳي هئي. ڪاڌو بہ وقت سر ڪونہ ملندو هو. اسين پاڻ کي اوپرو ۽ مٿن بار سمجهڻ لڳا هئاسين. ديپڪ خود بہ پريشان هو. محسوس

ڪري رهيو هو تہ اسان کي ڳُهرائي ياري پِلِ ڪئي هئائين. مون کي لڳو تہ وڏيڪ وقت ساڻن گڏ رهنداسين تہ سندن سُکي گرهست ٽُٽي ويندو.''

ڀائوءَ چيو، ''مون خود ئي ديپڪ کي صلاح ڏني تہ اسين ڪمپائونڊ ۾ ئي Servant quarter ۾ رهڻ لاءِ تيار آهيون. گهٽ ۾ گهٽ ساڳئي ڪمپائونڊ ۾، هڪ ٻئي جي ويجهو تہ هونداسين. هڪ ٻئي جي شڪل صورت تہ ڏسي سگهنداسين.''

ڀائوءَ پوءِ چيو، ''ديپڪ اسان کي اُتي ٽائيٽنڪو ڪيو آهي. سڀ ضروري سامگري ميسر ڪري ڏني اٿس. فرج، T.V، Microwave، ٽيليفون سڀ. هفتي ۾ ٻہ دفعا اچي ڪاڏي پيتي جي سامان سان فرج ڀري ويندو آهي. باقي نُنهن ڪونہ ايندي آهي. ۽ اسان کي ٻہ وٽ وڃڻ جي منع آهي. پوٽو سني پهرين روز ايندو هو. هينئر هفتي ۾ ٻہ دفعا پي سان گڏ ٿي ويندو آهي.''

مون درد وچان چيو، ''ڀائو هيترو ڪجهہ توهان سان ٿي گذريو. پر توهان ٻڙڪ بہ ڪونہ ٻوليو. اسين ڇا پراوا ٿي ويا هئاسين؟''

ڀائوءَ چيو، ''توهان کي چنتا ۾ وجهڻ مان فائدو؟ ٻڌائڻ سان اسان جو مسئلو سُلجهي تہ ڪونہ پوندو؟ تقدير سان ڪير وڙهندو؟ زندگيءَ جو گهڻو سفر ڪٽجي چڪو آهي، باقي بہ ڪٽجي ويندو. پر تنهنجي ڀاڃائي اهو قبولڻ لاءِ تيار ڪونهي. روئي روئي پاڻ کي بيمار ڪري ڇڏيو اٿس. اڳ ۾ ئي جوڙن جي تڪليف هئس. هينئر تہ اُٿڻ -ويهڻ کان لاچار آهي. سنان بہ مان ئي ڪرائيندو آهيانس. ڪپڙا بہ مان مٽايانس. Microwave ۾ ڪاڌو بہ مان ئي گرم ڪري کارائيندو آهيانس. گهڻي قدر اسين کير ۽ ڪارن فليڪس (corn flakes) تي گذارو ڪندا آهيون.''

مون اچان چيو: ڀائو.....

تہ چيائين، ''تنهنجي ٽيليفون جو بل چڙهندو پيو وڃي.سڀني کي چئجِ تہ اسين ٺيڪ آهيون.''۽ فون رکي ڇڏيائين.

من ۾ سوچيم نہ ڄاڻ حقيقت ڇا آهي. ڀاڀي پنهنجي سڀاءُ موجب وڏاءُ ٿي ڪري يا منهنجو درويش سڀاءَ وارو ڀاءُ پنهنجي پُٽ نُنهن کي ڍڪي رهيو آهي.

۽ بس... ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ ديپڪ جو فون آيو تہ ڊئڊي هن سنسار ۾ نہ رهيو. اچانڪ دل جو دؤرو پيس ۽ کن ۾ هڻ کڻ ٿي ويو. مميءَ جي حالت صحيح ڪونهي. مون کان سواءِ ڪنهن کي سڃاڻي بہ ڪونہ ٿي. سندس نرسنگهہ هوم ۾ رهائڻ جو بندوبست ڪيو اٿئون. اُتي سندس سار سنڀال نيڪ ٿيندي رهندي. ڊئڊيءَ جو ڪريا ڪرم هتي ٿا ڪريون. توهين مائٽ ڊئڊيءَ جو پاٺ صاحب بمبئيءَ ۾ رکائجو ۽ ڊئڊيءَ جي آتما جي شانتيءَ لاءِ پرارٿنا ڪجو.

اوچتو گوڙ تي منهنجي خيالن جي ڪڙي ٽُٽي پيئي ڳاڏي ڪلياڻ جي ويجهو هئي. ڏسندي ڏسندي سندر پرڪرتي غروب ٿيندي پيئي وئي. دريءَ کان ٻاهر جهانڪيم جهوپڙيون ئي جهوپڙيون. ننگا ٻار...اڌ ننگيون زالون... لونگيءَ ۾ مرد. زالون نلڪي تي پاڻي پيئون ڀرين. ڪي ڪانئيون ٻاري ڪاڌو پيئون رڌين. گند ئي گند...چئُ وطرف گند ڪچرو. پالٿين جون ٿيلهيون چؤطرف پکڙيل...ٽين جون نهيل جهوپڙيون... ڳوٺين سان ڍڪيل جهوپڙيون... درن تي ٻڌل ٻڪريون. ناريل پاڻيءَ جا دڪان. دڪان اڳيان ئي ناريل جو ڪوپا...ناريل جا ڇلڪا... گند جو ڍير.

گوڙ...گوڙ... گوڙ.

زندگي بہ اِئين بدلجندي ٿي رهي. ڪڏهن بهار تہ ڪڏهن خزان. سُک ڏُک بہ مندن جيان پيو بدلجي. صرف سُکن جو گهڙيون جلدي گذري ٿيون وڃن ۽ ڏُک جون گهڙيون پهاڙ جيان لنبيون ٿي ٿيون پون.

◆◆

## غزل

✍ ارجن حاسد

(1)

تنهنجي آڱر جون ريشمي ليڪون،
ٻڌجي رڻ پَٽُ، اکين ۾ خوابَ اُڻون.
- فهم کي مون ڪڏهن نه ورجايو،
ذهن پاتيون جڏهن جڏهن رهنڊون.
- هٽُ ته هٽَ ۾ ڏيڻ جي ريت آهي،
جي ورائين ها سڪندڙ ٻانهون
- من جي تارن کي هوڏ لرزائي،
ساهه کي رڳو تون ڇهين، پرچون.
- سمنڊ کي ڪيڏي ته ٻه اڪيلائي،
لهر تي جهاڳ، جهاڳ تي لهرون.
- رات، اوندهه ، اُرهه نه لوءِ ائين،
يا ته وڦلون ، يا مات ۾ تڙڦون.
- ويهُه حاسد، پڳهر ۾ شَلِ آهين،
پيچرن جي مذاق تي سوچون

(2)

- جئن پتڪن تا دلدار سوين،
تئين تنهنجا پڻ سينگار سوين.
- هيءُ شهر سڄو دنياداري،
هر ڇهري تي وهنوار سوين
- هڪ مرڪ ڏيون، هڪ وٺون،
تنهنجا منهنجا واپار سوين
- سڀ ماڻهوءَ جي اولادي آهيون،
پنهنجا پنهنجا ويچار سوين.
- هٽُ لوڏن، اک سان پڻ پڻ ڪن،
چُپ چُپ ۾ تين اظهار سوين.
- تا ملي وڃن سستا آهن،
کهڙي پي اکهه ۾ ، يارَ سوين
- حاسد مَنُ ماري وينو رهه،
اونڌي تا پڙهن اخبارَ سوين

◆◆


## غزل


✍ موتي پرڪاش

1. اڱ هن جي اَڇڻ تي ڇيم، ”يار ڪپي“ ،
آيو ته ڇيم، ”هنجو فقط پيار ڪپي“،
هاڻي ٿو ستائيم غم ته ”هوُ ويندو“
2. محفل ۾ اَچي توکي پڪاريان وينو،
جنهن سان ٿو ڪرين لاڏ وساريان وينو،
مون تي جي کلي لوڪ کلڻ ڏينس مگر،
مان تنهنجي کلڻ لاءِ نهاريان وينو
3. هيءَ رات سڄڻ پاڻ ملهائي ويندي،
جيون ۾ نئون رنگ لڳائي ويندي،
هي وصل ته مون لاءِ وصل آ مگر،
هيءَ رات سندس پياس وڌائي ويندي.
4. هر روز مون لئه شڪايت ٻه ڪندين،
ڪنهن مهل اَچي ڪائي هدايت ٻه ڪندين،
پنهنجن سان اِهو سڀ ته روا آهي مگر،
پنهنجن سان ڪڏهن پلجي عنايت ٻه ڪندين.
5. هوءَ تنهنجي آ ديوار تي تصوري پريان،
ڳوڙهن کي وهائي مان هتي جهول پريان،
اکين ۽ ڇپن کي ٿو ڏسان جيئن تنهنجي
لڙڪن کي لڪائڻ جي مان ڪوشش ٿو ڪريان.
6. اي عشق تو آ ڪن کي عقيدت بخشي،
ڪن کي تو ڏنو لطف، فضيلت بخشي،
پر تو ئي، سندم دل کي ڪري موم، مون کي
اِنسان کي چاهڻ جي طبعيت بخشي.

◆◆

# شرڌانجلي



**دڪدائي سماچار**

**آسانجي پرم شرڌيه، پرم وندنيه ، هرهڪ جي دل (هرديه) ۾ رهڻ واري**

**پوڄنيه ستگرو ديو ڀڳوان شرومڻي مريادا پرشوتم سنت سائين چانڊورام صاحب جي**

پنهنجي جيون ليلا سڦل ڪري 15 آڪٽوبر 2025 ۾ برهملين ٿيا

آسان سڀئي سنڌي سماج ۽ سنڌو يوٿ سرڪل پاران ڪيس شرڌانجلي آرپڻ ڪريون ٿا.



**سرڳواسي چندر هرداسي**

هر دلعزيز پروڊيوسر، ڊئريڪٽر ۽ مشهور سنڌي فلم ائڪٽر

چندر هرداسيءَ فاني دنيا مان

27 ڊسمبر 2025 تي پرڀو جي چرنن ۾ واس ڪيو

سنڌي فلم انڊسٽري جا ڪلاڪار ۽ سنڌو يوٿ سرڪل پاران

ڪيس شرڌانجلي آرپڻ ڪريون ٿا.

◆◆

# فن، فنڪاري ۽ پڙهندڙ

✍ مراد علي مرزا

اسان جي سدا حيات شاعر عبداللطيف ڀٽائي سر مومل راڻو ۾ مومل ۽ سندس سرتين جي سونهن جو ذڪر اجهو هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس،
چوٽا تيل چنبيلي، هاها، هو، هميشهه،
پسيو سونهن سيد چئي، نينهن اچين نيش
لالن جي لبيش، آتڻ اڪر نه اُجهي.

هنن بيتن ۾ شاهه سائين سونهن جو سراپا بيان ڪيو آهي، جنهن کي پڙهي يا ٻڌي ذهن ۾ مومل ۽ سندس سرتين جي حسن جي هڪ خيالي تصوير ٺهي ٿي. اِها ذهني تصوير سڀني پڙهندڙن جي ذهن ۾ هڪ جهڙي نه هوندي، پر پنهنجي پنهنجي معيار ۽ ذوق مطابق هوندي، ڇاڪاڻ ته هر هڪ شخص جو ذهني معيار ۽ ذاتي ذوق جدا جدا هوندو آهي. ان باري ۾ هيءَ ڳالهه چوڻ به ضروري آهي ته شاهه سائينءَ به مول ۽ سندس سرتين جي تصوير خيالي ٺاهي آهي. شاهه مومل کي اکئين ڪونه ڏٺو هو، پر سندس تخليقي قوت ايتري ته زور واري هئي، سندس احساسن ۾ ايتري ته شدت هئي جو جڏهن خيال لفظن جو لباس پهريون ته نقل ۽ اصل ۾ ڪو فرق باقي نه رهيو ۽ شاهه جي بتين پڙهڻ کان پوءِ ائين ٿو محسوس ٿئي ته مومل جي ماڙي ۾ شاهه پاڻ به موجود هو. تڏهن چوي ٿو ته:

پسيو سونهن سيد چئي، نينهن اچن نيش،
لالن جي لبيس، آتڻ اڪر نه اُجهي.

شاهه هنن بيتن ۾ حسن جو هڪ مثال ٻڌايو آهي. اهي بيت پڙهي ٻين به ڪيترن ئي شين جي خوبصورتي ۽ حسن ڏانهن خيال وڃي ٿو. اُڀرندڙ ۽ لهندڙ سج جو نظارو، چوڏهينءَ رات جي چانڊوڪي، پهاڙن جون برف سان ڍڪيل چوٽيون، قدرت جا ٻيا به ڪيترائي نظر فريب نظارا، ڪو پيارو نظم يا گيت، ڪا دلڪش ڪهاڻي، ڪو ٻي مثال ادب. انهن سڀني هڪ سونهن هڪ خوبصورتي هوندي آهي. جنهن جي ڪاڪ محل ۾ پهچي اسان جو عقل دنگ رهجي ويندو آهي. پر جڏهن حيرت حد کي پهچي ويندي آهي ۽ ذهن ان ماحول يا منظر کي قبول ڪندو آهي. تڏهن هڪ اڻڄاڻ خوشيءَ جو احساس ٿيندو آهي. جنهن ڪري دل ۽ دماغ کي فرحت ۽ سڪون محسوس ٿيندو آهي.

يونان جو ڏاهو افلاطون زندگيءَ جا ٽي اعليٰ قدر ٻڌائي ٿو. انهن ۾ پهرين حسن جو قدر آهي. ان بعد خير ۽ سچائيءَ جا قدر آهن. افلاطون خير ۽ سچائيءَ جي قدرن جي مقابلي ۾ حسن جي قدر کي ڪهڙي سبب ڪري اهميت ڏني؟ پر آخر حسن آهي ڇا؟ ان سوال جو جواب ظاهري تي هيءَ ٿيندو ته حسن هڪ طبعي خوبصورتي آهي. جيڪا اسين پنهنجن حواسن خاص ڪري حِس باصره سان محسوس ڪريون ٿا. اهو طبعي حسن فطرت‌جي ذري ذري ۾ موجود آهي. هن هيڏي ساري وسيع ۽ ڪشاديءَ ڪائنات ۾ بيشمار اهڙيون شيون آهن، جن ۾ حسن لڪل آهي. گل، ٻوٽا، نديون، نالا، اوچا پهاڙ ساوڪ سان ڀريل ميدان، چنڊ جا ڪرڻا، سج جي تپش، ٿڌيون هوائون، ساموندي

لهرون: مطلب تہ قدرت سونهن جي ورچ ۾، جنهن فياضيءَ کان ڪم ورتو آهي، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. اهي سڀ حسن ئو خوبصورت شيون آهن، پر ان طبعي حسن کان سواءِ هڪ ٻيو حسن بہ آهي، جنهن کي يونان جي ڏاهي افلاطون زندگيءَ جي اعليٰ ۽ افضل قدرن ۾ اولين مقام ڏنو آهي.

اهو حسن مناسبت، موزونيت ۽ صلاحيت آهي. ان ۾ هڪ قسم جي خوبي زينت، رونق، دلفريبي ۽ دلربائي آهي. اهو حسن اسين ڏسون تہ اکين جي وسيلي ٿا، پر ان کي اسان جي دل ئي محسوس ڪري ٿي. اهو ذهن تي اثر ڪرڻ بدران سڌو دل تي اثر ڪري ٿي، جنهن ڪري اسان جا احساس ۽ اُمنگ پڙکو کائي اُٿن ٿا ۽ هڪ اهڙي مسرت محسوس ٿئي ٿي. جيڪا طبعي حسن جي وسيلي حاصل ڪرڻ محال آهي. هيءُ اهوئي حسن آهي، جنهن کي پسڻ کان پوءِ راجا راءِ ڏياچ بيقرار ٿي چارڻ جي اڳيان اچي ڪنڌ جهڪايو چي:

چارڻ ! تنهنجي چنگ جو، عجب آهم اي.
هٽي ايو هٽن سين، جئرو ريو جي
رات منهنجو ري، ڪاٽيو تہ ڪماچ سين

يا ٻئي هنڌ ٿو چويس

جاجڪ ! تو مٿاءُ، ملڪ مڙوبيءَ گهوريان

تہ پوءِ اهو فن جو ئي حسن آهي: تحرير جي فن جو ، موسيقيءَ جي فن جو ۽ تصويرڪشيءَ جي فن جو، زندگيءَ جي ٻين قدرن وانگر فن تہ ٻيا بہ گهڻائي آهن مثال طور عمارت سازيءَ جو فن، ٿانون ناهڻ جو فن، ڪپڙي اُڻڻ جو فن وغيره، پر زندگيءَ جي ٽن اعليٰ قدرن وانگر هنن فنن يعني تحرير جي فن، موسيقيءَ جي فن ۽ تصويرڪشيءَ جي فن جو درجي مٿاهون ليکيو وڃي ٿو ئو انهن ۾ وري زندگيءَ جي اعليٰ ترين قدر حسن وانگر تحرير جي فن کي مڙنئي فنن ۾ امتياز حاصل آهي.

تحرير جي حسن ۾ بي انداز اثر ئو شدت آهي ڇاڪاڻ تہ ان حسن جي تخليق جو مرڪز شاعر يا اديب جو قلب هوندو آهي. هو ڪنهن حادثي، ڪنهن واقعي جو مشاهدو ڪري ان کي محسوس ڪندو آهي ۽ پوءِ پنهنجي خيال ۽ تصور جي قوت وسيلي پنهنجن پڙهندڙن کي اُها واقعا ۽ حادثا محسوس ڪرائيندو آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ مومل جي دل جي حالت کي ڀرين پاڻ محسوس ڪيو آهي ۽ پوءِ پڙهندڙن کي محسوس ڪرائي ٿو . مومل راڻو جي داستان جو اهو حصو جڏهن راڻو رسي وڃي ٿو ۽ مومل بيتاب ۽ بيچين آهي. ان لحاظ سان وڏي اهميت رکي ٿو. شاهہ مومل جي دلي ڪيفيت جي ترجماني ههڙيءَ طرح ڪئي آهي:

جيڏيون منهنجي جيءَ سين، راڻي رڻ ڪيو،
قلب ڪاڪ ڪندين ۾، پرزا ٿي پيو،
ٻجهان، ٻهر ويو، هينئون هنڌ نہ آڳين

شاعر سائين وري ٻئي هنڌ ان ساڳي ڪيفيت جو بيان هيئن ٿو ڪري:

راڻي سندو روح ۾، پسو پڳهہ پيوم،
ٻيڙي جئن ٻڏي ويو، سودو ساهہ سندوم،
وهڻ وهہ ٿيوم، جاڳيو ٿي جي هاريان

۽ فن جو بہ اهوئي مقصد آهي تہ امنگن ۽ احساسن کي صورت جي جادوءَ ۾ اسير ڪري فن جيترري قدر احساسن جي تصوير واضح ۽ صاف ڪيندو اوترو ئي ڪامياب سمجهيو ويندو اوترو ئي ان جو حسن اثرائتو هوندو.

سقراط کان وٺي سارتري تائين ڪيترن ئي دانائن ۽ عالمن سونهن يا حسن جي موضوع تي بحث ڪيا آهن. تنهن ڪري اهو موضوع منطق، اخلاقيات، سياسيات ۽ مابعد الطبيعيات جهڙن موضوعن وانگر فلسفي جي دائري ۾ ئي اچي ٿو. ان ڪي فلسفي جي زبان ۾، جماليات جو نالو ڏنو ويو آهي. جهڙي طرح مابعد الطبيعيات ۾ زندگي ، موت ۽ حيات جي اسرارن ۽ رمزن جو حل ڳولهيو ويندو آهي. ساڳيءَ طرح جماليات ئي وسيلي وري حسن ۽ سونهن جي اصليت ۽ ماهيت جو مطالعو ڪيو وڃي ٿو. اهو اصل ۾ فن جو ئي فلسفو آهي.

فلسوفن ۽ فنڪارن جي خيال ۾ جماليات جا ٽي نظريا اهڙا آهن. جن ڪي اهميت ۽ قبوليت حاصل آهي. انهن ٽن نظرين مان پهريون نظريو هيءُ آهي تہ حسن يا سونهن . حقيقت ۾ ڪنهن شيءَ ۾ ئي موجود هوندي آهي. ٻيو نظريو ٻڌائي ٿو تہ حسن ان تاثير ۾ لڪل آهي، جيڪو اها شيءَ پيدا ڪري ٿي. ٽيون ۽ آخري نظريو هيءُ آهي تہ شيءَ ۽ ان جي تاثير ۾ جيڪو تعلق آهي، اُن ۾ ئي حسن موجود آهي. حسن ڪٿي ڪٿي بہ هجي پر اها هڪ حقيقت آهي تہ ان ڪي پرکڻ، پروڙڻ ۽ محسوس ڪرڻ لاءِ هڪ صحيح ذوق ۽ اعليٰ ذهن جي ضرورت آهي. حسن تہ هزارن پردن ۾ پوشيده هوندو آهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سر مومل راڻو ۾ چوي ٿو:

جوڳيءَ تي جڙاءُ، نسورو ئي نينهن جو،
پتنگ جئن پيدا ٿيو، سامي سچ وڙاءُ،
آيو ڪاڪ تڙاءُ، ڪنئارن ڪڪوريو.

وري ٻئي هنڌ ساڳئي داستان ۾ شاهہ سائين فرمائي ٿو:

جي ڪاڪ ڪکوريا ڪاپڙي، تن لهي نہ لالي،
ڪڙي ڪيف خماريل، مئي جي موالي،
ڪري حاصل هليا ڪيفيت ڪمالي،
وتن وصالي، لڏاڻيا لوڏي ٿيا.

هنن بيتن ۾ شاهہ ڀٽائي نينهن جي جنهن ڪيفيت جو نقشو چٽيو آهي، ان ڪي پروڙي محسوس فقط اهو شخص ڪري سگهندو جنهن ڪي شاهہ جي اسلوب طرز-بيان مان پوريءَ طرح واقفيت حاصل هوندي. جنهن ڪي شاهہ جي علامتن ۽ اشارن جي ڄاڻ هوندي ۽ جيڪو شاهہ جي مجلسي ڏؤر جو واقف هوندو. ان کان پوءِ انهن لفظن ۾ لڪول حسن ۽ سونهن تائين هن جي نگاهہ پهچي سگهندي ۽ هو اِها خوشي ۽ مسرت حاصل ڪري سگهندو، جيڪا فن جو مقصد هوندي آهي.

فن ڪاريءَ جي وچ۾ فنڪار هڪ وسيلو هڪ تعلق آهي. هن ڪي پنهنجي فن تي پوريءَ طرح قبضو هوندو آهي. فنڪار جون نگاهون ، جئن جڳ مشهور شاعر شيڪسپيئر چوي ٿو، آسمان کان زمين تائين ۽ زمين کان آسمان تائين هر شيءَ جو جائزو وٺن ٿيون ۽ فنڪار جي ذهن ۾ انهن اڻ ڄاتل

شين بابت هڪ تصور جڙي راس ٿئي ٿو، جيڪو پوءِ لفظن جو لباس پهري ٿو. فنڪار، جئن انگريزيءَ جي فطرت شناس شاعر ورڊ سورٿ پنهنجي هڪ نظم ۾ دعوي ڪئي آهي، قدرن جي مظاهر جهڙوڪ پهاڙيون ، ميول، گل ڦل ۽ رستي تي پيل هڪ معمولي پٿر کي به جاودان حيات بخشي ڇڏي ٿو: فنڪارن جو فن ئي آهي. جنهن جي وسيلي اسين زندگيءَ جي گوناگون ۽پرپيچ پيچرن تان هلي انهن پراسرار ماڳن ۾ پهچون ٿا. جن جي دهشت ڪان دل ٽڪيو وڃي. غم جو خيال ڪيترو آهي. ان بابت غالب جو هيءُ شعر ته:

قيد و حيات و بند غم، اصل ۾ دونو ايک هين
موت سي پهلي آدمي، غم سي نجات پائي کيون

جڏهن پڙهون ٿا ته غم جي اذيت ۽ خوف ختم ٿيو وڃي . پوءِ ائين ٿو محسوس ٿئي ته غم هڪ معمولي ۽ خسيس ڪيفيت آهي. وري جڏهن موت جو خيال ايندو آهي ته هڪ هيبت طاري ٿي ويندي آهي ۽ دنيا ۽ دوستن احبابن جا رشتا ناتا ذهن کي عذاب ۾ ڇهڻي پوندا آهن. پر جڏهن شيڪسپيئر جا هيءُ گفتا ته:

We are of such stuff
As dreams are made on
And our little life
Is rounded with Sleep

پڙهجن ٿا ته هڪ قسم جي ذهني آسودگي ۽ اطمينان ميسر ٿئي ٿو ۽ موت جي عذابن جو اثر ازائل ٿيو وڃي.

حاصل مطلب هيءُ ته حسن يا سونهن فن ۾ لڪل آهي ۽ فن تي فنڪار جو ئي قبضو هوندو آهي. فنڪار پنهنجي فن جي وسيلي ئي پنهنجن پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن ۽ ڏسندڙن کي هر هر اهوئي چوندو رهندو آهي ته 'ڏسو ته آءٌ ڇا ٿو چوڻ گهران؟' ڏسو، ٻڌو ۽ غور ڪريو ته آءٌ ڪنهن نتيجي تي پهتو آهيان؟" فنڪار ته پنهنجي روح کي ياري حسن جي تخليق جو حسن پنهنجي سموري رنگينيءَ رعنائيءَ سان نکري نروار ٿيندو. تنهن ڪري:

شهر ڏسي سر هو ٿئين، ڏنئي نه بازار،
جو وکو وکارن ۾ ڏيکيو کهڙيءَ ڏار
تون تنين سين گهار، ته لهين لک لطيف چئي.

(قلم جنين جي هٿ ۾ - مراد علي مرزا)

◆◆

**Ramola Chhugani: Ramola, a Sindhi by background, was a former air hostess with Air India before he marriage. She is described as a socialite, entrepreneur, and art enthusiast with a keen interest in Music and cultural activities. Her family, the Chhuganis, is a well known Sindhi Business Family.**

**- By- What's App**

# دل مروٽيندڙ تصوير

## (اڱڪا پنڌ پيار جا)

✍مراد علي مرزا

ڪلا پرڪاش جي هن ناول جو ماڳ مڪان ممبئي آهي. ان شهر جا سنڌي رهندڙ هن ناول جا ڪردار آهن. مرڪزي ڪردار ايشور آهي، جو ممبئيءَ جي جئه ڪاليج ۾ پڙهيو هو. تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ پهرين ممبيءَ ۾ نوڪري ڪري ٿو. پوءِ دبئيءَ ۾ نوڪري ڪرڻ جو وجهه مليس ٿو. ايشور شادي ڪري زال سميت دبئي وڃي ٿو. اُتي هو ٻن ٻارن جو پيءُ ٿئي ٿو. دبئيءَ ۾ ڪيترو وقت رهڻ کان پوءِ واپس ممبئي اچي ٿو.

هڪڙي ڏينهن ايشور گهمندي جئه هند ڪاليج جي وڏي در تي وڃي ويهي ٿو. اُتي هن جي ملاقات ڪاليج جي چوڪيدار سان ٿئي ٿي. هن جو نالو ڌرمون آهي. ٻئي هڪٻئي سان ڳالهيون ڪندي هڪٻئي جي ويجهو ايندا وڃن ٿا. ٻنهي جي من ۾ گذريل وقت جون سارو ٽيون ڪَرَ موڙي اُٿن ٿيون. جن جي پس منظر مان ڪيترائي ڪردار ابري ظاهر ٿين ٿا. ايشور جو پاءُ ۽ پاپي ، هن جي زال سرسوتي، ايشور جو پهريون پيار اُما، نمو، هريش، نند، پمي، ڪانتا، ڊاڪٽر عالم چنداڻي، مسز چاولا، رامچي، سشمتا ۽ سندس مليشين ماءُ. انهن سيني ڪردارن جون سارو ٽيون حال جي حالتن سان ملي هڪ ڏکوئيندڙ ڏيک ٿيون ڏيکارين، جنهن ۾ اهي سيئي ڪردار ڏک جي ڏور ۾ هڪ ٻئي سان ٻڌا پيا آهن.

ايشور ۽ ڌرمونءَ جي ان گڏجاڻيءَ جي هلندي مينهن وسڻ شروع ٿئي ٿو. جيڪو لاڳيتو ٽيهه ڪلاڪ/ٽي ڏينهن وسندو رهي ٿو. ممبئيءَ ۾ اهڙو پوائنٽو لاڳيتو مينهن ڪڏهن نه پيو. ممبئي جي تيز هلندڙ زندگي هڪ هنڌ بيهي رهي ٿي. ريلون، ڪارون، موٽرون، بسون هر سواريءَ کي ڄڻ ته بريڪ لڳي تو وڃي.

ڪلا پرڪاش جي ٻولي سادي، سليس ۽ روان آهي. هڪ ٻن لفظن کان سواءِ ڪوبه اهڙو لفظ نه واپرايو آهي جيڪو سنڌ واسين کي اوپرو ۽ اگرو لڳي.

’اڱڪا پنڌ پيار جا‘ ناول، ممبئيءَ جي سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي سماجي جيوت جي دل مروٽيندڙ تصوير آهي.

مراد علي مرزا

حيدرآباد سنڌ
18 مارچ 2010 ع

◆◆

# ڳوپ ڪمل- غزل مجموعي ’وري هڪ دفعو‘

✍ **اي-ميل (معرفت)**

ڳوپ ڪمل جي غزلي مجموئي ’وري هڪ دفعو‘ جو اڄ مس وچي پوڳ پاتم. سنڌي شاعريءَ ۾ هي ڪتاب ڪرشمي وانگر لڳو. ڳوپ جي غزل ڳوئي تہ هميشهہ وانگر آب تاب واري ۽ غور طلب آهي ئي پر شاداب جي لکيل مهاڳ بلاشڪ هن مجموئي جو مقام اڃان بہ بالاتر ڪيو آهي. نارائڻ شيام جي ’روشن ڇانورو‘ ۾ درج سڳن آهوڃا جي سنڌي ادب ۾ تاريخي حيثيت ماڻيندڙ مهاڳ جي لنبي عرصي کان پوءِ اُن پايي جو مهاڳ پڙهي فخر ڳاڏڙ خوشي ۽ اُميد جو احساس جاڳيو تہ ٻڇ ڪاوڙي ڪانهي. ڇئي نٿو سگهجي تہ ڳوپ جي غزلن جي معيار شاداب کي آماده ڪيو يا شاداب جو مهاڳ پاٺڪ کي ڪتاب پڙهڻ لاءِ آماده ڪندو. غزلنويس ۽ مهاڳنويس ٻنهي هڪ ٻئي جي اهميت کي دوبالا ڪيو آهي. 70 غزلن تي مشتمل 66 پيڄن جو مهاڳ حيرت ۾ وجهندڙ آهي. مهاڳ کان وڌيڪ هي ڳوپ جي سموري تخليقي سرمائي تي تحرير ٽيل مني ٽيسس ئي آهي. هي مهاڳ شاداب جي ذهني صلاحيت کي بہ يقينا واڪو ڪري ٿو. هي غزل جي تاڃي پيٽي تي نفاست وستار ۽ ڳهرائيءَ سان نظرثاني ڪندڙ اهم دستاويز آهي. سنڌ ۾ تہ يقينا هن ڪتاب جو قدر هتان کان وڌيڪ ٿيڻو آهي. غزليا اسڪول جي شاگردن کي هي ڪتاب هٿ ڪري ضرور پڙهڻ گهرجي.

**نوٽ: مبادا مهاڳ جي غلبي ۾ ئي مان بہ ايتري ديگهہ ڪري وينو آهيان.**

◆◆

ڳيت

## آسمانن کي

✍ **ڳيتڪار ڳووندا**

آسمانن کي پوءِ بہ تہ ڇُهڻو آ،
مَرِي ڪَري هِڪَ ڏينهن تہ هلڻو آ،
آسمانن کي ....

1. ڪَرِمَنَ ساروُ آ سَچو کيل اِهو،
جيئري دان پُڄُ بہ تہ ڪَرِڻو آ،
آسمانن کي ......

2. صحت ڏي سُني، داتار سگهہ بہ ڏِجانءِ،
بَرِڪت ڏي هٿن ۾، ڏيڻو ۽ ڏيڻو آ،
آسمانن کي .......

3. دان ڌرم بہ آهن هن ٽيبل جا ٻہ ڪانا،
ڪَرِمَنَ چِنو چِتُرگُپت کي لکڻو آ،
آسمانن کي ........

4. ”ڳووندا“ ڪَر ڳُڏامن جي بہ شيوا،
هِڪُ ڪَرَمُ ئي تہ ساڻُ ساڻُ هلڻو آ،
آسمانن کي .......

# جادوءَ جا عجيب ڪم

✍سنڌيڪار : محمد ابراهيم جويو

سهيڙيندڙ: پروفيسر محمد سليم ميمڻ

ڪير ٿو چوي ته جادو سچو ڀرم ۽ سنسو آهي؟

ڪير ٿو چوي ته جادو عجب جهڙا ڪم نٿو ڪري؟ ۽ ڪنهن کي خبر ناهي ته جادو سچو لفظن ۾ ، لفظن ۾ ۽ لفظن ۾ ئي آهي ۽ جيڪڏهن جادو سچو لفظن ۾ ، لفظن ۾ ۽ لفظن ۾ ئي آهي ته پوءِ ڪير آهي ، جنهن کي لفظن جي طاقت جي خبر نه هجي؟

۽ جيڪڏهن ڪو به اهڙو ڪونهي، جيڪو ته ڪو به لفظن جي طاقت کان انڪار نٿو ڪري سگهي، ته پوءِ ڪيئن ٿو ڪير چئي سگهي ته ته جادو عجب جهڙا ڪم نٿوڪري؟

ڪنهن کي اها خبر ناهي ته جيڪڏهن ڪو ڊاڪٽر ڪي ٿورا به خوفنائتا لفظ ڪنهن کي ٻڌائي ٿو، ته هو سچو ڪنبي ٿو وڃي ۽ سچي پنهنجي حياتي خطري ۾ ٿو سمجهي؟

۽ ڪنهن کي خبر ناهي ته ڊاڪٽر جيڪڏهن ڪي ٿورا به اميد ڀريا لفظ ڪنهن بيمار کي ٻڌائي ٿو، ته هيڪر ته هو جي ٿو اُٿي ۽ پاڻ کي بهتر پيو سمجهي؟

اهڙو ڪو جيئرو جاڳندو هوشمند ماڻهو آهي، جيڪو لفظن جي زبردست، اجهل ۽ قدرتي طاقت کان انڪار ڪري سگهي؟

ڇا، بائيبل مقدس ۾ ائين آيل ناهي ته 'ابتدا ۾ هو ته لفظ هو؟' انهيءَ ڪري ڪير اهڙو ٿي سگهي ٿو، جيڪو چوي ته ڦن لفظن جي - ۽ انهيءَ ڪري جادوءَ جي طاقت کي پوريءَ طرح سمجهيو آهي. يا ان جو هو پورو ڪاٿو به ڪري سگهيو آهي؟

اِنهيءَ ڪري، انساني دنيا ۾ لفظن جي جادوءَ کان وڌيڪ به ڪا حقيقت ٿي سگهي ٿي ! ڇا، سڄي تاريخ جادوءَ جي طاقت جي - مطلب ته لفظن جي طاقت جي - هڪ رعبدار بلڪ هيبتناڪ حقيقت نه آهي؟

ڇا، رڳو هڪڙي فيلسوف جي چند لفظن ته 'انسان آزاد ڄائو، پر افسوس جو هو هر هنڌ زنجيرن ۾ جڪڙجي ويو !' - فرانس جو انقلاب ڪو نه آندو هو؟

ڇا، ٻئي هڪڙي فيلسوف جي چند لفظن ته 'دنيا جا مزدورو اُٿو! پنهنجن زنجيرن کان سواءِ ٻيو اوهين ڇا وڃائيندا؟' - فرانس جي انقلاب کان به ڏيک هڪ وڏو اِنقلاب ڪونه آندو؟

ان کان اڳ سر تريءَ تي رکي، سَر - بها تي گهمندڙ هڪ قومي سرويچ جي هنن لفظن، ''جي هيءَ غداري آهي، ته اي هموطنو اچو ته غداريءَ کي توڙ تائين پهچايون!'' - هن جي وطن ۾ اُهو ڌماڪو پيدا ڪونه ڪيو هو، جنهن جو آواز سڄي دنيا ٻڌو هو!

اُن کان اڳ، گهڻو گهڻو اڳ، ڪارٿيج جي بندر کي ناس ڪرڻ لاءِ جيڪ قديم روم جو مدمقابل ۽ مخالف هو، هڪڙي رومن سينيٽر، آئيس ڏني هئي ۽ اُٿندي ويهندي،

سُتي ويني، هلندي چلندي، هو چوندو رهيو، هو چوندو رهيو ، چوندو رهي- جڻ هن کي ٻي ڪا ڳالھ ئي ڪانہ ٿي سُجهي ۽ هو چوندو رهيو ، چوندو رهيو ۽ چوندو رهيو ، ”ديلو دواستو ڪارٿيجو، ديلو دواستو ڪارٿيجو،- ڪارٿيج کي ناس ڪريو، ڪارٿيج کي ناس ڪريو، ڪارٿيج کي ناس ڪريو!“- ۽ ائين هن کي چوندي، چوندي ۽ چوندي چوندي پورا ٻھ سال ٿي ويا. ۽ پوءِ رومن لوڪ، سيپئي ڳالھ کي سمجهي، هڪ ٿي گڏجي، اَجهل طوفان وانگر اُٿيا ۽ ڪارٿيج کي اهڙو سڄي جو سڄو ۽ پورو ناس ڪيائون جو اُن جو رڳو پٽ، اُن جو رڳو نشان يا ڪو دڙو بہ دنيا جي تختي تان ڪونہ ٿي لڌو- تان جو فقط هاڻي، ڪي ٿورا سال ٿيا آهن، جو هوائي جهازن جي جانچ پڙتال سان اُن جي ڪنڊرن جو پتو پئجي سگهيو آهي.

اَن اَئپس ڪارنيليس سپيو وٽ ٻيو ڇا هو، سواءِ اُن ڏنوٽيءَ جي، سواءِ اُن آواز جي - ”ديلو دواستو ڪارٿيجو، ديلو دواستو ڪارٿيجو،- ڪارٿيج کي ناس ڪريو، ڪارٿيج کي ناس ڪريو، ڪارٿيج کي ناس ڪريو، ڪارٿيج کي ناس ڪريو!“- ۽ اهو آواز هر رومن مرد، عورت ۽ ٻار ٻڌو ۽ پنهنجو ڪيو ۽ پوءِ هنن سمجهيو ۽ محسوس ڪيو تہ جڏهن اُنهن مان هر هڪ جي زبان مان اهو آواز ٿي اُٿيو، تڏهن اُهو بدلجي هنن جي وجد جو ارادو ۽ هنن جي اتحاد ۽ طاقت جو آواز بڻجي ٿي پيو ۽ پوءِ ان سندن ارادي ۽ آواز، هنن جي ذهن ۾ اُهو اٽل پروسو پيدا ڪيو، جو ناممڪن ڦري اُنهن کي ممڪن ڏسجڻ لڳو ۽ ڪارٿيج کي ڪيرائڻ ۾ جيڪي اُنهن جي آڏو رڪاوٽون هيون، سي سڀ ڪک پن ٿي ويون ۽ نيٺ اُهو ساڳي ڪارٿيج جيڪ ڪين ايڏو اَجيت ۽ اڏول ٿيلڳو، سو سندن هٿان، پوري جو پورو ۽ سڄي جو سڄو ، هميشھ لاءِ ناس ٿي ويو.

ايڏي وڏي پيماني تي لفظن جي هن ڏنوٽيءَ دنيا جي اڳيان اها حقيقت ثابت ڪئي تہ جڏهن عام جو وسيع تعداد ڪا شيءِ يا ڪي حالتون يا ڪنهن صورتحال جو وجود نٿو چاهي، تڏهن اُن جي خلاف ائين لڳاتار ۽ سڀ گڏجي، بي خوف ۽ اٽل نموني ۾ ڏنوندا رهندا، تہ هو اُن شيءِ يا حالتن يا اُن صورتحال جي خاتمي لاءِ پنهنجي پاڻ ۾ اُها طاقت ۽ اُهو اراد پيدا ڪري سگهندا. جو ڪٺي ڇا بہ هجي ۽ ڇا بہ ٿي پوي، هو هر ممڪن بند کي ٽپي وجهندا ۽ هر ممڪن مشڪلات مٿان سوڀ حاصل ڪري ئي دم ڪڻندا.

هنن کي ٻيو ڪجهہ بہ نہ ،ڪجهہ بہ نہ ، ڪجهہ بہ ۽ ڪجهہ بہ نہ ڪرڻو آهي، سواءِ هن جي تہ هو پنهنجي ارادي کي مضبوط ڪن ۽ دل گُهري تبديليءَ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ پنهنجي سگهہ ۽ صلاحيت کي وڌائيندا، وڌائيندا ۽ وڌائيندا رهن.

ڪيئي صديون پوءِ، آئر لئنڊ جي ماڻهن بہ انگريزن کان آزادي وٺڻ لاءِ اهڙو ئي طريقو اختيار ڪيو هو. خاص طرح، 1910 ع کان پوءِ ، هر هنڌ،، هر ڳالھ ۾، هر موقعي تي، سبب بي سبب، برطانوي پارليامينٽ جي اندر توڙي ان کان ٻاهر، هوُ سالن جا سال، رڳو

’آئرلئنڊ جو مسئلو‘، ’آئرلئنڊ جو مسئلو‘، ’آئرلئنڊ جو مسئلو‘ اُٿاريندا رهيا- ايتري تہ زور ۽ ايتري تہ اورچائيءَ سان ، جو ائين پئي محسوس ٿيو، ڄڻ کين ڪا سؤدائي هئي، ڪا ديوانگي هئي، يا ڪنهن قسم جو ڪو عام پاڳلپڻو هو، جنهن ۾ هو ونجي ويا هئا .

پر ڇا بہ هو، کين ڪنهن ڪيئن بہ ٿي سمجهيو ۽ ڇوٽي سمجهيو، پر آئر لئنڊ جا ماڻهو اهڙي ڪنهن بہ ڳالهہ جي پرواهہ ڪئي بغير، اُهو پنهنجو هڪڙو زورائتو منتر اُچاريندا ئي رهيا، اُچاريندا ئي رهيا ۽ ان ۾ هنن ڪڏهن بہ ڪهڙي بہ حالت ۾ بہ ڪوتاهي ڪانہ ڪئي - ۽ ايڏي انگلنڊ جي فيل مست طاقت سندن اُنهن لفظن جي هيبتناڪ ۽ هوڏي منتر آڏو مجبور ۽ بيوس ٿي ويئي.

ڇاڪاڻ تہ ڪير هو، جو ماڻهن کي، فردن کي، ٽولي کي، راڄن کي ۽ نيٺ سڄي عام کي ۽ سڄي خلق کي ڳالهائڻ کان، ڳالهائڻ کان ۽ هر حال ۾ ڳالهائڻ کان روڪي ٿي سگهيو. جڏهن اُنهن وٽ انگلنڊ جي ان ارڏيءَ ۽ جُنگطاقت جي خلاف، سواءِ اُن ڳالهائڻ جي، سواءِ پنهنجي اُن زبان جي، سواءِ پنهنجن لفظن ۽ پنهنجن خيالن جي اُن طاقت جي باقي ٻيو ڪجهہ بچيو بہ ڪونہ هو.

۽ اُهي هٿيار بہ ڪي هٿيار هئا! لفظن جي طاقت، اُمنگ ۽ جذبي جي طاقت، خيالن جي طاقت- تہ هي جيڪي حالتون آئرلئنڊ ۾ هيون سي ائين نہ هجن- اِهي هٿيار ! سچ پچ اُنهن جهڙا هٿيار ڪي ٻيا هٿيار بہ ٿي سگهيا ٿي! هي خيال، هي لفظ، هي اُدما ۽ اُمنگ - اِهي هٿيار ! جيڪي ڪڏهن بہ ڪسجي نٿي گهاتڪ ٿيا، هٿيار جيڪي اڻ ڏٺا هئا، ڇهڻ جهڙا نہ هئا، هٿيار، هٿيار، هٿيار، جيڪي هر هنڌ هئا ۽ هر ڪنهن وٽ هئا ۽ چؤطرف مؤجود هئا.

لفظ، لفظ ۽ لفظ- هي هٿيار، جيڪي آئرلئنڊ جي ماڻهن ائين تہ هر ويلي ۽ لڳاتار، اهڙيءَ تہ سِيڏَ ۾ ۽ اهڙي تہ شعور ۽ ارادي سان ۽ اهڙي تہ اعتماد، ايمان ۽ مقصد سان برطانوي حڪومت خلاف استعمال ڪيا، جو آخر ڪار اُنهن جي وارو وار هيٺ اڏول برطانوي طاقت جو سڄو منڊ ٽُٽي پيو ۽ آئر لئنڊ ، پنهنجي اڳيان ڏسڻ ۾ بہ انت ۽ ٿيپي نہ سگهڻ جهڙي غلاميءَ جي ڪاهيءَ مان ٿپي پار ٿيو ۽ جيئن اُهو اڄ آهي تئين بڻجي پيو- يعنيٰ آئرش فري اسٽيٽ، آزاد آئرديش.

ايمان، ايمان، ايمان ۽ ايمان - پنهنجي شو منترن جي طاقت ۾ ، اُنهن جي اچارڻ ۽ آلاپڻ ۾ - شومتر ۽ اُنهن جا آلاپ، لفظ، لفظ ۽ لفظ، سيني آئرلئنڊ جي ماڻهن جا، اُنهن جي مردن، زالن ۽ اسڪولي ٻارن جا، اُهي جادو هئا ۽ جادو ثابت ٿيا، جادو جيڪو هميشهہ ۽ هر وقت عجيب ڪم ڪندو آهي ۽ اهڙا معجزا ڪري ڏيکاريندو آهي جو ڪٿي ڇا بہ هجي ۽ ڪيئن بہ هجي، مشڪلاتون ۽ مجبوريون، خطرا ۽ رنڊڪون ڪهڙيون بہ هجن ۽ ڪيتريون بہ هجن، نجات ملي ٿي ۽ ضرور ملي ٿي- ڇو تہ ’ابتدا ۾ هو تہ لفظ هو.‘

۽ لفظ جو معجزو، لفظن جو جادو، سچ پچ تہ عجيب ڪم ڪري ٿو.

◆◆

# سلام اُنهن تي جي آزاد آهن

✍ سنڌيڪار : محمد ابراهيم جويو

سهيڙيندڙ: پروفيسر محمد سليم ميمڻ

مهتاب چنا، جيئري ئي لافاني ماڻهن جي صف ۾ شامل ٿي ويئي.

لافاني ٿيڻ لاءِ سقراط جو ڏسيل نسخو رڳو هيءُ آهي ته ڇا به ٿي پوي، ماڻهو پنهنجن اصولن سان سچو هجي ۽ اُن لاءِ جا به قيمت ڏيڻي پوي، تنهنجي ڏيڻ لاءِ تيار رهي.

”اوهين جيڪي طاقت ۾ آهيو، منهنجي مارڻ مان اوهان کي ڇا ورندو؟“

سقراط پڇيو هو، ”آئون هونئن ئي پوڙهو مڙس آهيان ۽ مهينن ۾ قدرت ئي پنهنجو ڪم ڪري ها ۽ پيرسنيءَ ۾ ئي آئون مري وڃان ها. منهنجي مارڻ مان هاڻ، اوهان کي ڇا ورندو، ڇو ته آئون به امر آهيان؟“

”ڪيئن ٿو چوين تون امر آهين؟“

”انهيءَ ڪري ٿو مان ائين چوان، ڇو ته آئون جيڪو سچ ٿو سمجهان اُهو چوان ٿو ۽ اُن سان ناتي نباهڻ جي مون ۾ همت آهي ۽ اُنهيءَ پنهنجي ناتي جي حق جو بچاءُ آءٌ پنهنجي ساهه سان ڪريان ٿو.“

”ڇا، اها تمام وڏي قيمت ڪانهي؟“

” اها ڪجهه قيمت ڪانهي، امرتا ذهن جي، روح جي، هڪ ڪيفيت آهي، گوشت پوست جي نه، رت جي نه، جن جو هڪڙي ڏينهن ته نڌان ٿيڻو آهي. امرتا آزاديءَ جي زندگي آهي، جيستائين اُها زندگي ڌرتيءَ تي قائم آهي. امرتا آزاديءَ جو اُمنگ آهي. جيسين منهنجو ضمير مون سان گڏ آهي، تيسين آئون تنها نه آهيان، جيسين سچ منهنجي خوراڪ آهي، تيسين آئون ڏاول آهيان، ڏاڍَ ۽ راڄ- هٺ آڏو آڻ کان انڪارُ- زندگيءَ جي سفر ۾ منهنجي روح جي اُڏند کٽولي اها آهي.“

”تو سوچيو به آهي ته جيڪڏهن سيئي ماڻهو، خاص طرح اٿينس جا ڳڀرو جوان، ائين تنهنجي پنيان هلن، ته ڇا ٿيندو؟“

”ڪنهن لاءِ به منهنجي پنيان هلڻ ضروري نه آهي، هنن کي فقط پنهنجي ضمير جي پنيان هلڻو آهي ۽ اهو به مٿن ڇڏيل آهي. جيڪڏهن هو پنهنجي ضمير جي پنيان هلندا ته آءٌ سمجهان ٿو ته هو مون وانگر پاڻ کي آزاد محسوس ڪندا. مون ڪڏهن به هنن کي پنهنجي پنيان هلڻ لاءِ نه چيو آهي. مون رڳو هنن کان سوال پڇيا آهن- هائو ، سوال پڇيا آهن-اِنهيءَ ڄاڻڻ لاءِ ته ڇا، هو ڄاڻن ٿا ته هو ڇا ٿا ڳالهائين ۽ ڇا بابت ٿا ڳالهائين.... -اِنهيءَ ڄاڻڻ لاءِ ته ڇا، هو اُنهن لفظن جي معنيٰ ڄاڻن ٿا، جيڪي هو استعمال ٿا ڪن ۽ استعمال ڪندا ٿا رهن؛ ڇاڪاڻ ته لفظن جو غلط ۽ اجوڳو استعمال

ڪين سندن پنهنجي مقصد جو اُبتو ڏس ڏيئي سگهي ٿو ۽ گمراهہ ڪري سگهي ٿو، پر پنهنجي پنيان هلڻ لاءِ مون ڪنهن کي بہ ڪڏهن ڪونہ چيو آهي. اُنهن وٽ پنهنجي اندر جو آواز آهي، جنهن جي پنيان هو هلي سگهن ٿا ۽ ائين امرتا جو احساس ماڻي سگهن ٿا ، چاڪاڻ تہ پوءِ، سندن پنهنجي اندر ۾ جيڪو سچ آهي، اُن سان سندن ناتوجڙندو ۽ هو اُن سان گڏجي هڪ ٿي ويل هوندا.''

جُڳن کان، لافاني اِنسان وڏا ۽ ننڍا، جاتل ۽ اڻ جاتل، ٻيو نہ تہ اِن آزاديءَ جي احساس سان مالامال رهيا آهن. ۽ جيڪڏهن انهيءَ ڪري ٻيو ڪجهہ هنن کي ملي نہ سگهيو آهي تہ اُهو آزاديءَ جو احساس ئي هنن ڪافي رهيو آهي- اُهو احساس تہ هوُ غلام نہ آهن، اُهو احساس تہ هو ڪامل شخصيت جا ، جامع وجود جا، مالڪ آهن.

''قابل نفرت حڪم ڏيڻ کان بدتر ڳالهہ آهي، اُنقابل نفرت حڪم کي مڃڻ.'' انساني آزادي ۽ انساني فضيلت ۽ شان جي هڪڙي سورهيہ سروچ جو اِهو قول اڄ بہ اسان لاءِ برق جي بجليءَ مثل آهي ۽ مهتاب چنا، جنهن اهڙي هڪڙي حڪم کي نہ مڃيو، جيڪو هن جي نظر ۾ قابل نفرت هو، ائين ڪرڻ سان پنهنجي سگهہ، سُرت ۽ پهچ مطابق گويا بني نوع انسان کي آزاديءَ جو گهربل هڪڙو ساهہ عطا ڪيو آهي.

چاڪاڻ تہ هر ڳالهہ جي حد هوندي آهي. چريائيءَ ۽ جهنگلي جي بہ.

ڏاڍَ ۽ راڄ- هٺَ جي بہ هڪ حد هئڻ ضروري آهي. تنگدليءَ ۽ تعصب جي بہ هڪ حد هئڻ ضروري آهي.

هِن يا هُن جي نالي ۾ ٻين کي جڪڙڻ ۽ ٻڌڻ جي بہ هڪ حد هوندي آهي.

انسان ذات کي خوار ڪرڻ ۽ بي عزت ڪرڻ جي ڪوشش جي بہ هڪ حد هوندي آهي.

ٻين جي لاچاريءَ ۽ بيواهي حالت مان اجوڳ فائدي وٺڻ جي حيواني سڌ جي بہ هڪ حد هوندي آهي.

چو تہ ''جڏهن غلام سوچڻ شروع ڪندا اهن، تڏهن غلاميءَ جي خاتمي جي شروعاتي ٿيندي آهي.''

دائمي ڪُمهلائپ ۽ مستعد بيوقتائتيءَ جي جاهل حرص جي - ۽ تازه دم ۽ نون دماغن کي مُئلن جي هڏن سان چِٽڻ ۽ پيچڻ جي بہ هڪ حد هوندي آهي.

خوشقسمتيءَ سان مهتاب چنا انگريزي شاعرن ملٽن (Milton: 1608-1674) وانگر نہ گگدام ۽ ڊجڻي آهي ئو نہ راڄ - گهاتڪ، جنهن پنهنجي ضمير جي پيروي ڇڏي ۽ ڊڪٽيٽر ڪرام ويل (Cromwell) جي پيروي قبولي هئي ۽ ايتري تہ ڪرنش ۽ نيازمنديءَ سان اُن جي قصيده سرائي ڪئي هئي، جو ڊاڪٽر جانسن جي لفظن ۾، ''جڏهن رومن

سپهه سالار سيزر پاڻ کي تاحيات ڊڪٽيٽر بڻايو هو ، تڏهن اُن جي به ايڏي ڪِريل ۽ زمين بوس چاپلوسي ڪنهن ڪانه ڪئي هئي.''

اُن جي عيوض، مهتاب چنا اڄ اسان سيني جي دلين جي ڇهڪندڙ بلبل آهي. ۽ اسين هن کي آزاديءَ جي، پاڻ-وهيڻائيءَ جي، سورهيائيءَ جي، عظمت جِي ۽ امرتا جِي هڪ ديوي ٿا سمجهون ۽ کيس سلام ڪريون ٿا.

هڪ ردي ۽ نامعقول حڪم جي عدولڻ سان هوءَ اسان لاءِ اڄ اُها هستي بڻيل آهي، جنهن لاءِ انگريزيءَ جي شاعر اعظم شيڪسپيئر جي لافاني لفظن ۾، اسين چئيسگهون ٿا ته ''اِنهيءَ طرح ، او ديوتائون، هيڻن کي اوهين ٻلوان ٿا بڻايو ۽ ڏاڍن ۽ راڄ- ڌنيِن کي شڪست ٿا ڏيون. نه پٿرن جا برج، نه لوه جون پٽيون، نه رڪ جازنجير روح جي جاڳيل طاقت کي روڪي ٿا سگهن. ظلم ۽ ڏاڍ جي اُها صورت جيڪا اسين سهي ٿا وجون ۽ پيش نٿا پئون ۽ اها اسان کي پوري نٿي سگهي، اُن مان اسين جڏهن چاهيون تڏهن آزاد ٿي سگهون ٿا. ''
تنهن ڪري، سلام آهي اُنهن تي، جي آزاد آهي.
اسين جي غلام آهيو، مهتاب چنا تي اسان جو سلام آهي.
مهتاب چنا اڄ مهتاب اڪبر راشدي)

# غزل

✍ موتي پرڪاش

1. دلبري توکان گهريم تو دل ڏني،
راهه طلبيم، تو مون کي منزل ڏني،
ڇوٽڪارو درد کان جڏهن گهريم،
ماهروا تو شمع ۽ محفل ڏني.
2. مونکي سالن کان هئي هڪ آرزو،
کھڙو ٿيندو ڏينهن رهندي آ برف،
پر ملڻ تي جيڪي گذريو آ نه پڇ،
ڪين شل توسان ٿيان ها دوبدو!
3. برف تي رڳ جو رڳ رت ڊوڙاءِ تون،
جو نه سمجهيو آهه جڳ، سمجهاءِ تون،
گيت ! اُٿ هن قلب جو تون قيد ٽوڙ،
بي زبانن جي زبان ڳالهاءِ تون.

◆◆

# يارهن چوٽيون:

## سڀ کان اهم آخري اهي لازمي پڙهجو

✍ واٽس-اَپ

5. اسڪاٽش چوٽي:
اگر توکي مسڪرائڻ نٿو اچي ته پوءِ هرگز دڪان نه کولجان.
6. هسپانوي چوٽي EA:
پيار جيڪو تحفن تي پلبو آهي، هميشهه بکيو رهندو آهي.
7. جاپاني چوٽي JP:
خدا پکين کي به رزق ڏيندو آهي مگر ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ انهن کي اڏامڻو پوندو آهي.

◆◆

◆◆

# زندگيءَ ادب - سفر جو سلسلو

✍ پروفيسر- پرنسيپال هيرو شيوڪاڻي

تخم ۾ هتي ادب ڏانهن موجود ۽ منهنجي زندگي جي سفر جو داستان هروڀرو ڪو انوکو ڪونهي. صرف اِهو تہ اسڪول جي ماستري ۽ بانٺوا ۾ ٿي اتفاق ڇئو يا منهنجو ٿي ڀاڳ جو اسانجي سنڌيءَ جو اُستاد اِندر پوجواڻي ٻج کي آبياري ڏني پوءِ اهو ٿيو تہ سيڪنڊري تعليم ۾ ماستري ڪندي ادب جي طلب، روزگار جي بدلجندڙ پڙاون گجرات جي ڇيڙي بانٺوا مان - راجڪوٽ، احمدآباد اول پندرهن ڏينهن لاءِ آديپور ۽ پوءِ اُلهاسنگر ۾ ٿي ڪن ڏهاڪا رٽائر ٿيڻ کان پوءِ وري ڏهن سال آديپور (اِن جو مذاڪرو اڃا اچڻو آهي).
سنڌي ساهتيہ ۾ 1960 ۾ جيڪا جديد ادب جي لهر شروع ٿي اُن جا پهريان ڏهہ سال احمدآباد ۾ جديد ادبي لاءِ ذهني اوسر ڪجهہ رچنائن ۽ خاص جدت يا مادرنٽي جي سمالوچنا طور ساک حاصل ڪيو. اُلهاسنگر ۾ پنج ڇهہ اديب دوستن سان اچي گڏيس. موهن ڪلپنا تہ وچين پيڙهيءَ جو ڪهاڻيڪار ٿي، اُن وقت اوج تي هو. هوُ رڳو تخليقڪار ٿي نہ هو بلڪ ادبي سرگرمين ۾ جيئندو ۽ ادب لاءِ ڪنهن بہ بحث يا فڪري هلچل ۾ قداور شخصيت هو. ايم.ڪمل شروعات وارو ادب ۽ شاعريءَ جي اِيپاس سان غزل ۽ نظمون لکيون. نارائڻ ڀارتي جي خوبي اِها هئي تہ اديبن کي اُتساهڻ، اُن جو ويري اخبار ۾ يا هڪ ڪمٽيڊ پبلشر طور ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ ۾ اهم رول ادا ڪيو. منهنجي اچي اُلهاسنگر ۾ وارد ٿيڻ سان اوّل تہ موهن ڪلپنا منهنجي جدت جو مفهوُم کي للڪاريم. پر پوءِ پنجن ڇهن سال ۾، موهن جي گ هر يا ايم. ڪمل جي اوطاق تي ويچارن جي ولوڙ ۾ اِهو طئہ ڪيوسين تہ هيل تائين پرواري مهانگر بمبئي جي ليکڪن وٽ اڳوانيءَ جون واڳون آهن. ڇو نہ هتي بہ ڪا برجستي هم ڪنارنمائيندگي برپا ڪجي. هوُ ٽيئي مونکان ادب ۾، عمر ۾ بہ سينيئر هئا. پر منهنجي مُ وجودگي ۽ هڪ وڏي ڪاليج ۾ پروفيسر تہ موهن ڪلپنا هڪ دستوري سنڌي سنسٿا ٺاهڻ جي رٿ ڏني تہ بجاءِ گهرن ۾ ويهي مذاڪرا ڪجن تہ ڪٿي، منظم نموني بينڪون ڇونہ ڪجن تہ هُن ”مهراڻ ادب سنگت“ قائم ڪرڻ جو هڪ مينيفيسٽو لکيو ڪنهن کي بہ پريزيڊنٽ يا سيڪريٽري مقرر نہ ڪري غير دستوري - دستوري ميڙ ڪري ڪنهن بہ هڪ ادبي اُصول، ويچارڌارا تي بحث ڪجي، هُن جو هڪ سوچ بندو ڇتو هو تہ ساڳيءَ ويچارڌارا جي اديبن کي گهرائجي. هڪ ٻن ڏينهن جو سنجيد مذاڪرو ڪجي. مان هُنن کي آڇ ڪئي تہ مهراڻ ادبي سنگت پاران پهريون مذاڪرو ٻن يا ٽن ڏينهن جو اُلهاسنگر ۾ ڪوٺايو. مان پنهنجي ڪاليج جي هاسٽل ۾ (تڏهن مان اچا هاسٽل جو ريڪٽر ڪونہ ٿيو هوس. ڪاليج جي اسٽاف ڪوارٽر ۾ رهيل هئس) رکجي. جن کي جدت جي ويچارڌارا بابت ڄاڻ جي اِڇا هجي اُنهن کي لڳ ڀڳ 25 کان 30 دوستن کي نينڊ ڏجي جئن تہ هيءُ پنهنجي قسم جي انوکي پهل آهي تہ

اسانجي ادبي سنگت اچا هاڻي نهي آهي تہ رهايش ڪاڏي پيتي لاءِ يا ٻاهران ايندڙ دوستن ڪي نماڻائيءَ سان اِهو چٺو لکجي تہ رهندڙ جو، بينڪن جو بندوبست تہ هاسٽل ۾ ڪبو. باقي نيرن، منجهند، رات جي ڪاڏي لاءِ بہ هرهڪ ڪي مقرر رقم، جي هنن ڪي نينڊ قبول آهي تہ هتي اچي ڏيڻي پوندي. پاڙو بہ هوُ پاڻ پريندا. نينڊ پتر اِن لئنڊ لفافي ۾ موڪليو. سيني شرطن سان موهن ڪلپنا جو ٿي اِهو رايو هو. سچ پچ اِن قسم جي ادبي مذاڪري پنهنجي پاڙي، ڪاڏي پيتي جو خرچ پاڻ پرڻ جي شرط تي پهريون بحث هو پر موٽ تمام همٿائيندڙ ملي.

۽ ٻن-ٽن ڏينهن جو اِهو مذاڪرو 1973 جي وڏي وئڪيشن ۾ مينس هاسٽل ۾ رکيو ويو. مون هڪ وڏو مقالو ”جدت جو مفهوم“ (Concept of Modernity) ۽ سنڌي ڪهاڻي تي لکيو. ڪافي وڏو ڪوجناتمڪ مقالو آيل (اڪثر نوجوان ليکڪن) دوستن اڳيان پڙهيو ڪافي بحث ٿيو. پر خيالن جي اختلافن جي باوجود دل کولي سيني ڳالهايو. اُهي سڀ دوست آيا هئا، جيڪي پوءِ جديد سنڌي ادب ۾ اڳتي هلي اَهم داخلائون ٿيون. پر عام طور اِهو مقالو گهڻن کي وڻيو. ادبي ميڙ پورو ٿيو. موهن ڪلپنا تہ پڇاڙيءَ ۾ اِهو بہ اعلان ڪيو تہ جيڪڏهن هيرو شيوڪاڻي چاهي تہ هي مقالو، جيڪو لڳ ڀڳ ڪتابي سائيز جي 150 صفحن جو ٿيندو، مان پنهنجي پبليڪيشن ”ڪلپنا ڪتاب گهر“ طرفان ڇپائڻ لاءِ تيار آهيان.

۽ ڪتابي صورت ۾ اُصولي ۽ عملي تنقيد جو اِها منهنجو پهريون تنقيدي ڪتاب هو جيڪو سيپٽمبر 1975 ۾ ”ڪلپنا ڪتاب گهر“ طرفان ڇپيو.

جڏهن ٿي هي ڪتاب آئوٽ ٿيو تہ جڻ ڏينيون جي ماناري ۾ ڪو پٿر لڳو. روزاني سنڌي اخبار ”هندستان“ ۾ ڪنهن اسسٽنٽ ايڊيٽر اندرئين وڏي پيج تي قسطن ۾ هن ڪتاب ”ڪتابي سمالوچنا“ جي نالي ۾ اخباري ٻوليءَ ۾ اول تہ جدت جو مفهوم جي سري سان مون مغربي ويچارڪن، ادبي فلاسافيءَ جي ماهر منفرد جا ڪوٽيشن، حوالا ڏيئي لڳ ڀڳ 60 صفحن ۾ پنهنجي اِن قسم جي گهرِي اڀياس ۽ تز ٻوليءَ ۾ جديديت جو پورو مفهوُم (Concept) ڏنو هو. اُن تي، ڪن جملن کي ٽوڙي مروڙي، حوالن ۽ سلسلن جي بنا نڪتچيني ڪئي. حاصل مطلب هُن جي اِنهيءَ سطحي سوچ جو اِهو هو تہ هيءَ خيالات ڌارين ۽ اسانجي ديش جي پراچين درشن فلاسافيءَ جي خلاف آهي ۽ اُن جي بنياد تي سنڌي ڪهاڻين جي چند چاڻ ڪري، اُنهن کي پنهنجي من ماني نموني ڊگهو بندرو ڪوٺيو آهي وغيره. ظاهر آهي تہ اُن وقت سنڌيءَ ۾ اِها روزاني اخبار عام و خاص پڙهڻ وارا هزارين هئا. گهڻن تي (جيڪي رڳو اخباري خبرون پڙهڻ جا شائق هئا تن اُتسڪتا سان ٽن چئن قسطن کي پڙهيو. بمبئيءَ جي هڪ هفتيوار ”پارتواسي“ ۾ شري ٻلديو گاجرا جيڪو خود ساهتيہ جو اڀياسي هو، تنهن وري بہ بهتر نموني تنقيدي ٻولين ۾ اعتراض اُٿاري، ٻن چئن هفتيوار قسطن ۾ ٻوڪ رويو ڪئي. بس پوءِ تہ ترقي پسند ليکڪن سميت ٻيا بہ ميدان ۾ ٽپي پيا. ”ڪونج“ رِسالي ۾ بہ هري موٽواڻي اِن ڪتاب جي اڀياسي گهرائي جي واڪاڻ ڪري بہ، سندس پسنديءَ جي ڪهاڻيڪارن

بابت منهنجي سمالوچنا کي سخت رائزني ڪئي.

ٿوري ۾ چوان تہ سنڌي ساهتيہ ۾ ڪنهن تنقيدي ڪتاب تي ايڏي وڏي پئماني تي هلڪوگهرو بحث شايد پهريون دفعو ٿيو هو. اسانجي ٻين ٽين پيڙهيءَ جي شعور ليکڪن بہ شديد اعتراض اُٿاريا. ڱنن جي سخت رائزني جو شڪار خود موهن ڪلپنا هو. ڇو جو هڪ تہ هوُ ڪتاب جو پبلشر هو ۽ ٻيو جيتوڻيڪ ڱن پنهنجي مُهاڳ ۾ صاف ڇيو هو تہ هوُ هيري شيوڪاڻي جي اِن پڙهڻ ۽ جدت جي ويچارن سان سهمت ناهي، مگر ڱن منهنجي تنقيد، اپياس ۽ هِن قسم جي تنقيد ۾ خار جي نموني، هيڏن تفصيلن سان ڪهاڻين جي وياکيا ڪئي آهي. اُها سنڌي ساهتيہ ۾ بي مثل آهي. ”ڪتاب جي اَهميت ۽ ليکڪ جو مقام“ سري هيٺ موهن ڪلپنا هڪ پئرا ۾ لکيو :- ”منهنجي نماڻي راءِ موجب، سنڌي جاتيءَ هيري شيوڪاڻي جي معيار جو نقاد پيدا ڪرڻ ۾ اٽڪل ٽي ڏهاڪا لڳايا آهن. اَلبت مان اِئين اصل قبول نہ ڪندس تہ موهن ڪلپنا جو فنڪار شيوڪاڻي جي نقادي نظريہ حيات يا ادبي پڙهائيءَ سان شامل راءِ آهي. مگر مونکي اِهو قبول ڪرڻ ۾ ذري بہ هچڪ نٿي ٿئي تہ سنڌي جاتي کي ٻيا بہ ٻہ يا ٽي ڏهاڪا لڳائڻا پوندا. مونکي اِئين لڳو آهي تہ هن وقت تائين هيري شيوڪاڻي جو تنقيدون هن عظيم ڪتاب لکڻ جون جڻ تياريون هيون.“

موهن ڪلپنا پنهنجي اِن انٽروڊڪٽري نوٽ جي آخرين پئراگراف ۾ پنهنجي سوچ ۽ راءِ کي وڌيڪ چٽو ڪندي لکيو ”مان اِن حقيقت جو بہ احتراف ٿو ڪريان تہ جدت جي مفهوُم تي هند خواہ سنڌ ۾ سنڌي ادب ۾ هي پهريون ڪتاب آهي، جو ڇاپي ۾ آيل آهي، معياري آهي ۽ اِن لحاظ کان سنڌي تنقيد جو هڪ اَمٽ يادگار آهي.

ظاهر آهي تہ ڀارت جي سنڌي ادب ۾ موهن ڪلپنا خود هڪ وڏو افساني نويس طور مشهور هو. ڱن جي هن راءِ تي سنڌي ادبي جڳت ۾ گَڏيل مسيل رد عمل پيدا ڪيا. ايتري قدر تہ اِن ٻين پيڙهيءَ جي اديبن جي ’ٺمورتي‘ طور مشهور ’موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي ۽ لعل پشپ‘ جي ڪهاڻين ۾ مون پنهنجي خار جي يا بي طرفدار واري وياکيا ۾ ٽنهي جي اُن وقت تائين شايع ٿيل ڪهاڻيءَ جو ڪهاڻي ڪلا جي ماڻن ۽ ماپن تي تفصيلن سان تنقيد ڪيل آهي. ٽنهي جي ڪهاڻين جي ڪلاتمڪ خوبين ۽ خامين اندرلائين ڪيو آهي. اتفاقن، گني سامتاڻيءَ جي ڪهاڻين جو پردي پوشيءَ ۾ اِظهاري فلسفو ۽ ڪوملتا جو هنجو ۽ ڍڪ پردو ڪولي پڌرو ڪيو هو اِن تي پانيان ٿو تہ بنا ظاهر ڪندي، هوُ بيحد ضربيو هو. اِن ڪري ڱن شايد لعل پشپ کي، دوستي ياريءَ جو واسطو وجهي، منهنجي ڪتاب تي تفصيلن سان تنقيدي مقالو لکي ليکڪن سان گڏجي هڪ بينڪ ڪرڻ ۽ چنڊ ڇاڻ ڪرڻ لاءِ مڃايو. مان بلڪل تيار هوس ۽ پنهنجي ئي ڪاليج جي ٽيچرس اسٽاف روم موهن، گني ۽ ٻين جي ڀانيان ٿو ناراڻ ڀارتي، ايشور آنچل، ايم. ڪمل روبرو هئا. وقتائتي مذاڪرو ڪيوسين، مزي واري حقيقت اِها هئي موهن مڃيو جو ڱن خود اِهو ڪتاب ڇپايو ئي نہ هو، پر منهنجي تنقيدڪار کي هيڏو وڏو

سرٽيفڪيٽ بہ ڏنو. خود لعل پشپ جي ڪهاڻي ڪلا کي ٽنهي ۾ وڏيڪ اهميت بہ ڏني هئي. پوءِ بہ من ۾ جڳياسا هئي تہ هوُ، پُراڻي دوست جي دل جوئي ڪرڻ لاءِ ليکہ لکي آيو هو ۽ ڪن هنڌن تي ادبي ٻوليءَ جو حدون اورانگهي، منهنجي نقاد ۽ شخص تي مخزن ”پرهہ ڦٽي“ ۾ شايع بہ ڪيو پر گنو سامناٽي سچو وقت خاموش رهيو. لعل پشپ جي ڪُلهن تي جڻ تہ چڙهي وينو هو. ٻيو مزو وري اِهو بہ ٿيو تہ اِن ليکہ جي جواب ۾ مون بہ هڪ وڏو تنقيدي موٽ ۾ جواب ڏنو، جو وري هري موٽواڻيءَ پنهنجي رسالي ”ڪونج“ ۾ شايع ڪيو. اُن جو جواب ڪنهن ڪونہ ڏنو. خير منهنجي هن نئين تنقيدي ڪتاب بہ جيڪو پوءِ سنڌ ۾ بہ گهڻيون ڪاپيون موڪلي موهن ڪلپنا وڏو وڙ ڪيو هو. ۽ اُتي بہ چڱا بحث ٿيا. مونکي هڪ وڏي نقاد ڪري مشهور معروف ڪري ڇڏيو. اڄ وري، پنهنجي ادبي آتم ڪٿا لکندي ذري گهٽ اڌ صديءَ کان پوءِ ڪتاب وري پڙهان ٿو، تہ (ممڪن آهي هن جي پنيان پنهنجي رچنا هجڻ ڪري ڪو لڪل موهہ بہ رهيو آهي) مونکي پنهنجي اپياس جي گهرائي تنقيد تشريح ۽ فن تي وڏيڪ ڀروسو جاڳيو آهي. هاڻ تہ هن ڪتاب جي ڪابہ ڪاپي نٿي ملي. وچ ۾ ڪيترن اديب دوستن ڄاڻايو هو تہ هنن پنهنجي ڪاپي سانڍي رکي آهي ۽ وقت بہ وقت پنهنجي رچنا پد ڪريا جي ڇڪاس ڪرڻ لاءِ هن ڪتاب کي ريفرنس طور کوليندا آهن.

جيتوڻيڪ هي ڪتاب اڄ کان چاليهہ سال اڳہ جو آهي1975 ۽ مان پنهنجي هيءَ ادبي آتم ڪٿا اڄ 2020 ۾ لکڻ وينو آهيان اِهو بہ علم اٿم تہ جدت جي ڌارا اڄ ادب ۾ راڪاس ٻڻجي رهجي ويئي آهي. هاڻ تہ جنهن دؤر جو نالو کڻون ٿا تنهن کي چئون ٿا ’بعد جدت‘ (Post Modernism) اِن بدليل فڪري ۽ احساسي تبديلين ۾ مون بہ گذريل اٺن ڏهن سالن ۾ نہ رڳو پوسٽ ماڊرن ڪهاڻيون لکيون ۽ ڪيترين تنقيدون بہ بعد جديت جي سوچ تي اُصولي ۽ علمي ڪهاڻيون لکيون آهن. هينئر پنهنجو ئي هڪ پهريون تنقيدي مقالو پڙهندي اِهو احساس پيو ٿيئم تہ هاڻي دماغي ويسر سبب اهڙي شارپ ٻولي ۽ ڪيترا تنقيد جا پار ڀاشڪ لفظ جي ڪي انگريزي لفظ لاءِ تز سنڌيءَ ۾ هم معنيٰ لفظ نہ پيا ملن تہ بعضي اُردو، فارسي يا هندي جو سهارو وٺي ٿاهڻا بہ پيا آهن. جڏن تہ منهنجي نقاد جي اوسر ۾ هي مقالو سنگِ نشان يا پيڙه جو پٿر بڻيو تہ هتي سڄي جو سڄو مقالو هتي ڪتاب جو ڪوَر ڇڏي، وري جڏن جو تڏن ڏيان ٿو. آهي تہ منهنجي آتم چنتن جو ئي انگ. ٻين ٻولين ۾ ئي تہ اهڙا اهم ڪتاب، ٻئين ۽ ٽئين ڇاپي ۾ پئي آيا آهن. پر سنڌيءَ ۾ اهڙن سنجيده پاٺڪن جو تعداد اڳہ بہ گهٽ ئي هو ۽ هاڻ تہ نہ جي برابر آهن. تنهن ڪري رڪارڊ تي آڻڻ لاءِ هِت آتم ڪٿا جي اندر ئي سڄي ٻيو ڇاپو ڪري پيش ڪري رهيو آهيان.

هلندڙ.....

(سچ بنام سوچ- هيروشيوڪاڻي جي ڪتاب تان ورتل)

◆◆

# سنڌي ادب ۾
# عورتن جي بااختيارگي

✍ ترتيب- ڀانو ٻوڏيجا- صحافي، بياور

1. **پوپٽي هيراننداڻي:** پنهنجي طقتور ٻولي جي صلاحيتن لاءِ مشهور. هن 50 کان وڌيڪ ڪتاب لکيا ۽ 1982 ۾ پنهنجي سوانح عمري ، ’منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق‘ لاءِ ساهتيه اڪادمي ايوارڊ کٽيو. سندس ڪم اڪثر ڪري عورتن جي وقار ۽ سماجي مسئلن تي ڌيان ڏيندا هئا.

2. **سندري اُتمچنداڻي:** هندستان ۾ هڪ معروف ترقي پسند مختصر ڪهاڻي ليکڪ ۽ ناول نگار، جنهن چار ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي تائين لکيو. هن ’وڇوڙو‘ لاءِ ساهتيه ڪادمي ايوارڊ کٽيو. سندس ڪهاڻيون مقامي ٻولي، ڇوٽيون ۽ وچولي طبقي جي شهري زندگي جي مسئلن کي ظاهر ڪن ٿيون.

3. **ڪلا پرڪاش:** پنهنجي نسل جي سڀ کان ڪامياب ۽ ڪامياب ليکڪن مان هڪ سمجهي ويندي هئي. هن ڪيترائي ناول ۽ مختصر ڪهاڻين جا مجموعا لکيا، خاص طور تي ”هڪ دل، هزار ارمان“ سندس ڪهاڻيون اڪثر ڪم ڪندڙ عورتن جي ذهني دٻاءُ ۽ شهري زندگي جي مسئلن کي ظاهر ڪنديون هيون.

4. **اندرا واسواڻي:** هڪ مشهور ليکڪا ۽ شاعره، هن کي ’نالو‘ ۽ ’منجيري‘ جهڙن ڪتابن لاءِ تنقيدي تعريف ملي. هن شهري ڪم ڪندڙ عورتن جي زندگين ۽ مسئلن تي پڻ لکيو.

5. **مايا راهي:** پنهنجي منفرد انداز لاءِ مشهور، هن چاليهه سالن کان وڌيڪ عرصي تائين سنڌي مختصر ڪهاڻين ۽ شاعري ۾ حصو ورتو. سندس ڪهاڻين جو مجموعو ’محبت جو مينهن‘ تمام گهڻو ساراهيو ويو آهي.

6. **ريتا شهاڻي:** سنڌي، هندي ۽ انگريزي ۾ هڪ مشهور ليکڪا، هن پنهنجي لکڻين ۾ مردن جي دوکي ۽ فريب جي خلاف ڳالهايو. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ ريپ جهڙن حساس موضوعن تي پڻ ڳالهايو.

ڪيتريون ئي ٻيون همعصر عورت ليکڪائون (جهڙوڪ ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي، وينا شرنگي، ڀارتي سدارنگاڻي ۽ پاڪستان جون عطيا دائود) سنڌي ادب کي مالا مال ڪنديون رهيون آهن، مردانه سماج جي خلاف آواز اُٿاريندڙيون آهن ۽ عورتن جي زندگين جي مختلف پهلوئن کي اجاگر ڪنديون آهن.

◆◆

# آزادي کان پوءِ ڀارت ۾

# بھترين سنڌي جيوڻيون ۽ آتم ڪٿائون

✍ شوڀا رام لعلچنداڻي



آتم ڪٿا ۽ جيوني ساھتيہ جون غير افسانوي صنفون آھن. انھن ٻنھي ساھتيڪ شاخن ۾ گھڻو تفاوت ڪونھي. اظھار جو انتر آھي. جيتوڻيڪ سمورو ساھتيہ ئي، انسان کي سمجھڻ جي ڪوشش آھي. ليڪن جيوني ۽ آتم ڪٿا ۾ اھا ڪوشش، سچائي ۽ يٿارٿ جي بنياد سبب، وڌيڪ دلچسپ ۽ اثرائتي ھوندي آھي. ڪنھن آدميءَ جي جيوني ڪو ٻيو لکندو آھي، پر آتم ڪٿا پاڻ لکي ويندي آھي. وڏن نيتائن ۽ ساھتيڪارن جون جيونيون اڪثر سندن جيئري ئي لکيون وينديون آھن. جيونيءَ جو مقصد ھڪ اھڙي ڪردار کي سماج اڳيان پيش ڪرڻو ھوندو آھي. جنھن مان سماج کي فيض رسي. ان جو پلو ٿئي جيڪڏھن ائين نٿو ٿئي تہ جيوني - ڪار جي ڪوشش اَجائي ليکبي نيتائن، مھاپرشن ۽ اعليٰ اديبن جون آتم ڪٿائون بہ انھيءَ مراد کي حاصل ڪرڻ لاءِ تخليق ڪيون وينديون آھن.

سنڌي ادب ۾ آتم ڪٿا ۽ جيونيءَ جي صنف پنتي پيل آھي. ماڻ پنھنجي ڳالھہ آتم ڪٿائن سان شروع ڪريان ٿي. آتم ڪٿا لکڻ سولو مرحلو ڪونھي. جڳ اڳيان پاڻ کي پڌرو ڪرڻ آھي. ڪنھن چيو آھي تہ ڪٿا ۾ سچ لکڻ ايترو اوکو آھي، جيترو ڪنھن ڪھاڻي يا ناول ۾ ڪوڙ لکڻ. آتم ڪٿا ۾ زندگيءَ جي حقيقتن، تجربن، تلخين ۽ آزمودن کي سچائيءَ سان پيش ڪرڻ آسان مرحلو ڪونھي. جڏھن ساھتيہ ۾ لکيل آتم ڪٿائن تي نظرثاني ڪجي ٿي تہ حيرت ڪندڙ حقيقت اھا ٿي نظر اچي تہ ليکڪن جي ڀيٽ ۾ ليکڪائن پنھنجون آتم ڪٿائون وڌيڪ بي باڪيءَ سان لکيون آھن. انڪري مون سنڌي آتم ڪٿائي وھڪري مان بہ آتم ڪٿائون اُھي چونڊيون آھن، جيڪي استري ليکڪائن جو رچيل آھن.

”منھنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق“ مرڪزي ساھتيہ اڪادمي جي انعام يافتہ آتم ڪٿا آھي. جنھن جي ليکڪا پوپٽي هيراننداڻي سنڌيءَ جي ڳھڻ ڪنڍي ۽ بھو آيامي ليکڪا آھي. پوپٽي هيراننداڻي ڪتاب بابت لکي ٿي، ”مون لکيو نہ، پر منھنجي اندر ۾ ڳڏ ٿيل اُٿل پٿل، مون کان لکارايو. اُنھن ڏينھن ۾ مان سخت بيمار ٿي پيئي ھئس. مون موت سان جنگ ٿي جوٽي. لڳو ٿي موت منھنجي سامھون ھي، مون سان ڳالھيون ڪري رھيو آھي.“ پر منھنجي زنده رھڻ جي تمنا ڪٿيو. اُن ئي موت تي مون جيت پاتي...

منھنجي ڊاڪٽر بہ ، مونکي پنھنجي من جو بار ھلڪو ڪرڻ جي صلاح ڏني. ھن

چيو: لک! مون بہ ڈاڪٽر جي صلاح مڃي، من کي هلڪو ڦلڪو بڻائڻ لاءِ، قلم هٿ ۾ ڪنيو. ۽ ائين ئي مون يادگيرين کي تازو ڪيو.

نتيجو ”منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق“ آتم ڪٿا. پوپٽي جي بهترين رچنا آهي. هيءَ پوپٽيءَ جي شخصيت جي ڪهاڻي آهي ئي گڏوگڏ سنڌيت جي بہ جهلڪ پسائي ٿي. هيءَ سنڌيت جي اڌ صديءَ جي سهڻي جهلڪ آهي. هن ۾ سنڌ جي ورهاڱي کان اڳ جي دور جو بہ ذڪر آهي، جنهن ۾ هن ٻالپڻ جا ڏاڪا ٺهڪ ڏيندي مٿي چڙهيا. ليکڪا پنهنجي قافلي سان جڙيل، اُنهن انيڪ اديبن ۽ فنڪارن جو بہ پنهنجي آتم ڪٿا ۾ احوال ڏنو آهي. جيڪي پنهنجي ٻولي، ادب، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کي سوگهو جهلي ويهڻ ۾، پنهنجن ويهن نهن جو زور لڳائي رهيا آهن. هن جي آتم ڪٿا ۾ هن جي حوصلي، همت ۽ صاف گوئيءَ جا اهڃاڻ بہ ملن ٿا.

”اڄ جيترو ئي وڌيڪ سچ ڳالهائڻ ڪري ستائي ويندي آهيان. اوترو ئي وڌيڪ اٽل ۽ محڪم رهڻ جو جتن ڪندي آهيان.“ (ص.50)

پوپٽي جي آتم ڪٿا جي هر هڪ سٽ، هر هڪ باب پڙهڻ وقت سيسرات پيدا ڪندي. ذهن ۾ ڇپيل تو ۽ سوچڻ لاءِ ڏوندائڻي ٿو. ڪارڻ: پوپٽيءَ پنهنجي آتم ڪٿا دل سان لکي آهي جو ڪو پنهنجي دماغ تي زور ڏئي آتم ڪٿا لکي ٿو تہ ان ۾ مڪمل صداقت نہ ايندي ۽ اها پڙهندڙن کي متاثر نہ ڪندي. پوپٽيءَ جي آتم ڪٿا جي وڏي خوبي اها آهي جو اها لکي نہ، من کان لکارائي وئي آهي. ان ڪري اسان ”منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق“ ۾ ليکڪا جي آتم ڪٿا جو اولڙو پسون ٿا. ان ۾ ليکڪا جي هرديہ جي ڌڙڪن جو آواز سڻي سگهجي ٿو.

هاڻي مان هڪ ٻي ٻي ٻاڪ ليکڪا جو ذڪر ڪنديس. جنهن جي آتم ڪٿا ”مان ئي مان“ ادبي حلقن ۾ بيحد مقبوليت ماڻي، سا آهي رتنا گوديا روالڪ. ليکڪا پنهنجي ان آتم جيونيءَ ۾ حياتي جا اهڙا تلخ ۽ ڪوڙا سچ بيان ڪيا آهن، جو پڙهندڙن کان ڇرڪ نڪري وڃي. هن ٻولڊ ليکڪا جو هي همٿ ڀريو ڪارنامو آهي. هوءَ بنا لڪ لڪاءُ جي پنهنجي خانگي زندگيءَ کي اظهار ڏنو آهي.

... ڪڏهن ڪڏهن مون چاهيو هو تہ فراخدليءَ سان ان وقت جي طوفان کي پنهنجي اندر ڇپائي رکنديس پر هاڻي اندر ايترو تہ ڀرجي ويو آهي جو ان لاءِ ڪا جاءِ ئي خالي نہ آهي. (ص.7)

... تازي ڊليوري ٿيل هئي جنهن ڪري ٿن ڇٽن ڪلاڪن کان پوءِ ڇاتي کير سان ڀرجي آڪڙ وڃان سور ڪندي هئي. هڪ واپاري وٿان تي ٽڪڙ ۾ وي.ٽي اسٽيشن جي ويٽنگ روم جي باٿ روم ۾ وڃي ٿڃ هاري ايندي هئس. اُن وقت مونکي پنهنجي ڌيءَ جو ٻڪايل معصوم شڪل اچي ياد پوندي هئي. هوءَ گهر ۾ بازاري کير پئي پيئي ۽ مان هن

جي حق جو ڪير گينديءَ ۾ هاري ڇڏيان! (ص.54)

ليکڪا پنهنجي همٿ ۽ عقل سان مردن جي سماج ۾ هڪ آبرودار جاءِ جوڙي ورتي ٿي. بهرحال هيءَ افسانوي رنگ ۾ لکيل هڪ دلچسپ ۽ سماجي سچائيءَ تي هڪ زوردار ڪامينٽري آهي، جيڪا ڇنڊڇاڻ ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ٿي.

گوبند مالهي سنڌيءَ جو هڪ ڀوميڪي اديب آهي. هن جي آتم ڪٿا 'ادب ۽ اديب' سنڌي ساهتيہ ۾ هڪ جوڳي جاءِ والاري ٿي. ادب ۽ اديب جا پنج ڀاڱا آهن. ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون ، سنڌڙي منهنجي جنڊڙي، نرواس ۾ آس، زندگي هڪ سفر ۽ عجيب هيءُ رشتا ناتا. مالهيءَ جي آتم ڪٿا ۾ سنڌ جي ساروڻي بہ آهي جا تمام موثر نموني اظهار پائي ٿي. هو پنهنجي ڪهاڻي سلسليوار نموني ڪٿي ٿو. لڏپلاڻ جو ذڪر بہ آهي. مالهيءَ جي آتم ڪٿا جي پوين ڀاڱن ۾ ڀارت ۾ سنڌس ادبي ۽ ثقافتي حياتيءَ جو پيرائتو احوال آهي. مالهي جي سموري آتم ڪٿا سڌي سنواتي ۽ دلچسپ انداز ۾ لکيل آهي. هن جي حياتيءَ ۾ گهٽيل وارداتون بيحد ئي دلچسپ آهن. انکري پڙهندڙ ڪٿي بہ بور نٿو ٿئي. ليکڪ خود قبوليو آهي، ''منهنجي آتم ڪٿا ماحول کان تواريخي واقعن ۽ ڪردارن بابت جاڻ ڏيندڙ رپوتاژ ۽ منهنجي جيون ڪاريہ ڪاميابين-ناڪامابين جو پوتاميل آهي.'' پر اهو سچ آهي تہ سنڌي ٻولي ، ادب ۽ ڪلچر جي تواريخ لکندڙن لاءِ اها هڪ سونهن ٿي ڪم ايندي.

لڇمڻ ڪومل هند-سنڌ جو هڪ برک نثر نويس آهي. لڳ ڀڳ هزار کن صفحن ۾ ڦهليل لڇمڻ جي آتم ڪٿا 'وهي ڪاتي جا پنا' تي ڪافي ڪجهہ لکيو ويو آهي. هند کان وڌيڪ سنڌ ۾ ان آتم ڪٿا کي مانُ مليو آهي. لڇمڻ ڪومل جو نثر هڪ انوکو جادوئي اثر ڇڏي ٿو. هن پنهنجي آتم ڪٿا ۾ مخصوص دلچسپ عبارت استعمال ڪئي آهي. هن جو چوڻ آهي تہ آتم ڪٿا کي روچڪ بڻائڻ لاءِ خيالي گارو سيمينٽ ڪم آڻي سگهجي ٿو. پر من گهڙت ۽ خيالي ڳالهين لاءِ، آتم ڪٿا ۾ جڳهہ ڪانهي. ليکڪ خود قبولي ٿو:

سٺهٺ سالن جي عمر ۾ لڇمڻ ڪومل کي بہ آتم ڪٿا قلمبند ڪرڻ جو خيال ٿيو. هن پاڻ لکيو آهي: ''هن بي وفا زندگي بابت سوچي مونکي اڪثر خيال ايندو آهي تہ مان مرڻ کان اڳ پنهنجي حياتيءَ جا ڪي مٺا ڪوڙا سچ درج ڪري ڇڏيان ۽ خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي سچ ۽ رڳو سچ ئي رڪارڊ ڪريان.'' مان پنهنجي گناهن ۽ ثوابن جي ڳنڍڙي کولي ان مان ليڙون ليڙون ٻاهر ڪڍي رهيو آهيان. اهي ليڙون ليڙون منهنجي لٽڪي آيل جسم جو کو بہ اُگهاڙو انگ ڍڪي ٿيون سگهن.''حقيقت ۾ پنهنجي آپ بيتيءَ کي سچائيءَ سان لکي بيباڪيءَ سان جڳ اڳيان رکڻ وڏي جريت وارو ڪارنامو آهي. پنهنجي هن تحرير ۾ واقعن ۽ جذبن جو اظهار عدالتي قسمنامي موجب سچائي ۽ ايمانداريءَ جو پالند، ڪيتري قدر پڪڙي هليو آهي، اُهو ڪتاب پڙهڻ بعد پاٺڪ پاڻ ئي محسوس ڪري سگهندا.

جڳ اڳيان پاڻ پڌرو ڪرڻ. آسان ناهي. اهو مشڪل ڪم لڇمڻ ڪومل پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ڪري ڏيکاريو آهي.

”منهنجي خالق مونکي بي پناھ تخليقي قوتون ۽ صلاحيتين سان نوازيو آهي. پر مون پنهنجون خدا داد قوتون هر قسم جي حرام پاپن، شودپاپن، عياشين، عشق بازين، زناڪارين، شرابخوري، تماڪ نوشي، نشن پتن ۽ ٻين ڪيترين ناقابل ذڪر لوفر پاپن ۾ ضايع ڪري ڇڏيون آهن.“

لڇمڻ ڪومل پنهنجي آتم ڪٿا ۾جسماني ۽ ذهني پيڙائن جو بہ ذڪر ڪيو آهي.

”سراسري مهني جو هڪ هفتو اسپتال يا نرسنگ هوم ۾ پرتي ٿيٺو پوي ٿو. ويني ويني اوچتو ساھ منجهڻ ٿو لڳي ۽ سهڪو شروع ٿي ٿو وڃي. سڌو اسپتال جي امرجنسي وارڊ ۾ اسٽريچر تي ليٽائي پرتي ڪري ٿا ڇڏين. ڊاڪٽر ۽ نرسون بنا ڪنهن جاچ جوچ جي سڌو ئي نڪ تي آڪسيجن چاڙهي ٿا ڇڏين.“

لڇمڻ ڪومل جي دل تي وطن جي درد جون ڏارون وڌيون. پنهنجي وطن کان ڌار ٿيڻ جو درد هر ڪنهن سنڌيءَ شدت سان محسوس ڪيو هوندو. جنم ڀوميءَ کان ڌار ٿيڻ وقت ڪيترن هنجون بہ هاريون هونديون. پنهنجي ڌرتيءَ کان پري وڃڻ وقت جهاز ۾ ويني هن جي اندر ۾ ڪيترا اُڌما جاڳيا ڏسو. ”جل درگا جي ڊيڪ تي ويني مان ڪراچيءَ کان اکين کان اوجهل ٿيندي ڏسي رهيو هوس ۽ هر پل پنهنجي مُلڪ جي مٽيءَ کان پري ٿيندو پئي ويس. آهستي آهستي سڀ ڪجھ ننڍو ٿيندو پئي ويو. ڪراچيءَ جو ٻيٽ ننڍو ٿيندو پئي ويو. اُن تي هلندڙ چلندڙ ماڻهو ننڍا ٿيندا پئي ويا پر حقيقت ٻي هئي تہ اسين جلاوطن ٿيو ننڍا ٿيندا پئي وياسين.“

”...... اڄ مونکي قانوني طور جي اها اجازت ملي تہ مان پنهنجي ڳوٺ ڪنڊياري واري جنم جو گهر، جنهن کي موجود رهاڪن پڇي پورا ڪري ڪنڊهر بڻائي رکيو آهي.ٻيهر ڪائڻ ڪنهن بہ قيمت تي خريد ڪري ، ان کي نئين اڇي وسايان ۽ زندگيءَ جا باقي بچيل ڏينهن گوپيءَ سان گڏ اُتي اچي گهاريان.“

آتم ڪٿا ۾ رنگيني آڻڻ لاءِ حياتيءَ جي اُنهن حقيقتن ، حادثن، وارداتن کي ٿوري وستار ۽ بيباڪيءَ سان اظهاريو ويو آهي. ليکڪ پاڻ ڪٿا ۾ رس کي قبوليندي چيو آهي، ”ادب ۾ خاص طور آتم ڪٿائن ادب ۾ بہ رڳو ٺلهن حقيقتن تي ئي آتم ڪٿائون نٿيون بيهاري سگهجن. محض خشڪ حقيقتون ۽ سڪٽيون سچايون اخباري رپورٽ وانگر درج ڪجن تہ اهي بيحد خشڪ، بي رس ۽ ورچائيندڙ بڻجي وينديون. تحرير ۾ رس چس آڻي ڪٿي ڪٿي فڪشن جو سهارو وٺڻو ئي پوي ٿو.“ هن بيان مان لڳي ٿو تہ هن آتم ڪٿا ۾ سچائيءَ جي اصولن کي ٿورو پاسيرو رکيو ويو ٿو ڏسجي. محض اظهار جو طريقو وڻندڙ بڻائڻ ۽ پاٺڪن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ ۽ آتم ڪٿا کي دلچسپ بڻائڻ لاءِ. ان لاءِ

ليڪ ڪي ڪن ورجايو آهي. هوُ لکي ٿو، ”ستيش روهڙا جيان منهنجن ٻين ٻہ ڪيترن دوستن منهنجي هن وهي ڪاتي جا پنا پڙهڻ ڪان پوءِ مونکي ايهي ٿي ميارون ڏنيون آهن تہ تو پنهنجي پنن ۾ عشق بازيءَ جا اُهي داستان ويهي درج ڪيا آهن جيڪي حقيقت ڪان پري ٿا لڳن.“

لڇمڻ ڪومل هن آتم ڪٿا ۾هر ڪنهن گهٽنا جي تاريخ اجمير، مانڊو، پرٽپور، دهلي وغيرهہ شهرن جو ٻہ اتهاسڪ پس منظر لکڻ تي چڱا پنا خرچ ڪيا آهن. هن ۾ پنهنجي جيون ۾ ٿيندڙ گهٽنائن جو ذڪر تہ آهي ئي اُن سان گڏ بينظير جي شهادت، ايوڌيا جي بابري مسجد، گوڌرا ڪانڊ جي ٿيل وارداتن جو اخباري رپورٽ وانگر تفصليوار رڪارڊ ٻہ پيش ڪيو ويو آهي. انڪري هڪ هنڌليڪ چوي ٿو، ”عمر جي هن پوئين پهر ۾ هنن پنن ۾ پنهنجا سڀ اعتراف ۽ اعمال درج ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. لڪندي مڪندي ذهن آڏو زندگي سڄي ماضيءَ کي جهنجهوڙي رهي آهي. انڪري منهنجي تحرير ۾ تاريخ نوسي ٻہ اچيو ٿي وڃي. سونهن ٻہ اچي ٿي وڃي. ناول نويسي ٻہ شامل ٿيو وڃي تہ پنهنجي پيشورانہ صعافت جا عنصر ٻہ اچيو ٿا وڃن.“

هلندڙ....

(سنڌو جوت 72 تان ورتل)

◆◆

## سنڌيت پريمين کي نماڻي وينتي

✍ يوجراج ڪيماڻي ’ڪرانتي‘

1. مون ٻولي بچائڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪيو
مون کي بدلي ۾ ڪيڏو نہ آنند مليو
پر ڏئي نٿي سات مونکي صحت ساٿيو
هاڻي هتي توهانجي حوالي سنڌيت ساٿيو
2. سنڌي پنهنجي ڏندن ۾ رهن ٿا مگن
وقت ملي ڪونہ ٿو جو هوُ ٻولي سکن
ڪين مڃايون ٿا ليڪن رڏل ٿا رهن
مڃائڻ جو اڃان پي ڪيون پيا جتن
پر ناهي ڪين ايڏي فرصت ساٿيو
هاڻي هتي توهانجي حوالي سنڌيت ساٿيو
3. سنڌي ٻولي گهرن مان ڏڪجي پيئي
اڄ لولي سنڌي ۾ نہ ٻڌجي پيئي
نہ جوانن کي ٻوليءَ لئہ اتساهہ آ
نيتائن کي اڱہ جهڙو نہ سو چاهہ آ
خوب جڳايو سنڌين ۾ همت ساٿيو
هاڻي هتي توهانجي حوالي سنڌيت ساٿيو
4. نہ ’لازمي‘ ٿي ٻولي پڙهائي وڃي
نہ حقن لاءِ ٿي هلچل هلائي وڃي
نہ ڪو پي سنڌين جو آ دمدار نيتا
پو ڪيئن ٻيڙي سنڌيت جي بچائي وڃي
وڌايو سنڌيت لاءِ محبت ساٿيو
هاڻي هتي توهانجي حوالي سنڌيت ساٿيو
5. مُدت ڪان سنڌين کي جڳائيندو رهيس
سنڌيت جا ڳڻ خوب ڳائيندو رهيس
ملي ناهي’ڪيماڻي‘ ڪاميابي اڃان
مگر فرض دل سان نڀائيندو رهيس
سنڌيت پريمين جي آ ضرورت ساٿيو
هاڻي هتي توهانجي حوالي سنڌيت ساٿيو.

◆◆

# ڪٿاڪار موهن ڪلپنا: هڪ شخص، هڪ فنڪار

✍ پريم پرڪاش

(1994)

(موهن ڪلپنا بنيادي طور ڪٿاڪار آهي. ناول، ڪهاڻيون سندس پهريان اِظهار آهن. پر ڪلپنا جو فنڪار ۽ شخص ته سندس تخليق ڪيل ٻين صنفن جيئن ڪوتا، ليک، مقالا وغيره مان پڻ نهايت فخر لائق اُڀري بيهندو آهي.)

هڪ نهايت ڏکيو رستو طيءِ ڪيو آهي مون.

- هونءَ ڪو رستو ٺيندو ته نه آهي زندگيءَ ۾ .
پيچڙا، پهاڙ، ميدان تي ڪريل ڳل، پير رکجن ته اڪثر ڪنڊا لڳن!
واديون لهندو وڃجي. ڪرندو وڃجي. ڪرڻ ۾ موج آهي

- مون اڪثر مٽي چڙهڻ چاهيو آهي، مٽي ۽ مٽي
ان ڪان به مٿي... ڏسان ته اُتي ئي بيٺو آهيان!
ياترا فقط من جي ڪئي اٿم.
آدرشن جا پهڙا. عمل جون ڪاهيون. ڪڏهن عمل جون باهيون.

- جيل به ڪاٽيا اٿم ته گولين جي سامهون سينو به ساهيو ٿم
ادبي محفلن ۾ سر ڪٽيا اَٿم ۽ ڪٽايا اَٿم
زلفن جي پينگهن ۾ وکڙ ٻڌجي لطف ماڻيو اَٿم ۽ غلط گلاسن جو
زهر پيتو اَٿم. پنهنجو رت به پياريو اٿم. حاصل مطلب:
جتي هوس، اُتي آهيان
ڪجهه به ته نه آهيان مان.
منهنجو بئنڪ بئلنس فقط ڪي يادون آهن
ڪجهه به ته نه آهيان مان

- قوم جي قسمت ٺاهي نٿو سگهان. قوم ته قوم، پنهنجو مُقدر به ٺاهي نه سگهيو آهيان ۽ عمر جي اَڌ صديءَ ۾ فقط خوابن جي لاشن کي اکين ۾ ڇُپيندو ڏٺو اَٿم.

- مان هڪ ليکڪ آهيان. اَڌ زندگي ٽيبل تي گذاري اَٿم. روشنيءَ جيتلاش ۾ اونده ۾ قلم ڪنيو آهي مون.
رواجي ماڻهو آهيان مان . رواجي
خسيس ماڻهوءَ کي خسيسپڻي جو احساس مشڪل ئي جاڳندو آهي.

- مون جيون سان ڀرپور پيار ڪيو آهي. اُن جا ڏک، سک انيڪ، خواب، آدرش ۽ اَڌپوريون ڏيئمر خواهشن جا درد ونڊڻ چاهيان ٿو مان.

- زندگي جيئڻ هڪ ڪلا آهي. شايد مان پنهنجي سوچ ۾، وهنوار ۾، فطرت ۾ نهايت تخليقي آهيان.

- مان قدرن جي تلاش ڪئي آهي.....
دنيا ۾ سڀ ڪان وڏو قدر آهي. انسان جي پاڪ ۽ مقدس جذبن جو بچاءُ.

X اِهي چند حوالا ، هڪ سنڌي ليکڪ جا لکيل آهن. سندس آتم ڪٿا ”ٻڪ عشق اَدب“ جي صرف ڀرين ٻن صفحن تان ورتل آهن.

X اِنهن ئي حوالن ۾ اَسين هڪ شخص کي ، پنهنجي ڀرپور زندگي جيئڻ لاءِ جدوجهد ڪندي ڏسي سگهون ٿا.

هڪ شخصيت جي ڪيترن ئي پاسن کي ليڪا ڪا پائيندي پسي سگهون ٿا. ساڳئي وقت هڪ فنڪار جي سوچ، فڪر، جذبي، تخميقي لاڙيزندگي ۽ ڪلا طرف رُخ ۽ لا اِنتها تڙپ کي جاڻي سگهون ٿا.

اِهو شخص، اِها شخصيت اِهو فنڪار موهن ڪلپنا آهي. جنهن جو جنم 22 فيبروري 1930 ، تي ڪوٽڙي سنڌ ۾ ٿيو ۽ وفات،19 جون 1992 ڪلياڻ ۾!

X سِنڌ، سنڌي قوم، سندي ٻولي، سنڌي تهذيب، سنڌي ڪلچر، سنڌي ساهت، سنڌي هلچل، سنڌي جلاوطني، سنڌي فرد.... اِهي سڀ موهن ڪلپنا ۾ آهن. اِنهن سيني ۾ موهن ڪلپنا آهي. موهن ڪلپنا کي اِنهن کان جُدا ڪري ڏسڻ سان موهن جو ڪو وجود ڪونهي. ڪلپنا جي هستي ڪانهي.

اِنڪري شايد موهن ڪلپنا جي هڪ شخص کي هڪ فنڪار کان الڳ ڪري ڏسڻ لڳ ڀڳ دشوار آهي. شخص فنڪار ۾ سمايل آهي ۽ فنڪار شخص ۾ گڏيل مسيل. موهن ڪلپنا جي شخص جون پنهنجي زندگيءَ جون ڪاميابيون/ناڪاميابيون سندس فنڪار جي ڪاميابين/ناڪاميابين سنئون آهي. هوُ اُنهن سميت هڪ ٻهوڳڻي شخصيت آهي - پر اوتري حد تائين اڌوري جو اُها پورڻتا جو شديد اَحساس ڪرائي.

X سندس پورو نالو موهن بولچند لالا. اصل سيوهڻ جو. تفليمر مئٽرڪ. ڪٽنب:

زال ڪمل، ڌيءُ - گيتا. پيشو: ڪيئين درجن نوڪريون ۽ ڪجھ ڌنڌا پر ڪٿي بہ ٽائينڪو نہ.

X ادبي واقفيت :

- پهرين رچنا - ڪهاڻي - سِرو: آتم هتيا 1948-
- ڊزن ڪن ناول: آواره- 1953، لگن- 1954، سنڌ ۾ -57، عورت- 1956، زندگي- 1957، پٿر جو جگر ميٺ جي دل- 1958، وشواس-1959، رچ ۽ پاچا- 1959، سنڌ ۾ -67، 84، پيار جي پڇاڙي-1969، جلاوطني-1974، سنڌ ۾ - 1975، تون منهنجي سندرتا جو آرنپ آهين-1975، ماءُ-1979، ڪانءُ ۽ سمنڊ-1981

- ڪهاڻين جا مجموعا:

موهي نرموهي- 1961 ،چاندني ۽ زهر-1964/ 1971، سنڌ فرشتن جي دنيا - 1967، اُها شام- 1981/ 1982، آئين ڪٿا- 1989

- رپورتاج : اَڃا رات باقي آهي.
- ٻارن لاءِ ناول: سرڳ جي ڳولها- 1981/1958
- جيوني: فنڪار ۽ فيلسوف-1973، آفتاب اِنقلاب - 1975
- خط: منهنجا هم وطني -1975
- شاعري (ڪويتائون) جهاز جي ڊيڪ تي- 1983
- مقالو: سنڌي اديبن ۾ نظرياتي ڪشمڪش-1963

X ڪلپنا سان هڪ ئي مهل ڪيترين ئي خصوصتون وابستہ هونديون هيون جيئن::

- متوالو، خوددار، غير موقعي پرست، ايماندار
- سخت موهي جذباتي
- آوار، خانہ بدوش
- غريب - شاهوڪار
- سنڌن جي برک ليکڪا: پوپٽي هيراننداڻيءَ ۽ سنڌ جي ڪهاڻي نويس ماهتاب محبوب ڪلپنا کي ٻن روپن ۾ ڏٺو:

هڪ : بحث ۾ جن ، جلاد، قاتل ظلمي

ٻيو: ٻار، معصوم، چل ول بغير

- مقبول ڪهاڻي نويس سندري اُتمچنداڻيءَ ڪي ڪلپنا جي چهري تي هر وقت هڪ معصوم ٻار نظر ايندو هو.

- حاضر جوابي، چرچائي، طنري، ٻڪٻڪيو، گهڻ ڳالهائو. پر هر وقت نهايت فضيلت سان پيش ايندڙ

- موهن جي ويجهي دوست - عزيز گنو سامتاڻيءَ ڪي هوءُ هر وقت وحشت ۽ دهشت سان ڀرپور لڳندو هو. پر پوءِ ڪلپنا ۾ اوچتو اَنتر مکي تي وڃڻ جي واڌو خاصيت انيوَ مان جڙي.

- پرکيات چترڪار پيُوان ڪپور کي موهن ذهين، تيز، حملاور، بيپرواهه ۽ مڪت ڪلندڙ لڳو.

- سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اَياز پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو هو: هو ڏکهو ۽ قداور آهي ۽ ڪيس ڪشش ڪندڙ شخصيت آهي. هڪ خط ۾ موهن کي لکيائين: هندستان ۾ مون ست مونهون راوڻ ڏٺو ، جنهن جو سِر ڪير انڪري نٿي ڪٽي سگهيو جو هن ۾ رام جي آتما هئي.

موهن ڪلپاڻ انهن بيان ڪيل خصوصيتن تائين محدود ڪونه هو. سندس خلقيل ادب دوارا ٻڻ ڪئين خصوصيتون هُن سان جوڙي سگهجن ٿيون. سندس سوچ فڪر ۽ جذبي مان ٻه ڪيترين خصوصيتون اُجاگر ٿين ٿيون. جيئن:

(1) **’جهاز جي ڏيڪ تي‘** : ڪلپنا جو ڪويتا سنگرهه آهي. اِن ئي سري واري ڪويتا هُن ورهاڱي بعد پنهنجو وطن ڇڏيندي لکي: ڪوتا پيش آهي:

مونکي پنهنجي مُلڪ مان
اڄ آهي نيڪالي ملي
ڇو جو منهنجي آتما کي
ڪوڙه جو ڪو روڳ ناهي-
ڇو جو منهنجي ٻانهن ڪان
منهنجن ٽنگن، ساهه ڪان
آهه پيارو لوهه جو ٽڪر -
جنهن تي ٿوري ڪٽ چڙهيل آهي
جنهن ۾ ٿورو زهر آهي

هي برابر زهر ئگ آهي
زهر ئگ آ
زهر ئگ آ
پٽ ۽ پٽ ۾
سر ۽ سر ۾
ٽونگرن
چيرن
ٻرن ۾
نانگ
نانگن جا آڏا
ڪاهيون
قلعا
۽ چانوٺيون آهن!
اڄ حياتي زهر ڍڪ تي
پنهنجو ست آهي وڪيو
اڄ وچن جو فلسفو ئي زندگيءَ جو فلسفو آ
موٽ ٿو اڄ زندگيءَ جا حج ڪري
اَڄ آ چاتيءَ تي زيارت
چڪ ۽ چنبي
ڪپ چري جي!
هي برابر زهر ئگ آ
زهر ئگ آ زهر ئگ آ
هيٺ پاٽي ۽ مٿي آڪاش آهي
وچ ۾ منهنجو لاش آهي لاش آهي.

اِئين تہ ڪلپنا جي ’شام ڏسجي ڪنهن جڳهہ آهي صبح‘ هڪ لنبي ڪويتا سنڌي شاعريءَ کي سهڻي دين آهي، جنهن ۾ اڄ جي مشيني شهري زندگيءَ جي علامت جو هڪ شديد اَنيوي چِٽُ آهي. اُت ڪلپنا جون ڪجهہ ننڍيون ڪويتائون ڪافي ڇُيندڙ آهن:

15 آگسٽ 1947
مون نہ ڪڏهن 15 آگسٽ ڏينهن ملهايو
ان ڏينهن مون هو پنهنجو ديش کوهيو
ان ڏينهن منهنجو پڳوان
رات جو ٻارهن بجہ ٿيو سرڳواس

(2) سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪلپنا جي حيثيت هڪ سٻل ڪهاڻيڪار طور شماريل آهي. ترقي پسند دور بعد جنهن ''رومانوي'' ڌارا زور پڪڙيو، سنڌي ڪهاڻيءَ کي نئون ۽ معنيٰ خيز موڙ مليو اُهو موهن ڪلپنا، لعل پشپ ۽ گنو سامتاڻيءَ وٽان آيو. موهن ڪلپنا جون سنڌيءَ کي قريبن ٽي سو ڪهاڻيون ڏنل آهن. جتي هن رومانوي ڌارا جون مثالي ڪهاڻيون: موهي ۽ نرموهي، چاندي ۽ زهر، سرءَ جا پن ۽ پيلا پوپٽ، خوابن ۽ سراپن جي وڇمان، هٿو مونکان پري ٿيو، رت برفن مان وهندڙ وغيرهہ ڏنيون. اُتي هن جديد ڪهاڻي طرف پڻ رخ رکيو ۽ نئين ڪهاڻيءَ طور هن کي سهڻيون داخلائون ڪرايون. جيئن: هڪ شريف ماڻهو گاڏيءَ ۾، جواب، گهوٽالو، پٽر جو دشمن، 'اُها شام' ۽ 'اَئين ڪتا' جون ڪجهہ ڪهاڻيون وغيرهہ.

'پٽر جو دشمن' ڪهاڻي ٽي.وي تي هندي سيرل ايڪ-ڪهاني ۾ شامل ڪئي ويئي هئي ۽ ڪافي مقبوليت حاصل ڪئي.

'سنڌي ڪهاڻيءَ' جي مخصوص پهچان هيٺ ڪلپنا جو پسنديده موضوع جلاوطن سنڌي قوم جي سنڌي ڪردار، سنڌي جيوت، سنڌي آسپاس وارو آهي. سندس ڪيترين ڪهاڻين ۽ ناول اِن جا مثال آهن. جيئن ڪلياڻي، پاونا، ماءُ، جلاوطني ۽ 'اَئين ڪتا' جون ڪجهہ ڪهاڻيون.

'پاونا' ڪهاڻي سنڌ جي ياد ۾ هڪ جلاوطني سنڌڻ ڪردار تي ٻڌل آهي. جيڪا ڪلياڻ ڪئمپ ۾ گذاري ويئي. ڪهاڻيءَ جا ہ فقرا پيش آهن:

... تہ ڪلياڻي مري ويئي!

ڇو مري ويئي هوءَ؟ هن ڇيو هو: رام، تون ڏسج مان هندستان ۾ اصل نہ مرنديس. جيستائين سنڌي واپس سنڌ نہ ويا آهن، اوستائين جيئري رهنديس.

... مون کي لڳو، ڪلياڻي نہ مئي آهي. اِتهاس ۾ منهنجو وشواس مري ويو آهي.

پرڪاش ٻاهر کٽ تي ويٺو هو. سندس اکيون رت جيان ڳاڙهيون هيون. هُن

چيو: اَمان جي خواهش هئي تہ مرڻ بعد سندس لاش سنڌو نديءَ ۾ وڌو وڃي.

... پوءِ فيصلو بينو تہ جيڪڏهن لاش کي اُلهاس نديءَ ۾ - جيڪا ڪلياڻ ۾ آهي- وڌو وڃي تہ لاش کي پلا ۽ مڇيون کائي ويندا ڱو پاڻيان وڃي سمنڊ ۾ پونديُ، جتي ٿورو سنڌو جو پاڻي بہ هوندو.

اَسان اجان لاش کي اُلهاس نديءَ ۾ ڦٽو نہ ڪيو هو، ڏسون تہ هڪ پوليس لانچ پيئي اچي. ڪافي ردبدل بعد پوليس جي قبضي آيو ۽ اُهو ٽاٽا پوسٽ مارٽم لاءِ موڪلي ڏنو ويو.

سوچيان ٿو: پوليس جو ڪو ڏوهہ ڪونهي. اَسين ماڻهو ئي غلط آهيون. اَسان جا قد، اَسان جي ماضيءَ طئہ ڪيا آهن، مگر اُهي قد اَسان جي خيالن ۾ آهن. اَسان سمجهوتا نہ ڪيا ۽ تاريخ اسان کي چيپاٽي چڙيو.

(3) ’ڪونج‘ اَدبي رسالي موهن ڪلپنا جو شخصيت پرچو ڪڍيو هو. جيڪو ڪلپنا پاڻ ايڊٽ ڪيو هو ۽ اُن کي سيلف پورٽريٽ پرچو بيهاريو هو.

اُن ۾ ائين تہ ڪلپنا نسبت ڪيترو ئي ذخيرو آهي.جيڪو ڪلپنا جي شخص توڙي سندس فنڪار جي ڪيترن ئي اهم پهلن کي اُجاگر ڪري ٿو. اُن ۾ شروع ۾ ئي ’’موهن ڪلپنا سان هڪ گهري ملاقات‘‘ ڏنل آهي. ڪلپنا خود ئي پاڻ کان يعنيٰ موهن ڪلپنا کان انٽرويو ورتو آهي. اِنهن ٻنهي جي هڪ هنڌ هيءَ گفتگو درج آهي.

- چڱو هاڻ دنيا ۾ اُهو ڪهڙو ملڪ آهي، جو تون ڏسڻ چاهين؟
- سنڌ ڏسڻ چاهيندس، پنهنجي سنڌ
- ڇا تون ايترو محدود آهين؟
- ها آهيان
- جيڪڏهن هندستان ۽ پاڪستان جي لڙائي لڳي ۽ توکي بندوق ملي تہ تون ڇا ڪندين؟
- مان اُها بندوق وٺي گل وٺندس ۽ اُهي اُنهن ماڻهن جي قدمن ۾ رکندس،. جي اُها لڙائي ٿيڻ نہ ڏيندا.

(4) **هڪ ٻئي ليکہ : منهنجو نظريو ۽ منهنجي اوقات:** ۾ ڪلپنا لکي ٿو:

- مونکي ڪارل مارڪس گهڻو سمجهايو آهي. مگر گانڌيجيءَ جي ’هي رام‘ مونکي

وڏيڪ Enlighten ڪندي آهي. مون لاءِ جهنڊي ڪي تمام گهڻو مٿي ڏنو آهي. مگر اُن ڪان به مٿان مون هڪ ڏن ٻڌي آهي ۽ مان ايامن ڪان اُن ڏُن ۾ ڪوهيل آهيان. اِنڪري ڪڏهن اِئين به لڳندو اٿم ته منهنجي من ۾ آتما مٿان ڪافڪا ۽ پراڻوسٽ جو دخل محض عارضي آهي. مان واقع ٻيو آهيان. مگز وري بابوءِ جيان مڪت ۽ پويتر نه آهيان. انڪري نه مان مغرب جي وڏن مان آهيان ۽ نه مان انسان ۽ جانور جي وچ ۾ راه آهيان. منهنجا ڪردار جڏهن ساتوڪ موڊ ۾ هوندا آهن تڏهن هنن ڪي هردوار جي لڪشمڻ جهولا مان لنگهندي گيتن جا بخار چڙهي ويندا آهن. مگر اُهي جڏهن وحشي ٻڻجي جوهو تي سنان ڪرڻ ويندا آهن تڏهن هنن جي تنهاين ڪي حوس جا نانگ ڏنگڻ لڳندا آهن. مان ڪردار جو هٿ جهلي ڪڏهن مٿي چڪيان ٿو، ڪڏهن زور ڏيئي هيٺ ڪيرايان ٿو، مگر ٻنهي حالتن ۾ اُنهن سان هٿ ملائي هلان ٿو، انڪري ئي منهنجو فن وحشي ۽ ساتوڪ ٻئي آهن.

۽ **هي ڪلپنا جو جيون نرواه وارو پهلوُ:** سندس ئي سٽن ۾:

”... مان سڙڪن جي ٻتين تي اسڪولي ڪتاب پڙهيس ۽ پورا پنج سال بيروزگار رهيس. وچ ۾ ڪي ڏينهن ويسٽ اينڊ هوٽل ۾ ويٽري ڪيم، مل ۾ مزوري ڪيم، 30 رپيا ماهوار پگهار تي سوا سال لئبرري هلايم، ٻه روپيه روز تي ووٽرن جون لسٽون ٺاهيم. مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد مونکي رات جو پائي سمهڻ لاءِ هڪ سٽڙ به نه هوندي هئي. مونکي ڪڏهن ٻئي ويلي جو به ڀروسو ڪونه هوندو هو.

... مون وٽ ته رڳو مان پاڻ هوس، باقي لڙ لهرون لس ليٽ.

.... هند ئو سنڌ مان خط ايندا هئا ته خواب ڏيڻ لاءِ پئسا نه هوندا هئا. چانهه سان گڏ سگريٽ پيئڻ جي عياشي هئي.

ڪٿان ڪتاب اچي ته ردي ۾ وڪڻي پنا وٺي اچان! ائين هڪ دفعي پيار جي پڇاڙي ناول جو دستخط به ڀل وچان وڪڻي آيو هوس.

... اِئين سڳن آهوجا سومر ڏينهن گڏجندو ۽ اَلڳه تيڻ وقت هڪ پائلي ڏيندو هو.

وقت گذريو ته گوبند مالهي ڪيسي ۾ هٿ وجهي سڄي چينج ڏيندو.

... جڏهن اياز ۽ ٻتي هند آيا تڏهن مون اَياز ڪي گهر هلڻ لاءِ نه چيو. پر ٻتيءَ چيو: موهن، مونکي ڏاڙهي لاهڻي آهي، ۽ اُها تنهنجي گهر لاهڻي آهي. مان ڪيس گهر وٺي آيس. هوُ منهنجي غربت جو اندازو لڳائي ويو. افسوس جو اُن

ڏينهن آرسيءَ سان گڏ بليڊ بہ پگهل هو. صابڻ بہ ڪونہ هو. هن ڪپڙن ڌوئڻ جو صابڻ گهريو. پگهل بميڊ سان ڏاڙهي لاٿائين تہ ڪافي ڪٽيون آيس. اڪين ۾ پاڻي ڀرجي آيس.

پٽي جذبي ۾ چيو: 'ان اوندهہ مان هڪ ڏينهن ڪير جهڙو سوجهرو ڦٽي نڪرندو.'

مون چيو، 'اسان جي حالت آڏيون ۽ چاڙهيون ڏٺ ڏهاڙي سومرا!'

موهن ڪلپنا جي مالي حالت جو نرم گرم سلسلو آخر تائين اِئين رهيو. هن خبر نہ ڪيتريون نوڪريون ڪيون. ڪي ڌنڌا بہ ڪيا. آخر ڪن خوابن کي اکين ۾ سنجوئي بند ڪيون. پر ڪڏهن بہ ڪن پنهنجي خودداريءَ کي ۽ پنهنجي فن کي تنگ مالي حال تي ترجيح ڪانہ ڏني. زندگي ۽ فن جو برابر توازن رکيو. اِنعام، اقرام، شُهرت سنمان سندس وٽ آيا. ڪن بزرگ توڙي نئين ٽهيءَ جي ليکڪن جو، هند خواهہ سنڌ جي عوام جو پاٺڪن جو ڀرپور پيار پاتو. عزت پاتي. اُن ڪان وڌيڪ ڪن موت بہ ڏني. اها ئي سندس اَملهہ پونجي هئي. اِهڙي پونجي جنهن تي سيني کي رشڪ ٿئي.

(5) **ڪلپنا هڪ هنڌ لکيو آهي: مون بہ قسم ڪنيا هئا:**

1. مان دکي ۽ پيڙت ماڻهن تي لکندس ۽ اُنهن طرفان لڙندس. ڪڏهن بہ ڪٿي بہ ڪهڙي يگ ۾ ڪنهن سان انياءُ ٿيو تہ مان اُن خلاف پنهنجو آواز بلند ڪندس. مان اُنهن جي طرف ڪان لڙندس جو طرف ڪمزور هوندو.

2. مان انسان جي جسماني سندرتا کي نهايت عزت سان ڏسندس ۽ اُن جو اِن ريت بيان ڪندس تہ اها قدر ڪرڻ ۽ سجائڻ جهڙي چيز آهي.

(6) **ڪلپنا جي 'اُها شام'** ڪتاب جي پٺئين ڪور تي هري موٽواڻي سنڌيءَ تعارف ۾ موهن ڪلپنا کي اديب ۽ مُجاهد سڏيو آهي. سندس ئي لفظن ۾:

- مجاهد انڪري ٿو ڪوٺيان جو هن سنڌي ادب ۾، ادبي داداگيرن ، ادب کي پنهنجو جاگير سمجهڻ وارن ۽ اديبن سان بي انصافيون ڪرڻ وارن سان ايتريون تہ چڪريون ڪاڏيون آهن ۽ پنهنجي قلمي تلوار سان ايترن جون تہ زبانون ۽ ڪنڌ قلم ڪيا آهن. جو اُهي اديب، جن لاءِ هوُ لڙيو ۽ اُهي اديب پڻ- جن لاءِ هوُ لڙندو، ڪيس مرد ميجاهد ڪري مڃيندا آهن. هند ۾ بہ ۽ سنڌ ۾ بہ.

(7) **ڪلپنا جا به پرپور وشواس هت درج آهن: سندس ئي لفظن ۾:**

1. هر سنڌي پنهنجي تهذيب جو هڪ زنده يادگار آهي. هوُ ڪهڙي به ديش ۾ هجي، ڪهڙي به ٻولي ڳالهائيندو هجي، مگر هو سنڌي آهي. اهو هن جي صورت ٻڌائيندي، ڳالهين پنيان لکل صدين جو اَنيؤ ڳالهائيندو. هو ٿوري فائدي، گهٽي وکري جو حامي آهي. هوُ سوڙه ۾ سُري پُري جڳهه ڏيندڙ آهي. هُو ٻئي هٿ جوڙي جهُڙو ٿاريندو آهي. روزمره جي زندگيءَ ۾ هو پنهنجي علم ۽ عقل جا ڪيئي مثال پيش ڪري ٿو. جيتوڻيڪ هوُ اَڄ جي پيچيده زندگ يءَ جي ڳُٿين کي سُلجهائڻ ۾ ڳُٿو آهي. وقت آيو آهي جڏهن هن کي زندگ يءَ جي تضادن کي سمجهي دور ڪرڻو آهي. ۽ پوءِ پنهنجي تهذيب جي ڏيئي سان جڳت ۾ ’جيئو ۽ جيئڻ ڏيو‘ جي سڌانت جو پرڪاش ڪرڻو آهي.

2. مان سنڌي ٻوليءَ جي وهنوارڪ ڪارگريت ختم ٿي چڪي آهي. مگر ٻوليءَ جو هڪ ڪلچرل پهلوُ به آهي. هن ٻولي پنهنجي جاتيءَ جي هڪ يادداشت آهي ۽ ڪابه جاتي پنهنجي يادداشت کوهڻ نه چاهيندي. سنڌي ٻوليءَ جي مرڻ جو سوال نٿو اُٿي. اجا ته سنڌ قائم دائم آهي. هندستان ۾ سنڌي پڻ آرٿڪ طور سلامت ٿيا آهن. هوُ پنهنجي آتما جو ڪنگالپڻو ڏسي رهيا آهن. هوُ اِهو ڪنگالپڻو به دور ڪندا.

ڪن اديبن ڪلپنا کي هڪ ’عظيم فنڪار‘ ڪوٺيو هو. ڪلپنا جو چوڻ آهي ته انهن ڪيس موه وچان ائين چيو آهي ۽ هوُ ان موه جو قدر ڪندي به پنهنجي رچنا تي عظمت جو الائونس وٺڻ کان انڪار آهي.

10 سال اڳ لکيل ڪلپنا جي آتم ڪٿا ۾ آخرين فقرو آهي:
جنهن ۾ شيخ سليم چشتيءَ جي درگاهه ۾ ڪلپنا گوڏا کوڙي، پنهنجو ملڪ سنڌ ڏسڻ جي دعا گهري ٿو.
ڪلپنا لکيو آهي، ’’گوبند مالهي چوي ٿو ته هوُ سنڌ واپس موٽڻ کان اڳه ڪڏهن نه مرندو. پر مان اِئين ئي جلاوطنيءَ ۾ ٻري سڙي ختم ٿي ويندس ۽ پوءِ شايد ڪي ماڻهو ڳالهه ڪندا. ’هڪ هئي سنڌ ۽ هڪ هو موهن ڪلپنا. ٻنهي هڪ ٻئي سان ڏاڍي محبت ڪئي. پر ملي نه سگهيا.‘

(ڪونج- 1994)

(بشڪريه آڪاشواڻي، احمدآباد)

◆◆

# اداڪارطورپڻ ناٽڪن جا آزمودا

✍ ميوري راگهاڻي

آيل/ حاضرين سيني مهانيوين کي منهنجو نمسڪار آهي.

مونکي بيحد خوشي ٿي رهي آهي جو اَڄ مان توهان جي سامهون آهيان ۽ ڊراما جي باري ۾ منهنجو Experience share ڪري رهي آهيان.

مان شڪرگذار آهيان ساهتيہ اڪادميءَ جي ۽ ڀاءُ شري پريم پرڪاش جي ، جن مونکي هن بابت Inviteڪيو. Thank you once again

Theatre لاءِ مان ضرور چوندس.

"Movies will make you famous, Television will make you rich;
Best theatre will make you good."

Theatre ۽ Cultural activities ۾ منهنجي رُچي مون تڏهن اَنيو ڪئي جڏهن مون هوش سنڀاليو. اسڪول ۾ ڪاليج ۾ هر اِن قسم جي Activity ۾ مان ڀاڱو وٺندي هيس.

منهنجي Lifeجو پهريون ناٽڪ شري هرولال راجپال جو لکيل 'گهر جي مسوازي' هو.

اُن ڪان پوءِ مونکي هڪ اَهڙي شخص Approach ڪيو جنهن منهنجي Life Change ڪري ڇڏي. اُنهن جي ناٽڪن ۾ Lead Roleڪندي ڪندي اُنهن جي Life Partner ٿي ويس. ۽ منهنجو سفر شروع ٿيو. اُنهن جو نالو آهي ڪشور راگهاڻي.

اَڄ منهنجي لائيف ۾ هوُ نہ هجن ها تہ مان شايد هن وقت هتي نہ هجان ها.

I thanks to him and my family, for all the support. I have been recieving from them.

